# قرآن شريف جو مطالعو

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ

حصو ٻيو

نالو ________________________________

والد / سرپرست ____________________________

ڪلاس ____________ سيڪشن ____________________

اسڪول ________________________________

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | قرآن شريف جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ (حصو ٻيو) |
| پهريون ڇاپو: | سيپٽمبر ٢٠١٧ع |
| تعداد: | ٥٠٠٠ |
| زير اهتمام: | دي علم فائونڊيشن |
| ايڊريس: | ٦٣/٣ بلاڪ نمبر ٣، دهلي مرڪنٽائل ڪو آپريٽو سوسائٽي، ڪراچي. |
| پوسٽ ڪوڊ: | ٧٤٨٠٠، پاڪستان |
| فون نمبر : | (+٩٢-٢١) ٣٤٣٠٤٤٥٠, ٣٤٣٠٤٤٥١ |
| اي ميل: | tif1430@gmail.com / info@tif.edu.pk |
| ويب سائيٽ: | www.tif.edu.pk |


## ڇپائيندڙ پاران

الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان انتهائي ذميواريءَ سان هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي ته قرآن شريف جو مطالعو جي نصاب کي تمام تر ڪوتاهين کان پاڪ ڪري بهترين ڇپائيءَ جو بندوبست ڪيو وڃي پر جيڪڏهن ڇپائيءَ دوران اعراب، بائينڊنگ يا ٻئي ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي لاشعوري طور تي هجي ۽ اوهان جي نظرن جي سامهون اچي ته اداري کي اطلاع ڏيندا ته جيئن نئين ايندڙ ايڊيشن ۾ انهيءَ کي صحيح ڪجي.

**هي ڪتابَ الله جي رضا لاءِ بنا هديي ڏنا ويندا آهن.**

# مهڙ

قرآن پاڪ، الله پاڪ جو آخري ۽ مڪمل ڪلام آهي. جيڪو اسان جي لاءِ هدايت ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو وسيلو آهي. اسان جي لاءِ قرآن مجيد هڪ فيصلائتي ڪلام جي حيثيت رکي ٿو جيئن الله پاڪ جو فرمان آهي:

"بيشڪ اهو (قرآن) فيصلي ٿيل ڳالهه آهي." (سورة الطارق: آيت ١٣)

هن دنيا ۾ اسان جو ڪمال ۽ زوال قرآن شريف مان ئي لاڳاپيل آهي، جيئن رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: "بيشڪ الله پاڪ هن قرآن جي عوض قومن کي عروج عطا ڪندو ۽ هن کي ڇڏڻ جي ڪري ذليل ۽ بدنام ڪندو." (مسلم)

آخرت ۾ بہ اسان جي ڪاميابيءَ جو دارو مدار قرآن پاڪ سان ئي جڙيل آهي، جيئن نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

"قرآن توهان جي حق ۾ دليل (حجت) هوندو يا توهان جي خلاف هوندو." (مسلم)

تنهن ڪري ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي تہ اسان قرآن پاڪ سان پنهنجو مضبوط لاڳاپو جوڙيون. ان تي دل سان ايمان ۽ يقين رکون. ان جي باقاعده تلاوت ڪريون، ان کي سمجهي ۽ پڙهي مٿس عمل ڪريون ۽ ان کي ٻين تائين پهچائڻ جي جاکوڙ ڪريون. شروعاتي عمر يعني ننڍيءَ عمر ۾ جيڪا ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ويندي آهي، ان جي پڪي پختي هجڻ ۾ دير تائين اثر بابت ڪي بہ متضاد ڳالهيون ۽ رايا ناهن. الحمد لله اسان جي سماج ۾ ننڍي هوندي کان ئي قرآن پاڪ جي ناظره تعليم ۽ قرآن حفظ ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. جنهن ڪري سڄي ڄمار قرآن شريف جي تلاوت ڪري سولو ۽ سهنجو ٿيو پوي. اهڙي طرح ننڍي عمر ۾ ئي قرآن جي معنيٰ ۽ مفهوم يا سمجهاڻي سکڻ ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي تہ اميد آهي تہ قرآني تعليمات کي سمجهڻ ياد رکڻ ۽ عملي زندگيءَ ۾ قرآني هدايتن تي عمل ڪرڻ بہ آسان ٿي پوندو.

قرآن شريف جو مطالعو شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ سولي ۽ عام فهم انداز ۾ شروعاتي عمر وارن لاءِ قرآن پاڪ سان واسطو جوڙڻ ۽ ڳنڍڻ جي هڪ ڳڌيل ۽ منظم ڪوشش آهي. قرآن ڪريم جو هي نصاب شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي سندن ٻيءَ تعليم سان گڏوگڏ يعني موجوده تعليم سان گڏ "اسلاميات" جي عمومي نصاب سان گڏ پڙهايو ويندو. اميد آهي تہ انشاءَ الله ستن سالن (تقريبن ٣٥٠ ڪلاڪن) ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻيون قرآن پاڪ جو مڪمل ترجمو مختصر سمجهاڻي، اهم مضمون ۽ عملي هدايتون کان واقف ۽ سونهان ٿي ويندا. اهڙي طرح انهن جي لاءِ حياتي قرآني تعليمات جي مطابق گذارڻ ممڪن ٿي سگهندي. ائين ماڻهن جي تبديلي هڪ صالح سماج جوڙڻ جو ذريعو بڻجي سگهندو.

الله پاڪ کان دعا آهي تہ هو قرآن شريف جو مطالعو شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ مڪمل ڪري ۽ ان جي تدريس (پڙهائڻ) کي اسان جي لاءِ سهنجو بڻائي. اسان جي انهيءَ محنت ۽ ڪوشش کي قبول فرمائي ۽ جيڪي شاگرد ۽ شاگرديائڻيون ان مان لاڀ حاصل ڪن، فائدو ماڻين، ان کي اسان سڀني جي لاءِ سدائين رهندڙ صدقو بڻائي. (آمين)

# ”قرآن پاڪ جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ“ ان جون خصوصيتون

(١) ”سچي قرآن مجيد“ جي ٥٠ کان وڌيڪ معتبر ۽ عام ترجمن مان سڀ کان سولي ۽ آسان ترجمي کي استعمال ڪيو ويو آهي.

(٢) ”ٻن رنگن جي استعمال“ سان ترجمي کي عربي متن سان ملائي، بامحاورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

(٣) آيتن جي سمجهاڻي مطابق اهم لفظ لکڻ لاءِ سبقن متعلق ڪا بہ شيءِ لکڻ لاءِ سادا صفحا بہ ڏنا ويا آهن.

(٤) ڏکين اصطلاحن ۽ لفظن کان وس وارندي ۽ ڪوشش ڪري پاسو ڪيو ويو آهي.

(٥) ٻارن جي ذهني سطح ۽ سندن دلچسپي کي آڏو رکندي نصاب ترتيب ڏنو ويو آهي، جنهن ڪري ”قرآن پاڪ جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ“ جي پهرين حصي ۾ سورة الفاتحہ، آخري ڏهہ سورتون ۽ ڇهن رسولن سڳورن (حضرت آدم ﷺ، حضرت نوح ﷺ، حضرت هود ﷺ، حضرت صالح ﷺ، حضرت لوط ﷺ ۽ حضرت شعيب ﷺ) جا قصا، حصي ٻئي ۾ ٽيهين پاري جي سوٽن سورة النبا کان سورة الهمزة سان گڏوگڏ حضرت ابراهيم ﷺ ۽ حضرت موسيٰ ﷺ جا قصا، حصي ٽئين ۾ حضرت يوسف ﷺ جو قصو ۽ حصي چوٿين ۾ حضرت زڪريا ﷺ، حضرت مريم عليها السلام، حضرت عيسيٰ ﷺ ۽ حضرت سليمان ﷺ جي قصن سان گڏ مڪي سورتن کي شامل ڪيو ويو آهي. مدني سورتن کي ڇهين حصي ۾ ستين حصي ۾ رکيو ويو آهي.

(٦) سورتن جي مطالعي کان اڳ انهن جو مختصر تعارف ڪرايو ويو آهي.

(٧) رسولن سڳورن عليهم السلام متعلق قرآني آيتن جي مطالعي کان اڳ انهن جي قصن کي آسان ۽ دلچسپ انداز ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي ۽ اهو پڻ تہ انهن قصن ۾ رڳو معتبر مواد کي شامل ڪيو ويو آهي.

(٨) نبين سڳورن عليهم السلام جي قصن کي سٺي نموني سمجهائڻ جي لاءِ نقشن جو بہ استعمال ڪيو ويو آهي تہ جيئن واقعن جي ماڳن مڪانن کان بہ واقفيت حاصل ٿئي.

(٩) هر سورة ۽ قصي جي آخر ۾ ”علم ۽ عمل جون ڳالهيون“ جي عنوان سان نصيحت ڀريا نڪتا، قرآني آيتن جي حوالن سان بيان ڪيا ويا آهن، تہ جيئن قرآن پاڪ جي فڪري ۽ عملي هدايتن کان واقفيت ملي سگهي.

(١٠) هر سورة ۽ قصي بابت اسان ڇا سمجهيو؟ جي عنوان سان دلچسپ مشقن کي شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن شاگردن جي قرآن فهمي يعني قرآن کي سمجهڻ جو جائزو وٺي سگهجي.

(١١) شاگردن کي قرآن پاڪ جي حوالي سان عملي مشق ڪرائڻ جي لاءِ ”گهرو ڪم“ جي عنوان سان مختلف سرگرميون ڏنيون ويون آهن تہ جيئن شاگردن جي گهر وارن جون تعلق بہ قرآن پاڪ سان وڌيڪ جڙي سگهي.

(١٢) شاگردن ۽ شاگردياڻين جي سهولت لاءِ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ الف۔ ب وار ڏني وئي آهي.

(١٣) استادن جي پڙهائڻ جي لاءِ سهڪار ۽ مدد جي لاءِ ”تدريسي هدايتون“ جدا ترتيب ڏنيون ويون آهن.

(١٤) استادن جي مدد جي لاءِ هر آيت سان لاڳاپيل اهم نڪتا ”تدريس لاءِ نڪتا“ جي نالي سان جدا سوال جواب جي صورت ۾ ڏنا ويا آهن.

(١٥) استادن جي مدد لاءِ مڙني مشقن جا جواب بہ الڳ ڏنا ويا آهن.

(١٦) استادن جي سهولت جي لاءِ سبقن جو تعين بہ ڪيو ويو آهي.

(١٧) هن نصاب کي ترتيب ڏيڻ ۾ خاص طور تي اهتمام ۽ بندوبست ڪيو ويو آهي تہ مسلڪي اختلافن جي بيان کان پاسو ڪيو وڃي ۽ انهن ئي معاملن ۽ سمجهاڻين کي سمجهايو وڃي جن تي گهڻو ڪري سڀني جو اتفاق هجي ٿو.

(١٨) هن نصاب کي مرتب ڪرڻ ۾ عالمن سڳورن حافظن سڳورن ۽ استادن ۽ استادياڻين جي گڏيل مشورن ۽ نظرثاني مان لاڀ حاصل ڪئي وئي آهي، فائدو ورتو ويو آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# فهرست


| نمبر شمار | سبق | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ١ | حضرت ابراهيم عليه السلام جو قصو | ٧ |
| ٢ | حضرت موسيٰ عليه السلام جو قصو (حصو پهريون) | ٢٤ |
| ٣ | حضرت موسيٰ عليه السلام جو قصو (حصو ٻيو) | ٣٣ |
| ٤ | حضرت موسيٰ عليه السلام جو قصو (حصو ٽيون) | ٥٧ |
| ٥ | سُوۡرَةُ النَّبَا (سورت نمبر ٧٨، ڪل رڪوع: ٢، آيتون: ٤٠) | ٧٥ |
| ٦ | سُوۡرَةُ النّٰزِعٰت (سورت نمبر ٧٩، ڪل رڪوع: ٢، آيتون: ٤٦) | ٨١ |
| ٧ | سُوۡرَةُ عَبَس (سورت نمبر ٨٠، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٤٢) | ٨٧ |
| ٨ | سُوۡرَةُ التَّكۡوِيۡر (سورت نمبر ٨١، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٢٩) | ٩٣ |
| ٩ | سُوۡرَةُ الۡاِنۡفِطَار (سورت نمبر ٨٢، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ١٩) | ٩٨ |
| ١٠ | سُوۡرَةُ الۡمُطَفِّفِيۡن (سورت نمبر ٨٣، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٣٦) | ١٠٣ |
| ١١ | سُوۡرَةُ الۡاِنۡشِقَاق (سورت نمبر ٨٤، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٢٥) | ١٠٩ |
| ١٢ | هڪ ظالم بادشاهه ۽ مومن ڇوڪري جو قصو | ١١٥ |
| ١٣ | سُوۡرَةُ الۡبُرُوۡج (سورت نمبر ٨٥، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٢٢) | ١١٧ |
| ١٤ | سُوۡرَةُ الطَّارِق (سورت نمبر ٨٦، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ١٧) | ١٢٣ |
| ١٥ | سُوۡرَةُ الۡاَعۡلٰی (سورت نمبر ٨٧، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ١٩) | ١٢٨ |
| ١٦ | سُوۡرَةُ الۡغَاشِيَة (سورت نمبر ٨٨، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٢٦) | ١٣٣ |
| ١٧ | سُوۡرَةُ الۡفَجۡر (سورت نمبر ٨٩، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٣٠) | ١٣٨ |
| ١٨ | سُوۡرَةُ الۡبَلَد (سورت نمبر ٩٠، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٢٠) | ١٤٣ |
| ١٩ | سُوۡرَةُ الشَّمۡس (سورت نمبر ٩١، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ١٥) | ١٤٨ |

| نمبر شمار | سبق | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ٢٠ | سُوْرَةُ الّيل (سورت نمبر ٩٢، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٢٠) | ١٥٣ |
| ٢١ | سُوْرَةُ الضُّحٰی (سورت نمبر ٩٣، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ١١) | ١٥٨ |
| ٢٢ | سُوْرَةُ الْاِنْشِرَاح (سورت نمبر ٩٤، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٨) | ١٦٣ |
| ٢٣ | سُوْرَةُ التِّين (سورت نمبر ٩٥، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٨) | ١٦٨ |
| ٢٤ | پهرين وحيءَ جو قصو | ١٧٣ |
| ٢٥ | سُوْرَةُ الْعَلَق (سورت نمبر ٩٦، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ١٩) | ١٧٤ |
| ٢٦ | سُوْرَةُ الْقَدْر (سورت نمبر ٩٧، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٥) | ١٧٩ |
| ٢٧ | سُوْرَةُ الْبَيِّنَة (سورت نمبر ٩٨، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٨) | ١٨٤ |
| ٢٨ | سُوْرَةُ الزِّلْزَال (سورت نمبر ٩٩، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٨) | ١٨٩ |
| ٢٩ | سُوْرَةُ الْعٰدِيٰت (سورت نمبر ١٠٠، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ١١) | ١٩٤ |
| ٣٠ | سُوْرَةُ الْقَارِعَة (سورت نمبر ١٠١، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ١١) | ١٩٩ |
| ٣١ | سُوْرَةُ التَّكَاثُر (سورت نمبر ١٠٢، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٨) | ٢٠٤ |
| ٣٢ | سُوْرَةُ الْعَصْر (سورت نمبر ١٠٣، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٣) | ٢٠٩ |
| ٣٣ | سُوْرَةُ الْهُمَزَة (سورت نمبر ١٠٤، ڪل رڪوع: ١، آيتون: ٩) | ٢١٣ |
| ٣٤ | قرآن شريف جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ جي مڪمل نصاب جي سيڪڙو ۾ مڪمل تيڱ جي تفصيل | ٢١٦ |

# حضرت ابراهيم ﷺ جو قصو

## حضرت ابراهيم ﷺ جو مقام ۽ مرتبو

حضرت ابراهيم ﷺ، الله پاڪ جا عظيم نبي هئا. الله پاڪ کين ننڍپڻ ۾ ئي سهڻي ۽ سيبتي فطرت، ڏاهپ ۽ هدايت سان نوازيو هو. ڏٺي سڳوري حضرت ابراهيم ﷺ کان ڪيئي وڏا وڏا امتحان ورتا ۽ پاڻ هر امتحان ۽ آزمائش ۾ ڪامياب ٿيا. الله پاڪ حضرت ابراهيم ﷺ کي ٽي خصوصي نسبتون عطا فرمايون. الله پاڪ، حضرت ابراهيم ﷺ کي پنهنجو دوست يعني "خليل الله" بڻايو. الله پاڪ کين سيني انسانن جي لاءِ رهنما يعني "امام الناس" جو مقام ۽ مرتبو عطا ڪيو ۽ الله پاڪ حضرت ابراهيم ﷺ کان پوءِ جيترا بہ نبي سڳوراد نيا ۾ موڪليا اهي سيئي حضرت ابراهيم ﷺ جي اولاد منجهان هئا. انهيءَ ڪري حضرت ابراهيم ﷺ جو هڪ اعزاز ابو الانبيا هجڻ بہ آهي.

### ١ـ حضرت ابراهيم ﷺ جي پنهنجي پيءُ کي توحيد جي دعوت:

حضرت ابراهيم ﷺ هڪ الله پاڪ سان محبت ڪندڙ ۽ بتن کان نفرت ڪندڙ هئا. حضرت ابراهيم ﷺ جي سخت ڪوشش هئي تہ پنهنجي گهروارن کي بتن جي پوڄا کان منع ڪئي ۽ انهن کي الله پاڪ جي عبادت جي طرف مائل ڪن ٿا. حق جي دعوت جي شروعات آزر کي توحيد جي دعوت ڏني جيڪو بت ٺاهيندو ۽ انهن جي پوڄا ڪندو هو. مفسرن جي مشهور راءِ مطابق آزر حضرت ابراهيم ﷺ جي والد جو نالو هو ڪيترن مورخن لکيو آهي تہ سندن والد جو نالو تارخ ۽ ان جو لقب آزر هو ۽ جڏهن تہ ڪجهه ٻين مسفرن جي جماعت مطابق حضرت ابراهيم ﷺ جي والد جو نالو تارخ ۽ چاچي جو نالو آزر هو جيڪو شرڪ ۾ پيئجي ويو هو ۽ چاچي تي عربي ۾ پيءُ بہ ڪري سڏيو ويندو آهي. حضرت ابراهيم ﷺ جي سخت ڪوشش هئي تہ پنهنجي گهر وارن کي بتن جي پوڄا کان منع ڪن ۽ انهن کي الله پاڪ جي عبادت ڏانهن لاڙي ۽ شوق ڏيارين. آزر حضرت ابراهيم ﷺ جو والد هجي يا چاچو بهرحال سندن مائٽي ۾ هڪ قابل احترام بزرگ هو. حضرت ابراهيم ﷺ آزر کي سمجهائيندا هئا تہ هي بت اسان جي ڳالهہ ٻڌي سگهن ٿا ۽ نہ وري اسان جي سڏ جو جواب ڏئي سگهن ٿا. نڪي اسان کي فائدو ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ وري ڪو نقصان پهچائي سگهن ٿا. اسان کي رڳو الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ گهرجي. حضرت ابراهيم ﷺ جي والد سندن ڳالهہ ڪو نہ مڃي ۽ پنهنجي پٽ حضرت ابراهيم ﷺ کي ترجم (يعني پٿر هڻي ڪري مارڻ) ڪرڻ جو دابو ۽ دڙڪو ڏنو ۽ نيٺ گهر کان ڪڍي ڇڏيو. پاڻ پنهنجي والد سان وعدو ڪيائون تہ مان اوهان جي لاءِ الله پاڪ کان دعا گهرندو رهندس. پر جڏهن حضرت ابراهيم ﷺ تي اها ڳالهہ پڌري ٿي پئي تہ آزر الله پاڪ جو دشمن آهي ۽ شرڪ کي ڇڏڻ لاءِ ڪنهن بہ طرح تيار ناهي تہ پاڻ پنهنجي والد آزر سان تعلق ۽ لاڳاپو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيائون.

### ٢ـ حضرت ابراهيم ﷺ جي پنهنجي قوم کي توحيد جي دعوت:

حضرت ابراهيم ﷺ جي قوم مشرڪ هئي، بتن سان گڏوگڏ اها سج، چنڊ ۽ ستارن جي بہ پوڄا ڪندي هئي. حضرت ابراهيم ﷺ پنهنجي قوم جي انهن حرڪتن تي فڪر مند ۽ ڳڻتيءَ ۾ رهندو هو پاڻ ارادو ڪيائون تہ پنهنجي قوم تي ڪوڙن خدائن ۽ معبودن جي حقيقت کي ضرور پڌرو ڪندا ۽ سچي ۽ حقيقي معبود الله پاڪ جي سڃاڻ ڪرائيندا. هڪ رات حضرت ابراهيم ﷺ قوم کي سمجهائڻ لاءِ هڪ روشن ستاري کي ڏسي چيائون تہ ڇا هي منهنجو رب آهي؟ ڪجهہ دير بعد اهو ستارو غائب ٿي ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ مان غائب ٿي ويندڙن کي پسند ناهيان ڪندو ٿوريءَ دير بعد چنڊ نڪتو تہ حضرت ابراهيم ﷺ قوم کي فرمايو تہ ڇا هي چنڊ منهنجو رب آهي؟ ڪجهہ دير کان پوءِ چنڊ بہ لهي ويو. حضرت ابراهيم ﷺ چيو تہ جيڪڏهن منهنجي پالڻهار مون کي هدايت عطا نہ ڪئي هجي ها تہ مان گمراهہ ٿيندڙن مان هجان ها. پوءِ جڏهن سج نڪتو تہ حضرت ابراهيم ﷺ قوم کي سمجهايو تہ

ڇا هي سج منهنجو رب آهي؟ ڇو ته اهو سيني کان وڏو آهي پر جڏهن سج به لهي ويو ته پاڻ پنهنجي قوم تي واضح ڪري ڇڏيائون ته هي ستارا، چنڊ ۽ سج رب نٿا ٿي سگهن. رب ته اهو آهي جنهن انهن کي ۽ سڄي ڪائنات کي خلقيو آهي. انهيءَ ڪري مان الله پاڪ کي ئي پنهنجو رب ۽ خالق سمجهان ٿو. هر قسم جي شرڪ کان منهن موڙي رڳو ان ڏانهن ئي پنهنجو رخ ڪيان ٿو ۽ مان شرڪندڙن منجهان ناهيان.

## ٣_ حضرت ابراهيم عليه السلام بت خاني ۾:

حضرت ابراهيم عليه السلام جي قوم بتن جي به پوڄا ڪندي هئي. انهن جو هڪ وڏو بت خانو ٺهيل هو جنهن ۾ ڪوڙ سارا بت رکيل هئا. قوم وڏي احترام سان انهن بتن جي پوڄا ڪندي هئي، هڪ ڏهاڙي جڏهن سڄي قوم جشن ملهائڻ لاءِ شهر کان ٻاهر ويل هئي ته حضرت ابراهيم عليه السلام قوم جي بتن تي لاچاري ۽ بي وسي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ هڪ ناهوڪي تدبير ڪئي. پاڻ هڪ ڪهاڙو کنيائون ۽ بت خاني ۾ هليا ويا. پاڻ بت خاني ۾ ڏٺائون ته بتن جي آڏو کاڌي پيتي جون شيون رکيل آهن. پاڻ بتن کي مخاطب ٿيندي چيائون ته کائو ڇو نه ٿا؟ ۽ توهان ڳالهايو ڇو نه ٿا؟ پوءِ پاڻ ڪهاڙي کڻي ۽ سيني کان وڏي بت کي ڇڏي، باقي سيني بتن کي ڀڃي ڇڏيائون. حضرت ابراهيم عليه السلام ان وڏي بت کي صحيح سلامت ڇڏي ڏنو ۽ ڪهاڙو به ان جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. جڏهن قوم جشن تان واپس وري ۽ انهن پنهنجي بتن جو اهو حال ڏٺو ته انهن ڪاوڙ وچان پڇيو ته ڪنهن اسان جي بتن سان اهو سلوڪ ڪيو آهي؟ ماڻهن ٻڌايو ته هڪ نوجوان آهي، جنهن جو نالو ابراهيم آهي. اهو ئي اسان جي بتن جي خلاف ڳالهائيندو آهي. ضرور اهو ڪم ان جو ئي آهي. انهن حضرت ابراهيم عليه السلام کي سيني ماڻهن جي آڏو گهرايو ۽ ڪانئس پڇيائون ته ڇا تو انهن بتن جو اهو حال ڪيو آهي؟ حضرت ابراهيم عليه السلام فرمايو ته هن وڏي بت ڪيو هوندو. ان جي ئي ڪلهي تي ڪهاڙو به آهي يا وري هنن بتن کان پڇو ته انهن سان اها تعدي ڪنهن ڪئي آهي؟ قوم چيو ته اهي بت ته ڳالهائي ئي نٿا سگهن. حضرت ابراهيم عليه السلام انهيءَ موقعي جي انتظار ۾ هو. پاڻ فرمايائون ته افسوس آهي توهان تي ۽ هنن بتن تي جن کي توهان پوڄيندا آهيو جيڪي نه ڳالهائي ٿا سگهن نه توهان جي دانهن ڪوڪ ۽ فرياد ٻڌي ٿا سگهن. نڪي توهان کي ڪو فائدو ڏئي ٿا سگهن ۽ نڪي نقصان قوم کي بتن جي لاچاري ۽ بي وسي جو احساس ته ٿي ويو پر انهن پوءِ به اهو طئي ڪيو ته ڪين پنهنجي بتن جي پر ڪٽڻي آهي ۽ ابراهيم عليه السلام کي سخت سزا ڏيڻي آهي. (معاذ الله)

## ٤_ حضرت ابراهيم عليه السلام نمرود بادشاهه جي دربار ۾:

نمرود ان وقت عراق جو بادشاهه هو ۽ پنهنجو پاڻ کي خدا سڏائيندو هو. ماڻهو ان جي به پوڄا ڪندا هئا. جڏهن هن کي خبر پئي ته حضرت ابراهيم عليه السلام ڪيس خدا ڪو نه ٿو مڃي ته هن حضرت ابراهيم عليه السلام کي پاڻ وٽ دربار ۾ گهرايو ۽ پڇيو ته توهان جو خدا ڪير آهي؟ پاڻ وراڻيائون ته الله آهي، جيڪو زنده ڪري ٿو ۽ ماري به ٿو. نمرود چيو ائين ته مان به ڪري سگهان ٿو هن هڪ کي موت جي سزا آيل ڏوهاريءَ کي ڇڏي ڏنو ۽ هڪ بي گناهه کي قتل ڪرائي ڇڏيو. جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام اهو معاملو ڏٺو ته چيائين ته منهنجو رب ته اهو آهي جيڪو سج اوڀر کان اڀاري ٿو. جيڪڏهن تون خدا آهين ته اولهه کان سج ڪڍي ڏيکار. انهيءَ تي اهو نمرود ڪافر حيران ۽ پريشان ٿي ويو.

## ٥_ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ نمرود بادشاهه جي باهه:

نمرود جي حڪم تي حضرت ابراهيم عليه السلام کي سزا ڏيڻ جي لاءِ باهه جو هڪ وڏو اوڙاهه تيار ڪيو ويو ۽ جڏهن باهه جا ڦيڻ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا ته انهن حضرت ابراهيم عليه السلام کي انهيءَ باهه ۾ اُڇلايو. بت پرستن جو خيال هو ته حضرت ابراهيم عليه السلام ڪجهه ئي گهڙين ۾ سڙي رک ٿي ويندا. الله پاڪ باهه کي حڪم ڏنو ته: ”اي باهه! ٿڌي ٿي وڃ ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام تي سلامتيءَ واري ٿي وڃ.“ پوءِ اها باهه حضرت ابراهيم عليه السلام جي لاءِ سلامتيءَ واري ٻڻجي وئي ۽ الله پاڪ کين باهه جي تڪليف کان محفوظ رکيو.

## ٦_ حضرت ابراهيم ﷺ جي هجرت:

حضرت ابراهيم ﷺ قوم ڪي ارڏائي ۽ ڏاڍائي ۽ ڪفر تي جمي بيٺل ڏٺو ته الله پاڪ جي رضا جي لاءِ عراق ڪان شام ۽ مصر ڏانهن هجرت جو ارادو ڪيو. حضرت ابراهيم ﷺ سان سندن گهر واري حضرت ساره عليها السلام ۽ سندن ڀائيٽيو حضرت لوط ﷺ به هو. حضرت لوط ﷺ جي والد جو نالو هاران هو. الله پاڪ حضرت لوط ﷺ کي اردن جي وستين عموره ۽ سدوم ڏانهن رسول بڻائي موڪليو. جڏهن حضرت ابراهيم ﷺ مصر پهتا ته اتي مصر جي بادشاهه جي ڌيءَ حضرت حاجره عليها السلام سان حضرت ابراهيم ﷺ جي شادي ٿي.

## ٧_ حضرت ابراهيم ﷺ جي گهر حضرت اسماعيل ﷺ جو پيدا ٿيڻ ۽ الله پاڪ جي طرفان امتحان:

الله پاڪ، حضرت ابراهيم ﷺ کي پوڙهاپ ۾ حضرت اسماعيل ﷺ عطا فرمايو هو حضرت ابراهيم ﷺ جا پهريان پٽ هئا. حضرت ابراهيم ﷺ کي حضرت اسماعيل ﷺ سان ڏاڍي محبت هئي. الله پاڪ حضرت ابراهيم ﷺ کي آزمايو ۽ حڪم ڏنو ته پنهنجي گهر واري حضرت هاجره عليها السلام ۽ ننڍڙي پٽ حضرت اسماعيل ﷺ کي هڪ بنجر ۽ غير آباد واري جڳهه يعني مڪي ۾ ڇڏي اچن. حضرت ابراهيم ﷺ الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪئي ۽ پنهنجي گهر واري ۽ پٽ کي مڪي ۾ خانه ڪعبه وٽ ڇڏي آيا. حضرت ابراهيم ﷺ حضرت حاجره عليها السلام کي ڪجهه کارڪون ۽ پاڻي ڏنو ۽ واپس موٽي آيا. حضرت هاجره عليها السلام حضرت ابراهيم ﷺ جي پويان آئي ۽ پڇيائين ته اوهان اسان کي هن واديءَ ۾ ڇڏي ڪيڏانهن پيا وڃو. هن واديءَ ۾ نه ڪوئي رهي ٿو ۽ نڪي کاڌي پيتي لاءِ ڪجهه آهي. حضرت هاجره عليها السلام اهو سوال ڪيترائي دفعا ڪيو جنهن تي حضرت ابراهيم ﷺ ماٺ رهيا. حضرت هاجره عليها السلام پڇيو ته ڇا اوهان کي اهو حڪم الله پاڪ فرمايو آهي؟ حضرت ابراهيم ﷺ فرمايو جي ها. حضرت هاجره عليها السلام چيو ته پوءِ ٺيڪ آهي. الله پاڪ اسان کي نه وڃائيندو ۽ پوءِ واپس موٽي وئي.

## ٨_ عظيم ٻارڙي جي لاءِ عظيم ماءُ جي بي قراري:

جلد ئي پاڻي ۽ کارڪون ختم ٿي ويون. حضرت اسماعيل ﷺ بک ۽ اڃ جي ڪري بي چين ٿي ويا. حضرت حاجره عليها السلام بي قرار ٿي ڪري ڪڏهن صفا نالي ٽڪري تي چڙهي پئي وئي ۽ پري تائين واجهائڻ لڳي پئي ته متان پاڻي يا ڪو قافلو نظر اچي. وري سامهون موجود ٻيءَ ٽڪري مروه تي چڙهي ويجي پئي ۽ ٻنهي ٽڪرين جي وچ وارو رستو ڊوڙي طئي ڪري رهي هئي ته جيئن حضرت اسماعيل ﷺ گهڻي دير نظرن کان پري نه رهن. اهڙيءَ طرح هن انهن ٽڪرين جي وچ ۾ ست چڪر لڳايا. الله پاڪ کي ان جو اهو عمل بيحد وڻيو جو انهيءَ عمل کي عمري ۽ حج جو هڪ حصو بڻائي ڇڏيو. انهيءَ عمل کي ”سعي“ چوندا آهن.

## ٩_ آب زم زم ۽ مڪي شهر جو آباد ٿيڻ:

الله پاڪ انهيءَ جڳهه جي ويجهو جتي حضرت اسماعيل ﷺ ليٽيل هئا، پاڻي جاري ڪري ڇڏيو. حضرت حاجره عليها السلام پاڻي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ ٻنهي هٿن سان پاڻي روڪڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ”زم زم“ يعني بيهي وڃ بيهي وڃ. ڪجهه عرصي کانپوءِ پاڻي ڏسي هڪ قبيلو بنو جرهم به اتي اچي ترسيو اهڙي طرح مڪو شهر آباد ٿي ويو.

## ١٠_ عظيم پيءُ ۽ پٽ جي سڀ کان وڏي قرباني:

حضرت ابراهيم ﷺ ڪڏهن ڪڏهن ملاقات جي لاءِ ايندا رهندا هئا. حضرت اسماعيل ﷺ جڏهن ڪجهه وڏا ٿيا ۽ پنهنجي والد سان ڪمن ڪارين ۾ هٿ ونڊائڻ لڳا ته الله پاڪ، حضرت ابراهيم ﷺ جو هڪ تمام وڏو امتحان ورتو. حضرت ابراهيم ﷺ خواب ڏٺو ته پنهنجي سڪيلڌي ۽ پياري پٽ حضرت اسماعيل ﷺ کي ذبح ڪري رهيا آهن. نبين سڳورن عليهم السلام جا خواب سچا هوندا آهن. اهڙيءَ ريت حضرت ابراهيم ﷺ اهو خواب حضرت

اسماعيل ﷺ کي ٻڌايو ۽ ان کان پڇيائون تہ انهيءَ باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ حضرت اسماعيل ﷺ وراڻيو ” بابا سائين! جنهن ڳالهہ جو اوهان کي حڪم فرمايو پيو وڃي انهيءَ تي عمل ڪيو. اوهان انشاءَ الله مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندئو. “ ٻئي پيءُ پٽ الله پاڪ جي حڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. حضرت ابراهيم ﷺ، حضرت اسماعيل ﷺ کي پيشانيءَ ڀر اونڌو ڪري سمهاريو ۽ قربان (ذبح) ڪرڻ وارا هئا تہ الله پاڪ پڪاريو ”اي ابراهيم! تو پنهنجو خواب سچو ڪري ڏيکاريو“ حضرت اسماعيل ﷺ جي جاءِ تي هڪ دنبو (گهيٽو) ان جي بدلي ۾ قربان ڪيو ويو. اهو هڪ تمام وڏو امتحان هو جنهن ۾ حضرت ابراهيم ﷺ ڪامياب ٿيا. اسان انهيءَ واقعي جي يادگيريءَ طور هر سال عيدالاضحيٰ ملهائيندا آهيون ۽ قرباني ڪندا آهيون.

## ١١۔ حضرت ابراهيم ﷺ ۽ حضرت اسماعيل ﷺ جو خانہ ڪعبہ جي اڏاوت ڪرڻ:

خانہ ڪعبہ ڌرتيءَ تي پهريون گهر هيو جيڪو الله پاڪ جي عبادت لاءِ ٺاهيو ويو هو. حضرت نوح ﷺ جي زماني ۾ ايندڙ زبردست طوفان ڪانپوءِ خانہ ڪعبہ جا رڳو بنياد وڃي باقي رهيا هئا تہ حضرت ابراهيم ﷺ ۽ حضرت اسماعيل ﷺ خانہ ڪعبي جي ٻيهر اڏاوت ڪئي. حضرت اسماعيل ﷺ ويجهو جبلن تان پٿر ڪٽي ايندا هُئا ۽ حضرت ابراهيم ﷺ انهن پٿرن سان خانہ ڪعبہ جي اڏاوت ڪندا پئي ويا. گڏوگڏ ٻئي الله پاڪ کان دعا پيا گهرن تہ ” يا الله ! اسان جي هن ڪم کي قبول فرماءِ. بيشڪ تون سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻڻ وارو آهين. يا الله! اسان کي ۽ اسان جي اولاد منجهان هڪ جماعت کي پنهنجو فرمانبردار ٻڻاءِ ۽ اسان کي پنهنجي عبادت جا طريقا سيکار ۽ اسان جي توبهہ قبول فرماءِ. بيشڪ تون ڏاڍي توبهہ قبول ڪرڻ وارو ۽ سدائين ٻاجهارو آهين.

## ١٢۔ حج جو سڏ:

خانہ ڪعبہ ٺهي وڃڻ تي الله پاڪ حضرت ابراهيم ﷺ کي حڪم فرمايو تہ مون سان گڏ ڪنهن کي شريڪ نہ ڪجو. منهنجي گهر کي طواف ڪرڻ وارن رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ وارن جي لاءِ پاڪ صاف رکجو. وڌيڪ فرمايو تہ ماڻهن کي حج جي لاءِ سڏيندا رهو تہ ماڻهو توهان ڏانهن دنيا جي هر علائقي کان ڪهي ايندا. اج بہ انهيءَ سڏ ۽ پڪار جي موٽ ۾ سڄي دنيا کان مسلمان حج جي لاءِ وڃن ٿا.

## ١٣۔ حضرت ابراهيم ﷺ جي گهر اوپرن مهمانن جو اچڻ:

هڪ ڀيري حضرت ابراهيم ﷺ جي گهر ڪجهہ اوپرا مهمان آيا. هنن حضرت ابراهيم ﷺ کي سلام ڪيو پاڻ سلام جو جواب ڏنائون پوءِ پاڻ هڪدم مهمانن جي لاءِ ڪاڏو ڪٺي آيا. پر حضرت ابراهيم ﷺ اهو ڏسي ڏنا جو مهمان کاڌي ڏانهن هٿ ئي ڪو نہ پيا وڌائين. مهمانن حضرت ابراهيم ﷺ جو ڊپ ختم ڪندي چيو تہ اسان انسان ناهيون بلڪ اوهان جي رب طرفان موڪليل ملائڪ آهيون. اسان کي حضرت لوط ﷺ جي قوم کي سزا ڏيڻ لاءِ موڪليو ويو آهي. گڏوگڏ انهن حضرت ابراهيم ﷺ کي هڪ ٻئي پٽ حضرت اسحاق ۽ پوٽي حضرت يعقوب ﷺ جي خوشخبري ڏني. حضرت ابراهيم ﷺ کان پوءِ دنيا ۾ جيترا بہ نبي سڳورا آيا. اهي حضرت ابراهيم ﷺ جي اولاد منجهان هئا. جن ۾ آخري نبي ۽ رسول حضرت محمد ﷺ جن تي نبوت جو سلسلو مڪمل ٿي ويو.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

## حضرت ابراهيم عليه السلام جي پنهنجي والد ۽ پنهنجي قوم کي توحيد جي دعوت (سورت الانعام آيت: ٧٤ کان ٨٣)

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ اَصْنَامًا اٰلِهَةً ۚ اِنِّيْٓ اَرٰىكَ وَقَوْمَكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٤﴾

۽ جڏهن چيو ابراهيم پنهنجي پيءُ آزر کي ڇا تون وٺين ٿو بتن کي الله (معبود) ڪري بيشڪ آءٌ ڏسان ٿو توکي ۽ تنهنجي قوم کي پڌري گمراهي ۾

وَكَذٰلِكَ نُرِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلِيَكُوْنَ مِنَ الْمُوْقِنِيْنَ ﴿٧٥﴾

۽ اهڙي طرح اسان ڏيکاريون ٿا ابراهيم کي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيئن (ته) ٿئي يقين ڪندڙن مان

فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ الَّيْلُ رَاٰ كَوْكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ

پوءِ جڏهن ڇانئجي وئي ان تي رات (ته) ان ڏٺو تارو (ابراهيم) چيو هي منهنجو رب آهي پوءِ جڏهن اهو لهي ويو

قَالَ لَآ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ ﴿٧٦﴾ فَلَمَّا رَاَ الْقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ

(ته) چيائين نه ٿو آءٌ پسند ڪريان لهي ويندڙن کي پوءِ جڏهن ان ڏٺو چنڊ کي چمڪندڙ (ته) ان چيو هي منهنجو رب آهي

فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَئِنْ لَّمْ يَهْدِنِيْ رَبِّيْ لَاَكُوْنَنَّ مِنَ الْقَوْمِ الضَّآلِّيْنَ ﴿٧٧﴾

پوءِ جڏهن اهو لهي ويو ته چيائين جيڪڏهن نه هدايت ڪئي مون کي منهنجي رب ته يقينن آءٌ ٿيندس گمراهه قوم مان

فَلَمَّا رَاَ الشَّمْسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيْ هٰذَآ اَكْبَرُ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَتْ

وري جڏهن ان (ابراهيم) ڏٺو سج کي روشن (ته) ان چيو هي منهنجو رب آهي هي گهڻو وڏو آهي پوءِ جڏهن اهو لهي ويو ته ان

قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿٧٨﴾ اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ

چيو اي منهنجي قوم يقينن آءٌ بيزار آهيان انهن کان جن کي توهان شريڪ بڻايو ٿا بيشڪ مون متوجهه ڪيو پنهنجو منهن

لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٧٩﴾ وَحَآجَّهٗ قَوْمُهٗ ؕ

ان ذات لاءِ جنهن پيدا ڪيو آسمانن کي ۽ زمين کي (باطل مذهبن کان) هڪ طرفو ٿي ۽ نه آهيان آءٌ مشرڪن مان ۽ جهڳڙو ڪيو ان سان سندس قوم

قَالَ اَتُحَآجُّوْٓنِّيْ فِي اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنِ ؕ وَلَآ اَخَافُ

(ته) ان (ابراهيم) چيو ڇا توهان جهڳڙو ٿا ڪريو مون سان الله ۾ حالانڪ تحقيق ان هدايت ڪئي مون کي؟ ۽ نه ٿو آءٌ ڊڄان

مَا تُشْرِكُوْنَ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ رَبِّيْ شَيْئًا ؕ وَسِعَ رَبِّيْ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ

انهن کان جن کي توهان شريڪ بڻايو ٿا ان (الله) سان مگر (هن کان ڊڄان ٿو) ته (پهچائڻ) گهري منهنجو رب ڪا (تڪليف) سمايو آهي منهنجي رب هر شيءِ کي (پنهنجي) علم ۾

اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَكَيْفَ اَخَافُ مَآ اَشْرَكْتُمْ وَلَا تَخَافُوْنَ

ڇا پوءِ نه ٿا توهان نصيحت وٺو ۽ ڪيئن آءٌ ڊڄندس انهن کان جن کي توهان شريڪ بڻايو ٿا جڏهن (ته) نه ٿا توهان ڊڄو

اَنَّكُمۡ اَشۡرَكۡتُمۡ بِاللّٰهِ مَا لَمۡ يُنَزِّلۡ بِهٖ عَلَيۡكُمۡ سُلۡطٰنًا ؕ فَاَىُّ الۡفَرِيۡقَيۡنِ اَحَقُّ بِالۡاَمۡنِ ۚ

(هاڻ ٻڌايو ته) جو توهان شريڪ ڪريو ٿا الله سان ان ڪي جو نه نازل ڪيائين جنهن جو توهان تي ڪو دليل پوءِ ڪهڙو ٻنهي ٽولن مان وڌيڪ حقدار آهي امن جو

اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۸۱﴾ اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَلَمۡ يَلۡبِسُوۡۤا اِيۡمَانَهُمۡ بِظُلۡمٍ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ الۡاَمۡنُ

(ٻڌايو) جيڪڏهن آهيو توهان ڄاڻو ٿا جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نه انهن ملايو پنهنجي ايمان کي ظلم (شرڪ) سان اهي ئي ماڻهو انهن لاءِ امن آهي

وَهُمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ ﴿۸۲﴾ وَتِلۡكَ حُجَّتُنَاۤ اٰتَيۡنٰهَاۤ اِبۡرٰهِيۡمَ عَلٰى قَوۡمِهٖ ؕ

۽ اهي ئي هدايت يافته آهن ۽ اها آهي اسان جي حجت (دليل) اسان ڏني هئي اها ابراهيم کي سندس قوم تي (مقابلي لاءِ)

نَرۡفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنۡ نَّشَآءُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيۡمٌ عَلِيۡمٌ ﴿۸۳﴾

اسان بلند ڪريون ٿا درجا جنهن جا اسان گهرون ٿا بيشڪ تنهنجو رب حڪمت وارو علم وارو آهي.

## حضرت ابراهيم عليه السلام جو مقام ۽ مرتبو (سورت الانعام آيت : ۸۴ کان ۹۰)

وَوَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ وَيَعۡقُوۡبَ ؕ كُلًّا هَدَيۡنَا ۚ

۽ اسان عطا ڪيو ان (ابراهيم) کي اسحاق ۽ يعقوب سيني کي اسان هدايت ڪئي

وَنُوۡحًا هَدَيۡنَا مِنۡ قَبۡلُ وَمِنۡ ذُرِّيَّتِهٖ دَاوٗدَ وَسُلَيۡمٰنَ وَاَيُّوۡبَ وَيُوۡسُفَ

۽ نوح کي اسان هدايت ڪئي هن کان اڳي ۽ ان جي اولاد مان داؤد ۽ سليمان ۽ ايوب ۽ يوسف

وَمُوۡسٰى وَهٰرُوۡنَ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡمُحۡسِنِيۡنَ ۙ﴿۸۴﴾

۽ موسيٰ ۽ هارون ۽ اهڙي طرح اسان بدلو ڏيون ٿا ڀلائي ڪندڙن کي

وَزَكَرِيَّا وَيَحۡيٰى وَعِيۡسٰى وَاِلۡيَاسَ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيۡنَ ۙ﴿۸۵﴾

۽ (هدايت ڪئي سون) زڪريا ۽ يحيٰ ۽ عيسيٰ ۽ الياس کي سڀ صالحن مان هئا

وَاِسۡمٰعِيۡلَ وَالۡيَسَعَ وَيُوۡنُسَ وَلُوۡطًا ؕ وَكُلًّا فَضَّلۡنَا عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ﴿۸۶﴾

۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ يونس ۽ لوط کي (ٻ) ۽ (انهن) سيني کي اسان فضيلت ڏني جهان وارن تي

وَمِنۡ اٰبَآئِهِمۡ وَذُرِّيّٰتِهِمۡ وَاِخۡوَانِهِمۡ ۚ وَاجۡتَبَيۡنٰهُمۡ وَهَدَيۡنٰهُمۡ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۸۷﴾

۽ انهن جي ابن ڏاڏن مان ڪجهه کي ۽ انهن جي اولاد ۽ انهن جي ڀائرن مان ۽ اسان چونڊيو انهن کي ۽ اسان هدايت ڪئي انهن کي سڌي رستي ڏانهن

ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهۡدِىۡ بِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ ؕ

اها الله جي هدايت آهي اهو هدايت ڪري ٿو ان سان جنهن کي اهو گهري ٿو پنهنجن ٻانهن مان

وَلَوۡ اَشۡرَكُوۡا لَحَبِطَ عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۸۸﴾

۽ جيڪڏهن اهي شرڪ ڪن ٿا ته ضرور برباد ٿين ها انهن کان جيڪو ڪجهه هئا اهي عمل ڪندا

# اهم نقطا

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ۚ فَإِنْ يَكْفُرْ بِهَا هَٰؤُلَاءِ

اِهي اُهي ماڻهو آهن جو اسان ڏنو انهن کي ڪتاب ۽ حڪم ۽ نبوت پوءِ جيڪڏهن ڪفر ڪندا انهن (ڳالهين) سان ڳڏ هي (موجوده زماني جا ڪافر)

فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا قَوْمًا لَيْسُوا بِهَا بِكَافِرِينَ ﴿٨٩﴾

تہ تحقيق اسان مقرر ڪئي انهن (ڳالهين) لاءِ اهڙي قوم (جو) نہ تيندي ان جو انڪار ڪندڙ

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ هَدَى اللَّهُ فَبِهُدَاهُمُ اقْتَدِهْ ۗ

اهي ماڻهو آهن جن کي هدايت ڪئي الله پوءِ انهن جي طريقي جي تون پيروي ڪر چؤ نہ تو آءٌ گهران تون پيروي ڪر

قُلْ لَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا ۖ إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرَىٰ لِلْعَالَمِينَ ﴿٩٠﴾

چؤ نہ تو آءٌ گهران ان تي ڪا اجرت نہ آهي اهو مگر نصيحت جهان وارن لاءِ

## حضرت ابراهيم عليه السلام جي والد ۽ قوم کي توحيد جي دعوت (سورت الشعراءَ آيت : ٦٩ کان ٧٧)

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَأَ إِبْرَاهِيمَ ﴿٦٩﴾ إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ مَا تَعْبُدُونَ ﴿٧٠﴾

۽ تون تلاوت ڪر انهن (ڪفار مڪہ) تي خبر ابراهيم جي جڏهن ان چيو پنهنجي پيءُ کي ۽ پنهنجي قوم کي ڪنهن جي توهان عبادت ڪريو ٿا

قَالُوا نَعْبُدُ أَصْنَامًا فَنَظَلُّ لَهَا عَاكِفِينَ ﴿٧١﴾ قَالَ

انهن چيو اسان عبادت ڪريون ٿا بتن جي ۽ اسان هميشہ آهيون انهن جي (آڏو) (تعظيم سان) ويهندڙ ان (ابراهيم) چيو

هَلْ يَسْمَعُونَكُمْ إِذْ تَدْعُونَ ﴿٧٢﴾ أَوْ يَنْفَعُونَكُمْ أَوْ يَضُرُّونَ ﴿٧٣﴾ قَالُوا

ڇا اهي ٻڌن ٿا توهان جو جڏهن توهان پڪاريو ٿا (انهن کي؟) يا اهي فائدو ڏين ٿا توهان کي يا نقصان ڏين ٿا؟ انهن چيو

بَلْ وَجَدْنَا آبَاءَنَا كَذَٰلِكَ يَفْعَلُونَ ﴿٧٤﴾ قَالَ أَفَرَأَيْتُمْ مَا كُنْتُمْ تَعْبُدُونَ ﴿٧٥﴾

(نہ ٿا) پر اسان لڌو پنهنجن پيءُ ڏاڏن کي اهڙي طرح اهي ڪندا هئا ان (ابراهيم) چيو ڇا پوءِ توهان ڏٺو جنهن جي آهيو توهان عبادت ڪندا

أَنْتُمْ وَآبَاؤُكُمُ الْأَقْدَمُونَ ﴿٧٦﴾ فَإِنَّهُمْ عَدُوٌّ لِي إِلَّا رَبَّ الْعَالَمِينَ ﴿٧٧﴾

توهان ۽ توهان جا پيءُ ڏاڏا اڳيان پوءِ بيشڪ اهي دشمن آهن منهنجا سواءِ رب العالمين جي

## حضرت ابراهيم عليه السلام جو توحيد جو اعلان (سورت الشعراءَ آيت : ٧٨ کان ٨٢)

الَّذِي خَلَقَنِي فَهُوَ يَهْدِينِ ﴿٧٨﴾ وَالَّذِي هُوَ يُطْعِمُنِي وَيَسْقِينِ ﴿٧٩﴾ وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِينِ ﴿٨٠﴾

اهو جنهن پيدا ڪيو مون کي پوءِ اهوئي منهنجو رهنماءَ آهي ۽ جيڪو (رب) اهوئي کارائي ٿو مون کي ۽ پياري ٿو مون کي ۽ جڏهن آءٌ بيمار ٿيان ٿو پوءِ اهوئي شفا ڏئي ٿو مون کي

وَالَّذِي يُمِيتُنِي ثُمَّ يُحْيِينِ ﴿٨١﴾ وَالَّذِي أَطْمَعُ أَنْ يَغْفِرَ لِي خَطِيئَتِي يَوْمَ الدِّينِ ﴿٨٢﴾

۽ اهو جو ماريندو مون کي وري جياريندو مون کي ۽ اهو جو آءٌ اميد رکان ٿو تہ اهو بخشيندو مون کي منهنجا گناهہ قيامت جي ڏينهن

## حضرت ابراهيم عليه السلام جون الله پاڪ کان دعائون (سورت الشعراءَ آيت: ٨٣ کان ٨٨)

رَبِّ هَبْ لِيْ حُكْمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَاجْعَلْ لِّيْ لِسَانَ صِدْقٍ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿٨٤﴾

اي منهنجا رب! تون عطا ڪر مون کي حڪمت ۽ ملاءِ مون کي صالح ماڻهن سان ۽ تون ٻڌاءِ مون لاءِ زبان سچائي جي (۽ باقي رک منهنجو ذڪر خير) پوين ماڻهن ۾

وَاجْعَلْنِيْ مِنْ وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيْمِ ﴿٨٥﴾ وَاغْفِرْ لِاَبِيْٓ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٨٦﴾

۽ بڻاءِ مون کي وارثن مان جنت نعمتن واري جو ۽ تون بخش منهنجي پيءُ کي بيشڪ اهو آهي گمراهن مان

وَ لَا تُخْزِنِيْ يَوْمَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٨٧﴾ يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوْنَ ﴿٨٨﴾

۽ نه تون خوار ڪر مون کي ان ڏينهن جو اهي (سڀ) ٻيهر اٿاريا ويندا جنهن ڏينهن نه فائدو ڏيندو مال ۽ نه پٽ (اولاد)

## قيامت جي ڏينهن فرمانبردار ۽ نافرمانن جو انجام (سورت الشعراءَ آيت: ٨٩ کان ١٠٤)

اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿٨٩﴾ وَ اُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٩٠﴾

مگر (ان تي) جيڪو آيو (حاضر ٿيو) الله وٽ قلب سليم سان ۽ ويجهو ڪيو ويندو بهشت پرهيزگارن لاءِ

وَ بُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِلْغٰوِيْنَ ﴿٩١﴾ وَقِيْلَ لَهُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ﴿٩٢﴾ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

۽ ظاهر ڪيو ويندو جهنم گمراهن لاءِ ۽ چيو ويندو انهن کي ڪٿي آهن اهي جن جي هئا توهان عبادت ڪندا سواءِ الله جي؟

هَلْ يَنْصُرُوْنَكُمْ اَوْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿٩٣﴾ فَكُبْكِبُوْا فِيْهَا هُمْ وَالْغَاوٗنَ ﴿٩٤﴾ وَجُنُوْدُ اِبْلِيْسَ

ڇا اهي مدد ڪن ٿا توهان جي يا اهي بدلو وٺن ٿا؟ پوءِ اهي اونڌا اڇليا ويندا ان ۾ اهي ۽ (سڀ) گمراهه (ماڻهو) ۽ ابليس جا لشڪر

اَجْمَعُوْنَ ﴿٩٥﴾ قَالُوْا وَهُمْ فِيْهَا يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٩٦﴾ تَاللّٰهِ اِنْ كُنَّا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٧﴾

سارا اهي چوندا جڏهن ته اهي ان ۾ جهيڙو ڪندا الله جو قسم بيشڪ هئاسون اسان البت پڌري گمراهي ۾

اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَمَآ اَضَلَّنَآ اِلَّا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٩٩﴾

جڏهن اسان برابر ڪريون پيا توهان کي رب العالمين سان ۽ نه گمراهه ڪيو اسان کي مگر ڏوهارين

فَمَا لَنَا مِنْ شَافِعِيْنَ ﴿١٠٠﴾ وَلَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً

پوءِ ناهي اسان لاءِ ڪوئي سفارش ڪندڙ ۽ نه ڪوئي دوست مخلص پوءِ جيڪر ته بيشڪ اسان لاءِ هڪ ڀيرو (ٿئي دنيا ۾) موٽڻ

فَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾

ته ٿيون اسان ايمان وارن مان بيشڪ هن (قصي ابراهيم) ۾ البت (وڏي) نشاني آهي ۽ نه هئا انهن جا گهڻا ايمان آڻيندڙ

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾

۽ بيشڪ تنهنجو رب البت اهو آهي نهايت زبردست رحم وارو

## حضرت ابراهيم عليه السلام جي والد کي توحيد جي دعوت (سورت الانبياءَ آيت : ٥١ کان ٥٧)

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَآ اِبْرٰهِيْمَ رُشْدَهٗ مِنْ قَبْلُ وَ كُنَّا بِهٖ عٰلِمِيْنَ ﴿٥١﴾ ج

۽ البت تحقيق اسان ڏني هئي ابراهيم کي سندس هدايت هن کان اڳ ۽ هئاسون اسان ان کي گهڻو چاڻندڙ

اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَ قَوْمِهٖ مَا هٰذِهِ التَّمَاثِيْلُ الَّتِيْٓ اَنْتُمْ لَهَا عٰكِفُوْنَ ﴿٥٢﴾

جڏهن ان چيو پنهنجي پيءُ کي ۽ پنهنجي قوم کي ڇا آهن هي مورتيون اهو جو آهيو توهان انهن جي اڳيان (تعظيم کان) ويهندڙ؟

قَالُوْا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا لَهَا عٰبِدِيْنَ ﴿٥٣﴾ قَالَ لَقَدْ كُنْتُمْ اَنْتُمْ وَ اٰبَآؤُكُمْ

انهن چيو اسان لڌو آهي پنهنجي پيءَ ڏاڏن کي انهن جي عبادت ڪندڙ ان (ابراهيم) چيو البت تحقيق آهيو توهان پاڻ ۽ (هئا) توهان جا پيءُ ڏاڏا

فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٥٤﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا بِالْحَقِّ اَمْ اَنْتَ مِنَ اللّٰعِبِيْنَ ﴿٥٥﴾

پڌري گمراهي ۾ انهن چيو ڇا تو آندو آهي اسان وٽ يا تون راند ڪندڙن مان آهين؟

قَالَ بَلْ رَّبُّكُمْ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ الَّذِيْ فَطَرَهُنَّ ز وَ اَنَا عَلٰى ذٰلِكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٥٦﴾

ان (ابراهيم) چيو پر توهان جو رب آسمانن جو رب آهي ۽ زمين جو جنهن پيدا ڪيو انهن کي ۽ آءٌ ان (ڳالهه) تي شاهدي ڏيندڙن مان آهيان

وَ تَاللّٰهِ لَاَكِيْدَنَّ اَصْنَامَكُمْ بَعْدَ اَنْ تُوَلُّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿٥٧﴾

۽ الله جو قسم! البت آءٌ ضرور مرمت ڪندس توهان جي بتن جي هن کان پوءِ جو توهان ويندؤ پٺي ڦيري ڪري

## حضرت ابراهيم عليه السلام بت خاني ۾ (سورت الانبياءَ آيت: ٥٨ کان ٦٧)

فَجَعَلَهُمْ جُذٰذًا اِلَّا كَبِيْرًا لَّهُمْ لَعَلَّهُمْ اِلَيْهِ يَرْجِعُوْنَ ﴿٥٨﴾

پوءِ ان ڪيا انهن جا ڪيترائي ٽڪرا سواءِ انهن جي هڪ وڏي جي (ان کي ڇڏي ڏنائين) من اهي ان ڏانهن رجوع ڪن

قَالُوْا مَنْ فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَآ اِنَّهٗ لَمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٩﴾

انهن چيو ڪنهن ڪيو آهي هي (ڪم) اسان جي معبودن سان؟ بيشڪ اهو البت ظالمن مان آهي

قَالُوْا سَمِعْنَا فَتًى يَّذْكُرُهُمْ يُقَالُ لَهٗٓ اِبْرٰهِيْمُ ﴿٦٠﴾ ط

انهن چيو اسان ٻڌو هڪ نوجوان کي اهو ڳالهائي تو انهن کي چيو وڃي ٿو ان (نوجوان) کي ابراهيم

قَالُوْا فَاْتُوْا بِهٖ عَلٰٓى اَعْيُنِ النَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَشْهَدُوْنَ ﴿٦١﴾ قَالُوْٓا

انهن چيو پوءِ توهان آڻيو ان کي ماڻهن جي روبرو من اهي شاهدي ڏين انهن چيو

ءَاَنْتَ فَعَلْتَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَا يٰٓاِبْرٰهِيْمُ ﴿٦٢﴾ ط

ڇا تون ئي ڪيو آهي هي (ڪم) اسان جي معبودن سان اي ابراهيم!

# اهم نقطا

قَالَ بَلْ فَعَلَهٗ ۖ كَبِيْرُهُمْ هٰذَا فَسْئَلُوْهُمْ اِنْ كَانُوْا يَنْطِقُوْنَ ﴿٦٣﴾

ان چيو (نه) پر ڪيو اهو (ڪم) انهن جي هن وڏي (بت) پوءِ توهان پڇا ڪريو ان ڪان جيڪڏهن آهن اهي ڳالهائيندا؟

فَرَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَنْفُسِهِمْ فَقَالُوْٓا اِنَّكُمْ اَنْتُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٦٤﴾

پوءِ اهي وريا پنهنجن نفسن ڏانهن (يعني سوچيو) ۽ (پاڻ ۾) چيائون بيشڪ توهان ئي ظالم آهيو

ثُمَّ نُكِسُوْا عَلٰى رُءُوْسِهِمْ ۚ لَقَدْ عَلِمْتَ مَا هٰٓؤُلَآءِ يَنْطِقُوْنَ ﴿٦٥﴾

پوءِ اهي اونڌا ٿيا (شرم کان) پنهنجي سرن تي (۽ چيائون) البت تحقيق تون ڄاڻين ٿو (تہ) نہ هي (بت) ڳالهائين ٿا

قَالَ اَفَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكُمْ شَيْئًا

ان (ابراهيم) چيو ڇا پوءِ توهان عبادت ڪريو ٿا الله کانسواءِ انهن جي جو نہ ٿا فائدو ڏين توهان کي ڪجهہ بہ

وَّلَا يَضُرُّكُمْ ﴿٦٦﴾ اُفٍّ لَّكُمْ وَلِمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾

۽ نہ ٿا نقصان ڏين توهان کي افسوس آهي توهان تي ۽ انهن تي جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا سواءِ الله جي ڇا پوءِ نہ ٿا توهان عقل رکو؟

## حضرت ابراهيم ﷺ ۽ نمرود جي ٻاهہ (سورت الانبياءَ آيت : ٦٨ کان ٧٣)

قَالُوْا حَرِّقُوْهُ وَانْصُرُوْٓا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿٦٨﴾

انهن چيو توهان ساڙيو ان (ابراهيم) کي ۽ مدد ڪريو پنهنجي معبودن جي جيڪڏهن آهيو توهان (ڪجهہ) ڪندڙ

قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّسَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ﴿٦٩﴾

اسان چيو اي باهہ! تون ٿي پؤ ٿڌي ۽ سلامتي (واري) ابراهيم تي

وَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَخْسَرِيْنَ ﴿٧٠﴾

۽ انهن ارادو ڪيو هو ان سان فريب جو پوءِ اسان ڪيو انهن کي نقصان وارو

وَنَجَّيْنٰهُ وَلُوْطًا اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿٧١﴾

۽ اسان بچايو ان (ابراهيم) کي ۽ لوط کي زمين ڏانهن اهو جو اسان برڪت ڪئي هئي جنهن ۾ جهان وارن لاءِ

وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ ؕ وَيَعْقُوْبَ نَافِلَةً ؕ وَكُلًّا جَعَلْنَا صٰلِحِيْنَ ﴿٧٢﴾

۽ اسان ڏنو ان (ابراهيم) کي اسحاق ۽ يعقوب زياده ۽ هر هڪ کي اسان بڻايو صالح

وَجَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا وَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِمْ فِعْلَ الْخَيْرٰتِ

۽ اسان بڻايو انهن کي امام اهي هدايت ڪندا هئا اسان جي حڪم سان ۽ اسان وحي ڪئي انهن ڏانهن نيڪ ڪم ڪرڻ جي

وَاِقَامَ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَآءَ الزَّكٰوةِ ۚ وَكَانُوْا لَنَا عٰبِدِيْنَ ﴿٧٣﴾

۽ نماز قائم ڪرڻ جي ۽ زڪوات ادا ڪرڻ جي ۽ هئا اهي اسان جي عبادت ڪندڙ

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان کي سڀ کان پهريان پنهنجن ويجهن ماڻهن کي دين جي دعوت ڏيڻ گهرجي (سورة الانعام، آيت:٧٤)
٢. شرڪ جو هڪ سبب الله پاڪ کي نہ سڃاڻڻ آهي. (سورة الانعام، آيت:٧٦ کان ٧٨)
٣. سج، چنڊ ستارن سميت سڄي ڪائنات کي الله پاڪ بنايو آهي، اسان کي رڳو الله پاڪ جي ئي عبادت ڪرڻ گهرجي. (سورة الانعام، آيت:٧٦ کان ٧٩)
٤. الله پاڪ تي ايمان آڻي شرڪ کان بچندڙ امن ۽ هدايت ماڻڻ وارا آهن. (سورة الانعام، آيت: ٨٢)
٥. ڪوڙا خدا (معبود) ڪو بہ فائدو يا نقصان نٿا ڏئي سگهن. سڀئي اختيار حقيقي معبود الله پاڪ وٽ ئي آهن. (سورة الشعراء، آيت:٧٣)
٦. شرڪ جو هڪ وڏو ڪارڻ گمراهہ ابي ڏاڏي جا غلط عقيدن جي پيروي ڪرڻ آهي. (سورة الشعراء، آيت:٧٤)
٧. الله پاڪ اسان کي پيدا فرمايو اهو ئي اسان کي هدايت عطا فرمائيندو آهي ۽ اهو ئي اسان کي کارائي پيئاري ٿو. (سورة الشعراء، آيتون:٧٨ کان ٧٩)
٨. الله پاڪ ئي اسان کي بيماريءَ ۾ شفا ڏيندو آهي. (سورة الشعراء، آيت: ٨٠)
٩. الله پاڪ ئي اسان جا گناهہ معاف ڪرڻ وارو آهي. (سورة الشعراء، آيت: ٨٢)
١٠. قيامت جي ڏينهن ڪافرن جي لاءِ نہ ڪو سفارش ڪرڻ وارو هوندو ۽ نہ ڪو دوست ڪم ايندو. (سورة الشعراء، آيتون:٧٨ کان ٧٩)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. حضرت ابراهيم عليه السلام جي قوم ڪنهن جي پوڄا ڪندي هئي؟
(الف) زمين، آسمان ۽ جبلن جي (ب) سج، چنڊ ۽ ستارن جي (ج) جن، ملائڪ ۽ روحن جي

٢. حضرت ابراهيم عليه السلام ڪهڙي بادشاهہ کي توحيد جي دعوت ڏني؟
(الف) ذوالقرنين (ب) فرعون (ج) نمرود

٣. ڪنهن سڀ کان پهريان صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ست چڪر لڳايا؟
(الف) حضرت ساره عليها السلام (ب) حضرت هاجره عليها السلام (ج) حضرت مريم عليها السلام

٤. حضرت ابراهيم عليه السلام جي گهر ۾ ڪير اوپرا مهمان بڻجي آيا؟
(الف) ملائڪ (ب) جن (ج) مڪي جا ماڻهو

٥. حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي گهر واري حضرت هاجره عليها السلام ۽ پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام کي الله پاڪ جي حڪم تي ڪٿي ڇڏي آيا؟
(الف) فلسفين (ب) عراق (ج) مڪي

سوال ٢. هيٺ ڏنل جملن سان ٿهيل خانن ۾ قصي جي ترتيب جي لحاظ کان نمبر ڏيو.

◯ حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي قوم کي سمجهائڻ لاءِ بتن کي ڀڳو.

◯ الله پاڪ، حضرت ابراهيم عليه السلام کي حڪم ڪيو ته هو حضرت اسماعيل عليه السلام کي قربان ڪري.

◯ حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي زال ۽ ڀائٽي سان گڏ عراق کان مصر ڏانهن هجرت ڪئي.

◯ حضرت ابراهيم عليه السلام جي گهر ملائڪ انساني شڪل ۾ حضرت اسحاق عليه السلام جي ولادت جي خوشخبري ڏيڻ آيا.

◯ آزر حضرت ابراهيم عليه السلام کي بتن جي پوڄا نه ڪرڻ تي پنهنجي گهر کان ڪڍي ڇڏيو.

◯ حضرت ابراهيم عليه السلام خانه ڪعبه جو حج ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن کي سڏيو.

◯ حضرت ابراهيم عليه السلام کي الله پاڪ، حضرت اسماعيل عليه السلام جهڙو فرمانبردار پٽ عطا فرمايو.

◯ حضرت ابراهيم عليه السلام، آزر کي توحيد جي دعوت ڏني.

◯ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ قوم باهه ۾ اڇلائي ڇڏيو.

◯ حضرت ابراهيم عليه السلام کي حضرت اسماعيل عليه السلام گڏجي خانه ڪعبه جي اڏاوت ڪئي.

سوال ٣. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو؟

(١) اسان کي دعوت جي ڪم جي شروعات ڪٿان کان ڪرڻ گهرجي؟

(٢) حضرت ابراهيم عليه السلام کي باهه ۾ اڇلائڻ جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟

(٣) حضرت ابراهيم عليه السلام بتن کي ڇو ٽوڙيو؟

(٤) حضرت ابراهيم عليه السلام خواب ۾ ڇا ڏٺو؟

(٥) الله پاڪ، حضرت ابراهيم عليه السلام کي ڪهڙا لقب عطا ڪيا؟

# گهرو ڪم

١. سورة ابراهيم ﷺ جي آيتن ٤٠ ۽ ٤١ ۾ ڏنل حضرت ابراهيم ﷺ جي دعا جو ترجمو خوبصورتي سان لکو ۽ زباني ياد ڪريو.

___

___

___

٢. حضرت ابراهيم ﷺ بابت مختلف ماڳن مثلا مڪو شهر، خانه ڪعبه، مقام ابراهيم، منيٰ ۾ جمرات (شيطان کي پٿريون هڻڻ وارو هنڌ) جون تصويرون ڳوليو، هڪ چارٽ تي لڳايو.

٣. هيٺ ڏنل تصويرن ۾ جن ڪمن جو واسطو حضرت ابراهيم ﷺ سان آهي، انهن ۾ رنگ ڀري واضح ڪريو.




استاد جي صحيح: ______________

والدين/سرپرست جي صحيح: ______________


حضرت موسيٰ عليه السلام
مصر کان مدين ۽ مدين کان مصر
عبور بحيره، تيه، طور، مواب
بحيره روم (بحر متوسط)
اسڪندريه
سايس
(صا الحجر)
نيل جو ڊيلٽا
بوطو
تانيس
افاريس
(مان الحجر)
بوبسط
بحيره تانيس
نيل درياهه
طيبه کان
مصر
ممفس
بيليو پولس
عين الشمس
قلزم (سويز)
بحيرات مره
فرما
عيون موسيٰ
خليج سويز
سيناء
تيه
طور
(حورب)
عريش
غزه
اسدود
يافا
قيساريه
فلسطين
القدس
اريحا
الخليل
بئر سبع
سدوم
بحيره لوط
نقب جورڊ پٽ
جبل هور
بتراء (پترا)
معان
ڪرڪ
مواب
عمان
جلعاد
اردن جو درياهه
اردن
عقبه
ايله
مدين
بحيره قلزم (احمر)
عرب

# حضرت موسيٰ عليه السلام جو قصو (حصو پهريون)

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي حياتيءَ جو پهريون دور: پيدائش کان مدين وڃڻ تائين

الله پاڪ بني اسرائيل ۾ ڪيئي نبي سڳورا عليهم السلام موڪليا. انهن مان هڪ عظيم رسول حضرت موسيٰ عليه السلام بہ هئا. قرآن شريف ۾ نبي ڪريم صلی الله عليه وآله وسلم جن کان بعد سيني نبين سڳورن عليهم السلام کان وڌيڪ ذڪر حضرت موسيٰ عليه السلام جو آيو آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام جو تعلق بني اسرائيل سان هو. حضرت ابراهيم عليه السلام جي پوٽي حضرت يعقوب عليه السلام جو لقب "اسرائيل" هو (جنهن جو مطلب آهي الله پاڪ جو ٻانهو) الله پاڪ حضرت يعقوب عليه السلام کي ٻارنهن پٽ عطا فرمايا. انهن پٽن جي اولاد مان ٻارهن قبيلا ٺهيا جيڪي بني اسرائيل سڏيا ويا. بني اسرائيل فلسطين جا رهندڙ هئا. اهي الله پاڪ جي محبوب قوم هئي. جنهن تي الله پاڪ ڪيترائي احسان ڪيا پر بني اسرائيل الله پاڪ جي نافرماني ۽ ناشڪري ڪندا رهيا.

### ١_ بني اسرائيل جو مصر ۾ اچڻ ۽ فرعون جو بني اسرائيل تي ڏاڍ ۽ ظلم:

حضرت يعقوب عليه السلام جي ٻارهن پٽن مان هڪ پٽ حضرت يوسف عليه السلام هئا. جنهن کي الله پاڪ مصر ۾ هڪ وڏو مقام ۽ مرتبو عطا فرمايو هو. حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي والد، ڀائرن ۽ مڙني گهرڀاتين کي مصر گهرايو اهڙي طرح بني اسرائيل فلسطين کان مصر ۾ اچي آباد ٿيا. بني اسرائيل مصر ۾ ڪيترائي سال عيش ۽ آرام سان حڪومت ڪندا رهيا حضرت يوسف عليه السلام جي گذاري وڃڻ کان ڪيئي ورهيہ پوءِ مصر جي رهندڙ قبطين بغاوت ڪئي ۽ فرعون کي بادشاهہ بڻائي بني اسرائيل کي پنهنجو غلام بڻائي ورتو.

فرعون انهيءَ مظلوم قوم تي ڏاڍ ۽ ظلم ڪندو ۽ انهن کان جانورن جيان ڪم وٺندو هو. فرعون کي نجومين خبر ڏني تہ بني اسرائيل ۾ هڪ ڇوڪرو پيدا ٿيندو جيڪو سندس بادشاهيءَ کي ختم ڪندو. انهيءَ ڪري فرعون بني اسرائيل جي ڇوڪرن کي قتل ڪرڻ ۽ ڇوڪرين کي زنده ڇڏي ڏيڻ جو حڪم ڏنو. الله پاڪ بني اسرائيل کي فرعون جي ظلم ۽ ستم کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ حضرت موسيٰ عليه السلام کي رسول ڪري موڪليو.

### ٢_ حضرت موسيٰ عليه السلام جي ولادت ۽ الله پاڪ جي طرفان سندن حفاظت جو انتظام:

حضرت موسيٰ عليه السلام جي ولادت تي سندن والده ڏاڍي فڪر مند ٿي تہ هن ٻار کي فرعون تہ قتل ڪرائي ڇڏيندو. الله پاڪ ان جي دل ۾ اها ڳالهہ وڌي تہ هڪ صندوق ۾ ٻار کي وجهي درياهہ ۾ وهائي ڇڏ ۽ هن کي تسلي ڏني تہ الله پاڪ حضرت موسيٰ عليه السلام کي واپس وٽس ئي پهچائيندو. حضرت موسيٰ عليه السلام جي والده ائين ئي ڪيو. صندوق حضرت موسيٰ عليه السلام کي کڻي درياهہ جي ڇولين تي ترندي رهي ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جي وڏي ڀيڻ درياهہ جي ڪناري صندوق جي ڪڍ هلندي آئي.

### ٣_ حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون جي محل ۾:

جڏهن صندوق حضرت موسيٰ عليه السلام کي کڻي ايندي، درياهہ ۾ ترندي فرعون جي محل جي سامهون پهتي تہ فرعون جي ماڻهن ان کي ڪڍي فرعون ۽ ملڪہ يعني راڻيءَ جي آڏو پيش ڪيو. جيئن ئي صندوق کولي ويئي تہ صندوق اندر هڪ نهايت خوبصورت ٻار کي ڏٺائون. الله پاڪ، حضرت موسيٰ عليه السلام جي محبت راڻي آسيہ عليها السلام جي دل ۾ وجهي

چڙي راڻيءَ فرعون کي چيو تہ اسان هن کي پنهنجو پٽ ٺاهينداسين. فرعون راڻيءَ جو چيو مڃيو. اهڙيءَ طرح فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام کي قتل ڪرڻ کان مڙي ويو. حضرت موسيٰ عليه السلام کي ٿڃ پيارڻ جي لاءِ ڪيترين ئي دائين کي گهرايو ويو پر حضرت موسيٰ عليه السلام ڪنهن بہ دائيءَ جو کير ڪو نہ پيتو. حضرت موسيٰ عليه السلام ڄيڻ جيڪا سڀ ڪجهہ ڏسي رهي هئي. انهن کي عرض ڪيو تہ مان هڪ اهڙي عورت کي ڄاڻان ٿي جيڪا هن ٻار کي ٿڃ پيئاري سگهي ٿي. ملڪہ آسيہ عليها السلام کي ٻار جو ڏاڍو فڪر هو. اهڙيءَ ريت حضرت موسيٰ عليه السلام جي ڀيڻ جو عرض قبوليو ويو. حضرت موسيٰ عليه السلام جي ڀيڻ پنهنجي والده کي محل ۾ وٺي آئي. جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام جي والده کين ٿڃ پيئارڻ شروع ڪئي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام ٿڃ پيئڻ لڳا. اهو ڏسي راڻي آسيہ کي اطمينان ٿي ويو. اهڙيءَ طرح حضرت موسيٰ عليه السلام جي والده حضرت موسيٰ عليه السلام کير پيئارڻ لاءِ مقرر ڪئي وئي ۽ ايئن الله پاڪ حضرت موسيٰ عليه السلام کي سندن والده جي هنج ۾ ٻيهر پهچائي حضرت موسيٰ عليه السلام جي پرورش ۽ پالڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۽ پوءِ نيٺ حضرت موسيٰ عليه السلام جن جوان ٿي ويا.

## ۴_ حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿان قبطيءَ جو قتل:

هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ عليه السلام شهر ۾ آيو ڏٺائين تہ ٻہ ماڻهو پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. هڪ جو تعلق حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم يعني بني اسرائيل سان هو ۽ ٻيو قبطي يعني فرعون جي قوم مان هو. اسرائيليءَ حضرت موسيٰ عليه السلام کي مدد لاءِ سڏيو. پاڻ آيا ۽ قبطيءَ کي هڪ مڪ وهائي ڪڍيائون تہ قبطي مري پيو. حضرت موسيٰ عليه السلام جو ارادو ان کي قتل ڪرڻ جو نہ هو جنهن ڪري پاڻ هڪدم الله پاڪ کان معافي گهري تہ الله پاڪ کين معاف فرمائي ڇڏيو. قبطيءَ جو موت اهڙي وقت ٿيو هو جڏهن سيئي ماڻهو آرام ۾ هئا. انهيءَ ڪري ماڻهن کي خبر پئجي نہ سگهي تہ قبطيءَ کي ڪنهن ماريو آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام شهر ۾ آيا تہ انهيءَ ئي اسرائيليءَ کي ٻيهر هڪ ٻئي قبطي سان وڙهندي ڏٺائون تہ حضرت موسيٰ عليه السلام اسرائيلي کي چيو تہ تون ئي گمراهہ آهين ۽ ان کي بہ قبطيءَ کان بچائڻ جي لاءِ اڳتي وڌيا. سندن ڳالهہ ٻڌي اسرائيلي ڊڄي ويو ۽ سمجهيائين تہ حضرت موسيٰ عليه السلام تہ سندس خلاف ڪارروائي ڪرڻ گهرن ٿا. انهيءَ ڪري هن چيو ڇا اوهان مون کي بہ قتل ڪرڻ گهرو ٿا, جيئن ڪالهہ اوهان هڪ قبطيءَ کي ماري ڇڏيو هو؟ اهڙيءَ ريت اها ڳالهہ شهر ۾ پکڙجي وئي تہ قبطي حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿان قتل ٿيو هو جلد ئي هڪ شخص ڊوڙندو حضرت موسيٰ عليه السلام وٽ آيو ۽ چيائين تہ فرعون ۽ ان جي قوم جا سردار اوهان کي قتل ڪرڻ جي تياري پيا ڪن. تنهن ڪري هتان هڪدم هليا وڃو. ائين حضرت موسيٰ عليه السلام مصر کان هڪ ڏورانهين علائقي مدين هليا ويا.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

## فرعون جو بني اسرائيل تي ظلم (سورت القصص آيت : ١ کان ٦)

طٰسٓمّٓ ○١ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ○٢ نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ مُوْسٰى وَ فِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ

طسم هي آيتون آهن پڌري ڪتاب جون اسان پڙهون ٿا توتي ڪجهه خبرون موسيٰ ۽ فرعون جون حق سان

لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ○٣ اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِي الْاَرْضِ وَ جَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا

انهن ماڻهن لاءِ جو ايمان آڻن ٿا بيشڪ فرعون سرڪشي ڪئي زمين (مصر) ۾ ۽ ان بڻايو ان جي رهڻ وارن کي ڪئي ٽولا

يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَ يَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ؕ

ان ڪمزور ڪري رکيو هو هڪ گروهه (بني اسرائيل) کي انهن مان ان ڪنو تي انهن جي پٽن کي ۽ جيئرو ڇڏيائين ٿي انهن جي عورتن (ڌيئرن) کي

اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ○٤ وَ نُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِي الْاَرْضِ

بيشڪ اهو هو فساد ڪندڙن مان ۽ اسان گهريو هي ته اسان احسان ڪريون انهن ماڻهن تي جيڪي ڪمزور ڪيا ويا زمين ۾

وَ نَجْعَلَهُمْ اَئِمَّةً وَّ نَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ۙ○٥ وَ نُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ

۽ (هي ته) اسان بڻايون انهن کي امام (اڳواڻ) ۽ اسان بڻايون انهن کي وارث (ملڪ جو) ۽ اسان طاقت (اقتدار) ڏيون انهن کي زمين ۾

وَ نُرِيَ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ○٦

۽ اسان ڏيکاريون فرعون ۽ هامان کي ۽ انهن ٻنهن جي لشڪر کي انهن (ڪمزورن جي هٿ) کان اها شيءِ جنهن کان هئا اهي ڊڄندا

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي ولادت ۽ الله پاڪ طرفان ان جي حفاظت جو انتظام (سورت القصص آيت : ٧)

وَ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّ مُوْسٰٓى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ

۽ اسان الهام ڪيو موسيٰ جي ماءُ کي هي ته تون کير پيار ان (پٽ) کي پوءِ جڏهن تون خوف ڪرين ان تي

فَاَلْقِيْهِ فِي الْيَمِّ وَلَا تَخَافِيْ وَلَا تَحْزَنِيْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ

پوءِ تون اڇل ان کي درياءَ ۾ ۽ نه تون ڊڄ ۽ نه ڪي تون ڏک ڪر بيشڪ اسان موٽائيندڙاسون ان کي توڏانهن

وَ جَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ○٧

۽ ڪرڻ وارا آهيون ان کي رسولن مان

## اهم نقطا

## حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون جي محل ۾ (سورت القصص آيت : ٨ کان ١٣)

فَالْتَقَطَهٗۤ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُوْنَ لَهُمْ عَدُوًّا وَّحَزَنًا ؕ اِنَّ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا

(ان اڇليو) پوءِ لڌو ان کي فرعون جي گهر وارن جيئن ٿئي انهن لاءِ ويري ۽ غم (جو سبب) بيشڪ فرعون ۽ هامان ۽ انهن ٻنهي جو لشڪر

كَانُوْا خٰطِـِٕيْنَ ۝٨ وَقَالَتِ امْرَاَتُ فِرْعَوْنَ قُرَّتُ عَيْنٍ لِّيْ وَلَكَ ؕ لَا تَقْتُلُوْهُ ۖۗ

هئا اهي خطاڪار ۽ چيو فرعون جي زال (هي تہ) ٺار آهي اکين جو منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ نہ تون قتل ڪر ان کي

عَسٰۤى اَنْ يَّنْفَعَنَاۤ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝٩ وَاَصْبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوْسٰى فٰرِغًا ؕ

اميد آهي ہي تہ نفعو ڏئي اسان کي يا اسان وٺون ان کي پٽ ڪري ۽ اهي نہ پيا شعور رکن (انجام جو) ۽ ٿي دل موسيٰ جي ماءُ جي (صبر ۽ قرار کان) خالي

اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِيْ بِهٖ لَوْلَاۤ اَنْ رَّبَطْنَا عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٠

بيشڪ ويجهو هئي (جو) البت اها ظاهر ڪري ان کي جيڪڏهن نہ هجي ها ہي ڳالهہ جو اسان مضبوط ڪيو هو ان جي دل کي جيئن اها هجي يقين ڪندڙن مان

وَقَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ ۫ فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝١١ۙ

۽ ان (موسيٰ جي ماءُ) چيو ان جي (وڏي) ڀيڻ کي تون اڇي پويا لڳي وڃ پوءِ اها (وئي ۽) ڏسندي رهي ان کي پري کان جڏهن تہ اهي (فرعوني) نہ پيا شعور رکن (ان جو)

وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰۤى اَهْلِ بَيْتٍ

۽ اسان حرام ڪيو هو ان (موسيٰ) تي دائين (جي کير) کي (ڀيڻس جي پهچڻ) کان اڳ پوءِ ان (موسيٰ جي ڀيڻ) چيو ڇا آءٌ رهنمائي ڪريان توهان جي ڪنهن گهراڻي تي

يَّكْفُلُوْنَهٗ لَكُمْ وَهُمْ لَهٗ نٰصِحُوْنَ ۝١٢ فَرَدَدْنٰهُ اِلٰۤى اُمِّهٖ

جو پالن ان (ٻار) کي توهان لاءِ جڏهن تہ اهي ان لاءِ خير خواهہ (بہ) هجن؟ پوءِ اسان موٽايو ان کي سندس ماءُ ڏانهن

كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَلِتَعْلَمَ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝١٣ ع

تہ جيئن ٺرن ان جون اکيون ۽ (جيئن) نہ اها ڏک ڪري ۽ جيئن اها ڄاڻي (تہ) بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي ۽ پر انهن جا گهڻا نہ ٿا اهي ڄاڻن

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿان هڪ قطبيءَ جو قتل (سورت القصص آيت : ١٤ کان ٢١)

وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَاسْتَوٰۤى اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ۝١٤

۽ جڏهن اهو (موسيٰ) پهتو پنهنجي جواني کي ۽ اهو پختو ٿيو (تہ) اسان ڏني ان کي سمجهہ ۽ علم ۽ اهڙي طرح اسان بدلو ڏيون ٿا نيڪي ڪندڙن کي

وَدَخَلَ الْمَدِيْنَةَ عَلٰى حِيْنِ غَفْلَةٍ مِّنْ اَهْلِهَا فَوَجَدَ فِيْهَا رَجُلَيْنِ يَقْتَتِلٰنِ ۫

۽ اهو (موسيٰ) داخل ٿيو شهر ۾ اهڙي وقت جو غافل هئا ان جا رهاڪو پوءِ ان لڌو ان (شهر) ۾ ٻن ماڻهن کي جو پاڻ ۾ وڙهن پيا

هٰذَا مِنْ شِيْعَتِهٖ وَهٰذَا مِنْ عَدُوِّهٖ ۚ فَاسْتَغَاثَهُ الَّذِيْ مِنْ شِيْعَتِهٖ

هي (هڪڙو تہ) سندس گروهہ مان هو ۽ هي (ٻيو) ان جي دشمن (گروهہ) مان هو پوءِ مدد گهري ان (موسيٰ) کان ان ماڻهو جيڪو ان جي گروهہ مان هو

عَلَى الَّذِىۡ مِنۡ عَدُوِّهٖ‌ۙ فَوَكَزَهٗ مُوۡسٰى فَقَضٰى عَلَيۡهِ‌ۖ قَالَ هٰذَا مِنۡ عَمَلِ الشَّيۡطٰنِ‌ؕ

خلاف ان جي جيڪو ان جي دشمن (گروهه) مان هو پوءِ مُڪ هنئي ان (فرعوني) کي موسيٰ پوءِ پورو ڪيائين ان کي (موسيٰ) چيو هي (قتل) شيطان جي عمل کان آهي

اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِيۡنٌ ١٥ قَالَ رَبِّ اِنِّىۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِىۡ

بيشڪ اهو دشمن آهي گمراهه ڪندڙ پڌرو ان (موسيٰ) چيو اي منهنجا رب! بيشڪ آءٌ ظلم ڪيو آهي پنهنجي نفس تي

فَاغۡفِرۡ لِىۡ فَغَفَرَ لَهٗ‌ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ١٦

پوءِ تون بخش ڪر مون کي پوءِ ان (الله) بخش ڪيو ان کي بيشڪ اهو آهي بخشڻهار مهربان

قَالَ رَبِّ بِمَاۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَىَّ فَلَنۡ اَكُوۡنَ ظَهِيۡرًا لِّلۡمُجۡرِمِيۡنَ ١٧

ان (موسيٰ) چيو اي منهنجا رب! بسبب ان جي جو تون انعام ڪيو مون تي پوءِ هرگز نه آءٌ ٿيندس مددگار ڏوهارين جو

فَاَصۡبَحَ فِى الۡمَدِيۡنَةِ خَآٮِٕفًا يَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِى اسۡتَنۡصَرَهٗ بِالۡاَمۡسِ

پوءِ ان (موسيٰ) صبح ڪئي شهر ۾ ڊڄندڙ ٿي انتظار ڪندي ته اوچتو جنهن ماڻهو مدد گهري هئي ان کان ڪالهه

يَسۡتَصۡرِخُهٗ‌ؕ قَالَ لَهٗ مُوۡسٰٓى اِنَّكَ لَـغَوِىٌّ مُّبِيۡنٌ ١٨ فَلَمَّاۤ اَنۡ اَرَادَ

اهو (اڄ وري) پڪاري پيو ان کي چيو ان کي موسيٰ بيشڪ تون البت گمراهه آهين ظاهر پوءِ جڏهن ان (موسيٰ) ارادو ڪيو

اَنۡ يَّبۡطِشَ بِالَّذِىۡ هُوَ عَدُوٌّ لَّهُمَا ۙ قَالَ يٰمُوۡسٰٓى اَتُرِيۡدُ اَنۡ تَقۡتُلَنِىۡ

هي ته اهو پڪڙي ان ماڻهو کي جو دشمن هو انهن ٻنهن جو (ته) ان (اسرائيلي) چيو اي موسيٰ ڇا تون گهرين ٿو هي ته تون قتل ڪرين مون کي

كَمَا قَتَلۡتَ نَفۡسًۢا بِالۡاَمۡسِ‌ۖ اِنۡ تُرِيۡدُ اِلَّاۤ اَنۡ تَكُوۡنَ جَبَّارًا فِى الۡاَرۡضِ

جيئن تو قتل ڪيو هو هڪ ماڻهو کي ڪالهه؟ نه تو تون گهرين مگر هي ته هجين تون زبردست زمين ۾

وَمَا تُرِيۡدُ اَنۡ تَكُوۡنَ مِنَ الۡمُصۡلِحِيۡنَ ١٩ وَجَآءَ رَجُلٌ مِّنۡ اَقۡصَا الۡمَدِيۡنَةِ يَسۡعٰى‌

۽ نه تو تون گهرين هي ته هجين تون صلح ڪرائڻ وارن مان ۽ آيو هڪ ماڻهو پرئين پاسي کان شهر جي ڊوڙندي

قَالَ يٰمُوۡسٰٓى اِنَّ الۡمَلَاَ يَاۡتَمِرُوۡنَ بِكَ لِيَقۡتُلُوۡكَ فَاخۡرُجۡ

ان چيو اي موسيٰ بيشڪ (فرعوني) سردار صلاح ٿا ڪن تنهنجي خلاف جيئن اهي قتل ڪن توکي پوءِ تون نڪري وڃ

اِنِّىۡ لَكَ مِنَ النّٰصِحِيۡنَ ٢٠ فَخَرَجَ مِنۡهَا خَآٮِٕفًا يَّتَرَقَّبُ‌

بيشڪ آءٌ تنهنجي خير خواهن مان آهيان پوءِ اهو (موسيٰ) نڪتو اتان ڊڄندي انتظار ڪندي

قَالَ رَبِّ نَجِّنِىۡ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ٢١

(ع) ان چيو اي منهنجا رب! تون بچاءِ مون کي ظالم قوم کان

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله پاڪ فساد ڪرڻ وارن ۽ گناهه گارن کي پسند ناهي ڪندو. (سورة القصص، آيت:٨،٤)
٢. الله پاڪ مظلومن جي مدد ڪندو آهي.(سورة القصص، آيت:٥)
٣. الله پاڪ تي ڀروسو ڪرڻ وارن کي نه خوف هوندو آهي ۽ نه غم هوندو آهي. (سورة القصص، آيت:٧)
٤. جنهن جي حفاظت الله پاڪ ڪري، ان کي ڪوبه نقصان نٿو پهچائي سگهي (سورة القصص، آيتون:٧ کان ٩)
٥. الله پاڪ پنهنجو وعدو پورو ڪندو آهي (سورة القصص، آيت:١٣)
٦. الله پاڪ پنهنجن نيڪ ٻانهن کي حڪمت ۽ علم عطا ڪندو آهي. (سورة القصص، آيت:١٤)
٧. اسان کي ڏوهارين جي خلاف مظلومن جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. (سورة القصص، آيتون:١٥ کان ١٧)
٨. خطا تي وجهڻ تي اسان کي الله پاڪ کان معافي وٺڻ گهرجي. (سورة القصص، آيت:١٦)
٩. نادان دوست دشمن کان وڌيڪ نقصان ڏيندڙ هوندو آهي. (سورة القصص، آيت:١٩)
١٠. اسان کي ڏکين حالتن ۾ الله پاڪ کان ئي دعا ڪرڻ گهرجي. (سورة القصص، آيت:٢١)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. حضرت موسيٰ عليه السلام جو تعلق ڪهڙي ۽ قوم سان هو؟
(الف بني اسرائيل — (ب) بني اسماعيل — (ج) بني هاشم

٢. ڪنهن جو لقب اسرائيل هو؟
(الف) حضرت ابراهيم عليه السلام — (ب) حضرت موسيٰ عليه السلام — (ج) حضرت يعقوب عليه السلام

٣. بني اسرائيل ڪٿان کان اچي مصر ۾ آباد ٿيا هئا؟
(الف) عراق — (ب) مدين — (ج) ايران

٤. مصر جي رهندڙ ماڻهن ڪنهن کي پنهنجو بادشاهه بڻايو هو؟
(الف) نمرود — (ب) جالوت — (ج) فرعون

٥. قبطي جو تعلق ڪهڙي قوم سان هو؟
(الف) نمرود — (ب) فرعون — (ج) قارون

سوال ٢: هيٺ ڏنل جملن سان ٺهيل خانن ۾ قصي جي ترتيب جي لحاظ کان نمبر ڏيو.

- ⌂ حضرت موسيٰ عليه السلام سان محبت جي ڪري فرعون جي راڻي موسيٰ عليه السلام کي پٽ بڻائڻ جو فيصلو ڪيو.
- ⌂ حضرت موسيٰ عليه السلام مصر کان مدين ڏانهن روانا ٿيا.
- ⌂ حضرت موسيٰ عليه السلام جي گذاري وڃڻ کانپوءِ فرعون بني اسرائيل کي غلام بڻايو.
- ⌂ حضرت موسيٰ عليه السلام شهر ۾ هڪ قبطي ۽ بني اسرائيل کي پاڻ ۾ وڙهندي ڏٺائون.
- ⌂ حضرت موسيٰ عليه السلام کي سندن والده هڪ صندوق (پيٽي) ۾ وجهي درياهه ۾ وهائي ڇڏيو.
- ⌂ حضرت يوسف عليه السلام بني اسرائيل کي عراق کان مصر گهرائي ورتو.
- ⌂ الله پاڪ، حضرت موسيٰ عليه السلام کي سندن والده وٽ ٻيهر پهچائي، سندن پرورش جو بندوبست فرمايو.
- ⌂ حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿان هڪ قبطي قتل ٿي ويو.
- ⌂ فرعون بني اسرائيل ۾ پيدا ٿيندڙ ڇوڪرن کي قتل ڪرائي ڇڏيندو هو.
- ⌂ فرعون ۽ ان جي قوم جي سردارن، حضرت موسيٰ عليه السلام کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو

(١) بني اسرائيل ڪير هئا؟

______________________________

______________________________

(٢) فرعون بني اسرائيل جي ڇوڪرن کي ڇو مارائيندو هو؟

______________________________

______________________________

(٣) الله پاڪ، حضرت موسيٰ عليه السلام کي بچائڻ جي ڪهڙي تدبير سندن والده جي دل ۾ وڌي؟

______________________________

______________________________

(٤) الله پاڪ، حضرت موسيٰ عليه السلام کي ٻيهر سندن والده تائين ڪيئن پهچايو؟

______________________________

______________________________

(٥) حضرت موسيٰ عليه السلام مصر ڇڏي مدين ڇو هليا ويا؟

______________________________

______________________________

# گهرو ڪم

١. بني اسرائيل ۾ ايندڙ ڪن ٻه پنجين نبين سڳورن ﷷ جا نالا لکو.

______________________________________________

______________________________________________

٢. بني اسرائيل ۾ ايندڙ رسولن سڳورن ﷷ تي نازل ڪيل ڪن ٻه ٽن ڪتابن جا نالا لکو.

______________________________________________

______________________________________________

٣. هيٺ ڏنل ماڳن ۽ جاين مان حضرت موسيٰ ﷤ متعلق جڳهه جي سڃاڻ ليڪ ڏئي ڪريو




استاد جي صحيح: ____________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________________

# حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جو قصو (حصو پيو)

## حضرت موسيٰ ﷺ جي زندگيءَ جو ٻيو دور: مدين وڃڻ کان سينا جي ريگستان جي هجرت تائين

### ١_ حضرت موسيٰ ﷺ مدين ۾:

حضرت موسيٰ ﷺ مدين جي هڪ کوهه تي پهتا، ڏٺائون ته ماڻهو پنهنجن جانورن کي پاڻي پيئاري رهيا آهن. حضرت موسيٰ ﷺ ڏٺو ته ٻه ڇوڪريون پنهنجي ٻڪرين کي بيهاري الڳ بيٺيون آهن. جاڻ لهڻ تي خبر پئي ته انهن ڇوڪرين جو پيءُ پوڙهو آهي ۽ هو انتظار پيون ڪن ته اڳ ۾ سڀ ماڻهو پنهنجن جانورن کي پاڻي پيارين بعد ۾ هو پنهنجي ٻڪرين کي پاڻي پيئارينديون. حضرت موسيٰ ﷺ انهيءَ کوهه مان پاڻي ڪڍي انهن ٻڪرين کي پيئاريو ۽ پوءِ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ وڃي ويهي رهيا. انهيءَ شهر ۾ حضرت موسيٰ ﷺ اجنبي هئا، هتي وٽن نه گهر هو نه سندن مٽ مائٽ نه مال ۽ نڪي ڪجهه کائڻ پيئڻ لاءِ هو. پر انهيءَ جي باوجود حضرت موسيٰ ﷺ گهٻرايو بلڪل به نه. پاڻ الله پاڪ کان دعا گهريائون ته "اي منهنجا پالڻهار! تون مون کي جيڪا به ڀلائي عطا ڪرين، مان ان جو محتاج آهيان. الله پاڪ سندن دعا قبول فرمائي ۽ مڙني ضرورتن کي پورو فرمايو.

### ٢_ مدين ۾ حضرت موسيٰ ﷺ تي الله پاڪ جون عنايتون:

ڪجهه دير کانپوءِ انهن ڇوڪرين مان هڪڙي حضرت موسيٰ ﷺ وٽ آئي ۽ چيائين ته اسان جو والد اوهان کي سڏي پيو ته جيئن ٻڪرين کي پاڻي پيئارڻ تي اوهان کي اجورو ڏين. حضرت موسيٰ ﷺ انهيءَ بزرگ وٽ پهتا ۽ پنهنجو سمورو حال ٻڌايو. انهن حضرت موسيٰ ﷺ کي تسلي ڏيندي چيو اوهان ڊڄو نه. اوهان ظالمن کان نجات ماڻي چڪا آهيو. انهن ڇوڪرين مان هڪڙي چيو بابا سائين! هنن کي مزدوريءَ تي رکو. ڇو ته هي طاقتور ۽ امانتدار آهن. بزرگ، حضرت موسيٰ ﷺ کي چيو ته جيڪڏهن اوهان اٺ سال مون وٽ ڪم ڪريو ته يا پنهنجي خوشيءَ سان ڏهه سال پورا ڪريو ته مان پنهنجي ٻنهي ڇوڪرين مان ڪنهن هڪ جي شادي اوهان سان ڪرائي ڇڏيندس. حضرت موسيٰ ﷺ ان جي ڳالهه قبول ڪئي ۽ ڏهن سالن تائين انهن وٽ رهيو.

### ٣_ حضرت موسيٰ ﷺ جي مصر واپسي ۽ رڻ پٽ ۾ الله پاڪ سان ڳالهائڻ:

ڏهه سال مدين ۾ رهڻ کانپوءِ حضرت موسيٰ ﷺ پنهنجي گهر وارن کي وٺي مصر ڏانهن روانا ٿيا. رستي ۾ رات جي وقت ريگستان مان گذرندي سخت سيءُ هو حضرت موسيٰ ﷺ کي ڪوه طور جي پاسي باهه ڏسڻ ۾ آئي. پاڻ پنهنجي گهر وارن کي چيائون ته توهان هتي ترسو! مون باهه ڏٺي آهي. مان اتي وڃي ڪري هٿ سيڪڻ لاءِ ڪجهه اڱر کڻي ٿو اچان يا واٽ جي ڪا خبر لهي ٿو اچان. جڏهن حضرت موسيٰ ﷺ اتي پهتا ته الله پاڪ کين تمام وڏي سعادت عطا فرمائي يعني الله پاڪ حضرت موسيٰ ﷺ سان ڪلام فرمايو. انهيءَ ڪري حضرت موسيٰ ﷺ کي ڪليم الله (يعني الله سان ڳالهائيندڙ) به چيو ويندو آهي. الله پاڪ فرمايو ته "بيشڪ مان ئي تنهنجو رب آهيان، پنهنجا جوتا لاهيو بيشڪ توهان هڪ مقدس واديءَ طويٰ ۾ آهيو."

### ٤_ حضرت موسيٰ ﷺ جا معجزا:

الله پاڪ، حضرت موسيٰ ﷺ کان پڇيو ته تنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي؟ حضرت موسيٰ ﷺ عرض ڪيو ته هيءَ منهنجي لٺ آهي، جنهن تي مان ٽيڪ ڏيندو آهيان، پنهنجي ٻڪرين جي لاءِ پن ڇاڻيندو آهيان ۽ هن ۾ منهنجي لاءِ ٻيا ڪوڙ سارا فائدا آهن. الله پاڪ فرمايو ته انهيءَ لٺ کي هيٺ رک، پاڻ جيئن ئي لٺ زمين تي رکيائون ته اها نانگ بڻجي ڊوڙڻ لڳي ۽ ويجهو هو جو حضرت موسيٰ ﷺ جن منهن موڙي ڊوڙن ها. الله پاڪ حڪم ڏنو ته ان کي وٺي

پڪڙيو اھا پنھنجي اصلي حالت ۾ اچي ويندي. پوءِ الله پاڪ فرمايو تہ پنھنجي ھٿ کي ڪڇ ۾ وجهي ڪڍندا تہ اهو نهايت سفيد چمڪندڙ ٿي نڪرندو. اهڙيءَ طرح حضرت موسيٰ عليه السلام کي اهي بہ معجزا عطا فرمايا ۽ حڪم ڏنائين تہ فرعون وٽ وڃو ڇو تہ هو سرڪش ٿي ويو آهي ۽ ان کي نرميءَ سان دعوت ڏيو. حضرت موسيٰ عليه السلام الله پاڪ کان پنھنجي لاءِ دعائون گھريون ۽ پنھنجي وڏي ڀاءُ حضرت هارون عليه السلام جي لاءِ دعا گھري تہ ان کي بہ منھنجي مدد جي لاءِ نبوت عطا ڪر. الله پاڪ، حضرت موسيٰ عليه السلام جي سڀني دعائن کي قبول فرمايو.

## ۵۔ حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون جي دربار ۾:

حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام فرعون جي دربار ۾ پهچي، ڪيس چيائون تہ اسان تنھنجي رب جا موڪليل رسول آهيون. بني اسرائيل تي ظلم ۽ ڏاڍ بند ڪريو ۽ انهن کي آزاد ڪري اسان سان گڏ موڪلي ڇڏيو. حضرت موسيٰ عليه السلام ان کي الله پاڪ جا عطا ڪيل معجزا ڏيکاريا. فرعون معجزن جو انڪار ڪيو. حضرت موسيٰ عليه السلام تي جادوگر هجڻ جو الزام لڳايو ۽ پنھنجن جادوگرن سان مقابلي ڪرڻ جي دعوت ڏني. انهيءَ مقابلي جي لاءِ قومي ڏڻ جو ڏينھن رکيو ويو تہ جيئن سڀ حاضر هجن ۽ سڀني جي آڏو مقابلو ٿئي. معجزا ڏسي ڪري بہ جڏهن فرعون ايمان نہ آندو ۽ پنھنجي هوڏ ۽ ضد تي قائم رهيو تہ آل فرعون مان هڪ ايمان آڻيندڙ شخص پريل دربار ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جو ساٿ ڏيندي فرعون ۽ سندس قوم جي سردارن کي سرڪشي ڪرڻ جي خراب نتيجي کان ڊيڄاريو ۽ ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني.

## ۶۔ حضرت موسيٰ عليه السلام جو جادوگرن سان مقابلو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جي فتح:

فرعون سڄي ملڪ مان ماهر جادوگر گڏ ڪيا. انهن کي انعامن ڏيڻ جي لالچ ڏئي ڪري حضرت موسيٰ عليه السلام جي مقابلي ۾ ميدان ۾ موڪليائين. جڏهن آمهون سامهون ٿيا تہ جادوگرن چيو تہ اي موسيٰ! پهريان اوهان شروع ڪندا يا اسان پنھنجو جادو ڏيکاريون؟ حضرت موسيٰ عليه السلام فرمايو تہ اڳ ۾ توهان پنھنجو جادو ڏيکاريو. جادوگرن پنھنجون رسيون ۽ لٺيون زمين تي اڇلايون تہ ماڻھن کي اهي ڊوڙندي نظر آيون ڄڻ تہ نانگ هجن. الله پاڪ حضرت موسيٰ عليه السلام کي پنھنجي لٺ زمين تي اڇلڻ جو حڪم ڏنو تہ لٺ هڪ وڏي ازدها بڻجي وئي، جنهن جادوگرن جي ٺاهيل مڙني ڪوڙين شين کي ڳڙڪائي ڇڏيو. جادوگر اهو معجزو ڏسي بي اختيار سجدي ۾ هليا ويا ۽ مسلمان ٿي ويا. ماڻهو اهو ڏسي حيران ٿي ويا.

## ۷۔ فرعون جو ايمان وارن کي دابو، ڏڙڪو ۽ ايمان وارن جو ثابت بيھڻ:

فرعون ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ ڏمريو. جادوگرن کي چيائين تہ اوهان مون کان پڇڻ بنا ايمان آڻي ڇڏيو. هن الزام مڙهيو تہ حضرت موسيٰ عليه السلام انهن جادوگرن جا وڏا آهن. جن سڀني جادوگرن کي جادو سيکاريو آهي ۽ انهن سڀني گڏجي اها چال هلي ۽ ڪيڏ ڪيڏي آهي. هن جادوگرن کي ڌمڪي ڏيندي چيو تہ مان توهان جا هٿ پير ڪپي ڇڏيندس ۽ توهان سڀني کي ڦاهيءَ چاڙهي ڇڏيندس پر اهي سڀئي پنھنجي ايمان تي ڄميا بيٺا رهيا. هنن فرعون کي جواب ڏيندي چيو تہ تو کي جيڪو وڻي سو ڪر. اسان الله پاڪ تي ايمان کان ڪو نہ هٽنداسون.

## ۸۔ فرعون جي آل تي الله پاڪ جا ست عذاب:

فرعون ۽ ان جي آل حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام تي ايمان نہ آندو. هن جي لڳاتار انڪار ۽ ڪفر تي ڄمي بيهي رهڻ جي ڪري انهن تي ڪيترائي عذاب موڪليا ويا. انهن تي ڏڪار، ميون جو نقصان، طوفان، ماڪڙ، جونئن ۽ رت جا عذاب موڪليا ويا تہ جيئن نصيحت وٺن. پر اهي ماڻھو عذاب اچڻ تي ايمان آڻڻ جو وعدو ڪندا رهيا ۽ عذاب ٽري وڃڻ تي پنھنجي انجام کان ڦري ويندا هئا. اهڙي طرح اهي لاڳيتو وعدي خلافي ڪندا ۽ انجام کان ڦرندا رهيا.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهـ ۾ ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

## حضرت موسيٰ ؑ مدين ۾ (سورت القصص آيت : ٢٢ کان ٢٤)

وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿٢٢﴾

۽ جڏهن اهو متوجهه ٿيو مدين جي طرف (تہ) ان چيو اميد آهي منهنجو رب هي تہ اهو رهنمائي ڪندو منهنجي سڌي رستي جي

وَلَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدْيَنَ وَجَدَ عَلَيْهِ اُمَّةً مِّنَ النَّاسِ يَسْقُوْنَ

۽ جڏهن اهو پهتو مدين جي پاڻي (جي کوهہ) تي (تہ) ان لڌو ان تي هڪ گروهہ ماڻهن جو اهي پاڻي پيارن پيا (پنهنجن جانورن کي)

وَوَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمُ امْرَاَتَيْنِ تَذُوْدٰنِ ۚ قَالَ مَا خَطْبُكُمَا ؕ قَالَتَا

۽ ان لڌو انهن کان الڳ ٻن عورتن کي انهن (پنهنجي ڌڻ کي پاڻيءَ کان) جهلي بيهاريو ٿي ان (موسيٰ) چيو ڇا توهان جو مطلب آهي؟ انهن ٻنهن چيو

لَا نَسْقِيْ حَتّٰى يُصْدِرَ الرِّعَآءُ ٚ وَاَبُوْنَا شَيْخٌ كَبِيْرٌ ﴿٢٣﴾

نہ ٿيون اسان پياريون جيستر موٽائي وٺي وڃن ڌنار (پنهنجا جانور) ۽ اسان جو پيءُ پوڙهو آهي وڏي عمر جو

فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰٓى اِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ اِنِّيْ لِمَآ اَنْزَلْتَ اِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيْرٌ ﴿٢٤﴾

پوءِ ان (موسيٰ) پاڻي پياريو انهن ٻنهن (جي ڌڻن) کي پوءِ پوئتي هٽيو ڇانوَ ڏانهن ۽ چيو اي منهنجا رب! بيشڪ آءٌ ان شيءِ جو جيڪا تون نازل ڪرين مون ڏانهن ڪا ڀلائي محتاج آهيان

## مدين ۾ حضرت موسيٰ ؑ تي الله پاڪ جون عنايتون (سورت القصص آيت: ٢٥ کان ٢٨)

فَجَآءَتْهُ اِحْدٰىهُمَا تَمْشِيْ عَلَى اسْتِحْيَآءٍ ز قَالَتْ

پوءِ آئي ان وٽ ٻنهي مان هڪ (ڇوڪري) گهمندي حياءَ سان ان چيو

اِنَّ اَبِيْ يَدْعُوْكَ لِيَجْزِيَكَ اَجْرَ مَا سَقَيْتَ لَنَا ؕ فَلَمَّا جَآءَهٗ

بيشڪ منهنجو پيءُ سڏي ٿو توکي جيئن اهو ڏئي توکي مزدوري ان جي جو تو پياريو پاڻي (ڌڻ کي) اسان جي واسطي پوءِ جڏهن اهو (موسيٰ) آيو ان وٽ

وَقَصَّ عَلَيْهِ الْقَصَصَ ۙ قَالَ لَا تَخَفْ ۫ نَجَوْتَ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٥﴾

۽ ان بيان ڪيو ان تي (سچو) قصو (تہ) ان چيو نہ ٿون ڊڄ تون بچي آئين ظالم قوم کان

قَالَتْ اِحْدٰىهُمَا يٰٓاَبَتِ اسْتَاْجِرْهُ ز اِنَّ خَيْرَ مَنِ اسْتَاْجَرْتَ

چيو هڪ (ڇوڪري) انهن ٻنهن مان اي منهنجا پيءُ! مزدور ڪري رک ان کي بيشڪ ڀلو اهو آهي جنهن کي تون مزدوري تي رکين

الْقَوِيُّ الْاَمِيْنُ ﴿٢٦﴾ قَالَ اِنِّيْٓ اُرِيْدُ اَنْ اُنْكِحَكَ اِحْدَى ابْنَتَيَّ هٰتَيْنِ

طاقتور (۽) امانتدار ماڻهو هجي ان چيو بيشڪ آءٌ گهران ٿو هي تہ نڪاح ڪرايان توسان هڪ جو پنهنجن هنن ٻن ڌيئرن مان

عَلٰٓى اَنْ تَاْجُرَنِيْ ثَمٰنِيَ حِجَجٍ ۚ فَاِنْ اَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ۚ

هن (شرط) تي تہ تون نوڪري ڪندي منهنجي اٺ سال پوءِ جيڪڏهن تون پورا ڪندين ڏهہ سال تہ تنهنجي طرفان (ڀلائي) آهي

وَمَآ اُرِيْدُ اَنْ اَشُقَّ عَلَيْكَ ؕ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٧﴾

۽ نہ تو آءٌ گهران ٿو تہ سختي ڪريان توتي يقينن تون لهندين مون کي جيڪڏهن الله گهريو صالح ماڻهن مان

قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ ؕ اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ

ان (موسيٰ) چيو هي (معاهدو) آهي منهنجي درميان ۽ تنهنجي درميان جهڙي بہ ٻن مدتن مان آءٌ پوري ڪريان

فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٢٨﴾ ۧ

تہ ڪا زيادتي مون تي ۽ الله اها (ڳالھ) تي جيڪا اسان چئي رهيا آهيون نگران آهي

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي مصر ۾ واپسي ۽ صحرا ۾ الله پاڪ سان ڳالهائڻ (سورت طٰهٰ آيت : ٩ کان ١٦)

وَهَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ﴿٩﴾ اِذْ رَاٰ نَارًا فَقَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا

۽ ڇا پهتي تو وٽ ڳالھ موسيٰ جي؟ جڏهن ان ڏٺو باھ کي تہ چيائين پنهنجي گهر وارن کي توهان ترسو

اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِقَبَسٍ اَوْ اَجِدُ عَلَى النَّارِ هُدًى ﴿١٠﴾

بيشڪ مون ڏٺي آهي باھ مان آءٌ کڻي اچان اوهان وٽ ان مان ڪا چڻنگ يا آءٌ لهان باھ وٽ ڪوئي رستو ٻڌائيندڙ

فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ يٰمُوْسٰى ﴿١١﴾ ؕ اِنِّيْٓ اَنَا رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۚ

پوءِ جڏهن اهو آيو ان (باھ) وٽ تہ آواز ڏنو ويو اي موسيٰ بيشڪ آءٌ تنهنجو رب آهيان پوءِ تون لاھ پنهنجي جتي

اِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ﴿١٢﴾ ؕ وَاَنَا اخْتَرْتُكَ فَاسْتَمِعْ لِمَا يُوْحٰى ﴿١٣﴾

بيشڪ تون مقدس وادي طويٰ ۾ آهين ۽ آءٌ پسند ڪيو آهي توکي پوءِ تون غور سان ٻڌ ان کي جيڪي وحي ڪئي وڃي ٿي

اِنَّنِيْٓ اَنَا اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدْنِيْ ۙ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِيْ ﴿١٤﴾

بيشڪ آءٌ ئي الله آهيان ناهي ڪوئي معبود (برحق) مگر آءٌ ئي پوءِ تون عبادت ڪر منهنجي ۽ قائم ڪر نماز منهنجي يادگيري لاءِ

اِنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ اَكَادُ اُخْفِيْهَا لِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا تَسْعٰى ﴿١٥﴾

بيشڪ قيامت اچڻي آهي ويجهو آهي تہ آءٌ لڪايان ان کي جيئن بدلو ڏنو وڃي هر جيءُ ان جو جيڪا اهو ڪوشش ڪري ٿو

فَلَا يَصُدَّنَّكَ عَنْهَا مَنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهَا

پوءِ نہ روڪي توکي ان کان اهو ماڻهو جيڪو نہ ٿو ايمان آڻي ان سان

وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ فَتَرْدٰى ﴿١٦﴾

۽ ان پيروي ڪئي پنهنجي خواهشن جي پوءِ تون (بہ) هلاڪ ٿيندين

# اهم نقطا

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي مصر ۾ واپسي ۽ صحرا ۾ الله پاڪ سان ڳالهائڻ (سورت الشعراءَ آيت: ١٠ کان ١٥)

وَاِذْ نَادٰى رَبُّكَ مُوْسٰٓى اَنِ ائْتِ الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۙ﴿۱۰﴾ قَوْمَ فِرْعَوْنَ ؕ اَلَا يَتَّقُوْنَ ﴿۱۱﴾

۽ (ياد ڪر) جڏهن سڏيو تنهنجي رب موسيٰ کي هي تہ تون وڃ ظالم قوم ڏي (يعني) قوم فرعون ڏانهن ڇا نہ تا اهي ڊڄن؟

قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ؕ﴿۱۲﴾ وَيَضِيْقُ صَدْرِىْ وَلَا يَنْطَلِقُ لِسَانِىْ

ان (موسيٰ) چيو اي منهنجا رب! بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو (هن ڪان) تہ اهي ڪوڙو ڪندا ۽ تنگ ٿئي ٿو منهنجو سينو ۽ نہ ٿي هلي منهنجي زبان

فَاَرْسِلْ اِلٰى هٰرُوْنَ ﴿۱۳﴾ وَلَهُمْ عَلَيَّ ذَنْۢبٌ فَاَخَافُ اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ۚ﴿۱۴﴾

پوءِ تون (وحي) موڪل هارون ڏانهن ۽ انهن جو مون تي هڪ ڏوهہ (جرم) آهي پوءِ آءٌ ڊڄان ٿو (هن ڪان) تہ اهي قتل ڪن مون کي

قَالَ كَلَّا ۚ فَاذْهَبَا بِاٰيٰتِنَآ اِنَّا مَعَكُمْ مُّسْتَمِعُوْنَ ﴿۱۵﴾

ان (الله) چيو هرگز نہ! (تي سگهندوائين) پوءِ اوهان ٻئي وڃو اسان جي نشانين سان يقينن اسان توهان سان گڏ ٻڌندڙ آهيون

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي مصر ۾ واپسي ۽ صحرا ۾ الله پاڪ سان ڳالهائڻ (سورت القصص آيت: ٢٩ کان ٣٠)

فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَسَارَ بِاَهْلِهٖٓ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ۚ

پوءِ جڏهن پوري ڪئي موسيٰ اها مدت ۽ اهو پنهنجي زال کي وٺي هليو تہ ان ڏٺي طور جبل جي پاسي کان باهہ

قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ

ان چيو پنهنجي گهر وارن کي توهان ترسو بيشڪ مون ڏٺي آهي باهہ شايد آءٌ آڻيان توهان وٽ ان (جاءِ) تان ڪا خبر

اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ﴿۲۹﴾ فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِ الْاَيْمَنِ

يا ٽانڊو باهہ جو جيئن توهان (پاڻ) سيڪيو پوءِ جڏهن اهو آيو ان وٽ (تہ) اهو سڏيو ويو وادي جي ساڄي ڪناري کان

فِى الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ يّٰمُوْسٰٓى اِنِّيْٓ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿۳۰﴾

برڪت واري جاءِ ۾ وڻ مان تہ اي موسيٰ! بيشڪ آءٌ الله آهيان پالڻهار جهانن جو

## حضرت موسيٰ عليه السلام جا معجزا (سورت طٰه آيت: ١٧ کان ٢٤)

وَمَا تِلْكَ بِيَمِيْنِكَ يٰمُوْسٰى ﴿۱۷﴾ قَالَ هِيَ عَصَايَ ۚ اَتَوَكَّؤُا عَلَيْهَا

۽ ڇا آهي اها تنهنجي ساڄي هٿ ۾؟ اي موسيٰ ان (موسيٰ) چيو اها منهنجي لٺ آهي آءٌ ٽيڪ ڏيندو آهيان ان تي

وَاَهُشُّ بِهَا عَلٰى غَنَمِىْ وَلِىَ فِيْهَا مَاٰرِبُ اُخْرٰى ﴿۱۸﴾ قَالَ

۽ (وڻن جا پن) ڇاڻيندو آهيان ان سان پنهنجي ٻڪرين تي ۽ منهنجي لاءِ ان ۾ ٻيا بہ ڪم آهن ان (الله) فرمايو

اَلْقِهَا يٰمُوْسٰى ﴿۱۹﴾ فَاَلْقٰىهَا فَاِذَا هِيَ حَيَّةٌ تَسْعٰى ﴿۲۰﴾ قَالَ خُذْهَا وَلَا تَخَفْ وقفة

اُڇل ان کي اي موسيٰ پوءِ اڇلايائين ان کي تہ انهيءَ مهل اها نانگ هئي جو ڊوڙي پيئي ان (الله) فرمايو پڪڙ ان کي ۽ نہ تون ڊڄ

سَنُعِيْدُهَا سِيْرَتَهَا الْاُوْلٰى ﴿٢١﴾ وَاضْمُمْ يَدَكَ اِلٰى جَنَاحِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ

اسان هاڻي موٽائينداسون ان کي ان جي پهرئين حالت ۾ ۽ تون ملائي پنهنجو هٿ پنهنجي بغل سان اهو نڪرندو چمڪندڙ ٿي ڪنهن عيب کانسواءِ

اٰيَةً اُخْرٰى ﴿٢٢﴾ لِنُرِيَكَ مِنْ اٰيٰتِنَا الْكُبْرٰى ﴿٢٣﴾ اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٢٤﴾

اها نشاني آهي ٻي جيئن اسان ڏيکاريون توکي پنهنجون ڪجھ نشانيون وڏيون تون وڃ فرعون ڏانهن بيشڪ اهو حد کان لنگهي ويو آهي

## حضرت موسيٰ ﷺ جا معجزا (سورت القصص آيت: ٣١ کان ٣٥)

وَاَنْ اَلْقِ عَصَاكَ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا

۽ هي تہ تون اڇل پنهنجي لٺ پوءِ جڏهن ان (موسيٰ) ڏٺو ان (لٺ) کي تہ اها چري پئي چڻ تہ اها نانگ آهي (تہ) اهو ڦريو پٺي ڏئي

وَّلَمْ يُعَقِّبْ يٰمُوْسٰٓى اَقْبِلْ وَلَا تَخَفْ اِنَّكَ مِنَ الْاٰمِنِيْنَ ﴿٣١﴾

۽ نہ پوئتي ڏٺائين (چيو ويو) اي موسيٰ! اڳيان اچ ۽ نہ تون خوف ڪر بيشڪ تون امن وارن مان آهين

اُسْلُكْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ وَّاضْمُمْ اِلَيْكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ

تون داخل ڪر پنهنجو هٿ پنهنجي گريبان ۾ (پوءِ تون ڪڍ ان کي) اهو نڪرندو اڇو (چمڪندڙ) سواءِ ڪنهن (عيب) جي ۽ تون ملاءِ پاڻ ڏي پنهنجون ٻانهون خوف کان (بچڻ لاءِ)

فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ مِنْ رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٣٢﴾

پوءِ اهي ٻئي دليل آهن تنهنجي رب طرفان فرعون ڏانهن ۽ ان جي درٻارين (ڏانهن) بيشڪ اهي آهن ماڻهو نافرمان

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ﴿٣٣﴾

ان (موسيٰ) چيو اي منهنجا رب! بيشڪ مون قتل ڪيو هو انهن مان هڪ ماڻهو کي پوءِ آءٌ ڊڄان ٿو هن کان تہ اهي قتل ڪندا مون کي

وَاَخِيْ هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّيْ لِسَانًا فَاَرْسِلْهُ مَعِيَ رِدْاً يُّصَدِّقُنِيْٓ

۽ منهنجو ڀاءُ هارون اهو گهڻو فصيح آهي مون کان بااعتبار زبان جي پوءِ تون موڪل ان کي مون سان گڏ مددگار ڪري (تہ) اهو تصديق ڪري منهنجي

اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ﴿٣٤﴾ قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِيْكَ

بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو هن کان تہ اهي ڪوڙو ڪندا مون کي ان (الله) فرمايو سگهو اسان مضبوط ڪنداسون تنهنجو ٻانهون تنهنجي ڀاءُ سان

وَنَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا يَصِلُوْنَ اِلَيْكُمَا بِاٰيٰتِنَآ

۽ اسان ڪنداسون توهان ٻنهي لاءِ غلبو پوءِ نہ اهي پهچندا توهان ٻنهي ڏانهن (توهان وٽ) اسان جي نشانين سان

اَنْتُمَا وَمَنِ اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ﴿٣٥﴾

توهان ٻئي ۽ جيڪي بہ توهان جي پيروي ڪندا غالب رهندا

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي الله پاڪ کان دعا ۽ الله پاڪ جون ان تي عنايتون (سورت طٰهٰ آيت : ٢٥ کان ٢٦)

قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿٢٥﴾ وَيَسِّرْ لِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٢٦﴾ وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿٢٧﴾

ان (موسيٰ) چيو اي رب! کول مون لاءِ منهنجو سينو ۽ آسان ڪر مون لاءِ منهنجو ڪم ۽ کول (هبڪ جي) ڳنڍ منهنجي زبان تان

يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿٢٨﴾ وَاجْعَلْ لِّيْ وَزِيْرًا مِّنْ اَهْلِيْ ﴿٢٩﴾ هٰرُوْنَ اَخِي ﴿٣٠﴾

(جيئن) اهي سمجهي سگهن منهنجي ڳالهه ۽ تون بڻاءِ مون لاءِ وزير منهنجي گهر مان (يعني) هارون منهنجي ڀاءُ کي

اشْدُدْ بِهٖٓ اَزْرِيْ ﴿٣١﴾ وَاَشْرِكْهُ فِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٣٢﴾ كَيْ نُسَبِّحَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٣﴾

تون مضبوط ڪر ان سان منهنجي چيلهه ۽ شريڪ ڪر ان کي منهنجي ڪم (نبوت) ۾ جيئن اسان وڌيڪ بيان ڪريون تنهنجي پاڪائي

وَّنَذْكُرَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٤﴾ اِنَّكَ كُنْتَ بِنَا بَصِيْرًا ﴿٣٥﴾ قَالَ قَدْ اُوْتِيْتَ سُؤْلَكَ يٰمُوْسٰى ﴿٣٦﴾

۽ (جيئن) اسان ياد ڪريون توکي ڪثرت سان بيشڪ تون ئي آهين اسان کي گهڻو ڏسندڙ ان (الله) فرمايو تحقيق تون ڏنو وئين پنهنجي گهرج اي موسيٰ!

وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلَيْكَ مَرَّةً اُخْرٰٓى ﴿٣٧﴾ اِذْ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّكَ مَا يُوْحٰٓى ﴿٣٨﴾

۽ البت تحقيق اسان احسان ڪيوسون توتي هڪ دفعو ٻيهر جڏهن اسان الهام ڪيو (هئو) تنهنجي ماءُ ڏانهن اهو جيڪو (هاڻي) وحي ڪيو وڃي ٿو

اَنِ اقْذِفِيْهِ فِي التَّابُوْتِ فَاقْذِفِيْهِ فِي الْيَمِّ فَلْيُلْقِهِ الْيَمُّ بِالسَّاحِلِ

هي تہ تون وجهہ ان (موسيٰ) کي پيٽيءَ ۾ پوءِ اڇلائي ڇڏ ان کي درياءَ ۾ پوءِ ڪڍي اڇلائي ان کي درياءَ ڪناري تي

يَاْخُذْهُ عَدُوٌّ لِّيْ وَعَدُوٌّ لَّهٗ ۭ وَاَلْقَيْتُ عَلَيْكَ مَحَبَّةً مِّنِّيْ ڬ وَلِتُصْنَعَ عَلٰى عَيْنِيْ ﴿٣٩﴾

تہ ڪڍي وٺندو ان کي دشمن منهنجو ۽ دشمن ان جو ۽ آءُ وڌي توتي محبت پنهنجي طرفان ۽ جيئن تون پاليون وڃين منهنجي نگاهہ ۾

اِذْ تَمْشِيْٓ اُخْتُكَ فَتَقُوْلُ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى مَنْ يَّكْفُلُهٗ ۭ

جڏهن وڃي ٿي تنهنجي ڀيڻ پوءِ اها چوي پئي ڇا آءٌ ڏس ڏيان توهان کي ان تي جيڪو ڪفالت ڪري ان جي؟

فَرَجَعْنٰكَ اِلٰٓى اُمِّكَ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ ڛ

پوءِ اسان موٽايو توکي تنهنجي ماءُ ڏانهن جيئن ٺڌيون ٿين ان جون اکيون ۽ نہ ڏک ڪري

وَقَتَلْتَ نَفْسًا فَنَجَّيْنٰكَ مِنَ الْغَمِّ وَفَتَنّٰكَ فُتُوْنًا ڦ

۽ تو قتل ڪيو هڪ ماڻهو پوءِ اسان بچايو توکي (ان) غم کان ۽ اسان آزمايو توکي گهڻو آزمائڻ

فَلَبِثْتَ سِنِيْنَ فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ ڛ ثُمَّ جِئْتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوْسٰى ﴿٤٠﴾

پوءِ تون رهئين (ڪيئي) سال مدين وارن ۾ پوءِ تون آئين تقدير (ربي) سان اي موسيٰ!

وَاصْطَنَعْتُكَ لِنَفْسِيْ ﴿٤١﴾ اِذْهَبْ اَنْتَ وَاَخُوْكَ بِاٰيٰتِيْ وَلَا تَنِيَا فِيْ ذِكْرِيْ ﴿٤٢﴾

۽ مون خاص ڪيو توکي پنهنجي (ڪم) لاءِ وڃ تون ۽ تنهنجو ڀاءُ منهنجون نشانيون (معجزا) کڻي ڪري ۽ نہ توهان سستي ڪجو منهنجي ذڪر ۾

# اهم نقطا

اِذْهَبَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ۚ﴿٤٣﴾ فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا

توهان ٻئي وڃو ! فرعون ڏانهن بيشڪ اهو سرڪش ٿيو آهي پوءِ توهان ٻئي ڳالهايو ان سان ڳالهه نرم

لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى ﴿٤٤﴾ قَالَا رَبَّنَآ اِنَّنَا نَخَافُ اَنْ يَّفْرُطَ عَلَيْنَآ

مَن اهو نصيحت وٺي يا ڊڄي انهن ٻنهن چيو اي اسان جا رب! بيشڪ اسان تہ ڊڄون ٿا (هن ڪان) تہ اهو زيادتي ڪري اسان تي

اَوْ اَنْ يَّطْغٰى ﴿٤٥﴾ قَالَ لَا تَخَافَآ اِنَّنِيْ مَعَكُمَآ اَسْمَعُ وَ اَرٰى ﴿٤٦﴾

يا هي تہ اهو حد کان لنگهي ان (الله) فرمايو نہ توهان ٻئي ڊڄو بيشڪ آءٌ گڏ آهيان توهان سان آءٌ ٻڌايان تو ءِ آءٌ ڏسان تو

## حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون جي درٻار ۾ (سورت الاعراف آيت : ١٠٣ کان ١١٢)

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۟ئِهٖ

پوءِ اسان موڪليو انهن کان پوءِ موسيٰ کي پنهنجي نشانن سان فرعون ءِ ان جي سردارن ڏانهن

فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَ قَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ

پوءِ انهن ظلم ڪيو انهن (نشانن) سان پوءِ ڏس ڪيئن ٿيو انجام فساد ڪندڙن جو؟ ۽ چيو موسيٰ اي فرعون!

اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿١٠٤﴾ حَقِيْقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ

يقينن آءٌ رسول آهيان رب العالمين طرفان واجب آهي (منهنجي لاءِ) هي ڳالهه تہ نہ آءٌ چوان الله تي مگر سچ

قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ؕ﴿١٠٥﴾

تحقيق آندي توهان وٽ چٽي نشاني توهان جي رب طرفان پوءِ تون وڃڻ ڏي مون سان گڏ بني اسرائيل کي

قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٠٦﴾

ان چيو جيڪڏهن تون آندي آهي ڪا (وڏي) نشاني تہ آڻ ان کي جيڪڏهن آهين تون سچن مان

فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ۚ﴿١٠٧﴾ وَّ نَزَعَ يَدَهٗ

پوءِ اڇلايو (موسيٰ پنهنجي لٺ کي پوءِ اتي جو اتي (ٿي پئي) اها پڌرو نانگ ءِ ان (ٻاهر) ڪڍيو پنهنجو هٿ

فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ۠﴿١٠٨﴾ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ۙ﴿١٠٩﴾

تہ تڏهن (تي پيو) اهو روشن ڏسندڙن لاءِ چيو سردارن فرعون جي قوم مان يقينن هي (تہ) جادوگر وڏو ماهر آهي

يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ ۚ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿١١٠﴾ قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَ اَخَاهُ

اهو گهري ٿو تہ ڪڍي توهان کي توهان جي زمين مان پوءِ ڇا ٿا توهان صلاح ڏيو انهن چيو مهلت ڏي ان کي ءِ ان جي ڀاءَ کي

وَ اَرْسِلْ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ۙ﴿١١١﴾ يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿١١٢﴾

ءِ تون موڪل شهرن ۾ ڪوٺيندڙ اهي آڻن تو وٽ هر ماهر جادوگر

## حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون جي درٻار ۾ (سورت طٰهٰ آيت: ۴۷ کان ۵۶)

فَاْتِيٰهُ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلَا رَبِّكَ فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

پوءِ توهان ٻئي وڃو ان وٽ ۽ چؤ بيشڪ اسان رسول آهيون تنهنجي رب جا پوءِ تون موڪل اسان سان گڏ بني اسرائيل کي

وَلَا تُعَذِّبْهُمْ قَدْ جِئْنٰكَ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ وَالسَّلٰمُ عَلٰى

۽ نه ستاءِ انهن کي تحقيق اسان آندي آهي تو وٽ نشاني تنهنجي رب جي طرفان ۽ سلامتي آهي ان ماڻهو تي

مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى ﴿۴۷﴾ اِنَّا قَدْ اُوْحِيَ اِلَيْنَآ اَنَّ الْعَذَابَ عَلٰى مَنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿۴۸﴾ قَالَ

پيروي ڪئي هدايت جي بيشڪ اسان تحقيق وحي ڪئي وئي اسان ڏانهن (ته) بيشڪ عذاب آهي ان ماڻهو تي جنهن (حق کي) ڪوڙ ڪيو ۽ (ان کان) منهن موڙيو ان (فرعون) چيو

فَمَنْ رَّبُّكُمَا يٰمُوْسٰى ﴿۴۹﴾ قَالَ رَبُّنَا الَّذِيْٓ اَعْطٰى كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ﴿۵۰﴾

آخر ڪير آهي توهان ٻنهن جو رب؟ اي موسيٰ! ان (موسيٰ) چيو اسان جو رب اهو آهي جنهن ڏني هر شيءِ کي ان جي شڪل و صورت پوءِ رستو ڏيکاريائين

قَالَ فَمَا بَالُ الْقُرُوْنِ الْاُوْلٰى ﴿۵۱﴾ قَالَ عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ فِيْ كِتٰبٍ

ان (فرعون) چيو پوءِ ڇا حال آهي پهرئين امتن جو؟ ان (موسيٰ) چيو ان جو علم منهنجي رب وٽ آهي لوح محفوظ ۾

لَا يَضِلُّ رَبِّيْ وَلَا يَنْسَى ﴿۵۲﴾ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّسَلَكَ لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا

نه ٿو ڀلجي منهنجو رب ۽ نه ٿو وساري اها ذات جنهن بڻايو توهان لاءِ زمين کي وڇاڻو ۽ ان بڻايا توهان (جي هلڻ) لاءِ ان ۾ رستا

وَّاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْ نَّبَاتٍ شَتّٰى ﴿۵۳﴾ كُلُوْا وَارْعَوْا اَنْعَامَكُمْ

۽ ان نازل ڪيو آسمان کان پاڻي پوءِ اسان ڪڍيا ان سان ڪئي قسم مختلف سلن کان توهان (پاڻ به) کائو ۽ چاريو پنهنجي جانورن کي

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي النُّهٰى ﴿۵۴﴾ مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ وَفِيْهَا نُعِيْدُكُمْ

بيشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن عقل وارن لاءِ ان (زمين) مان اسان پيدا ڪيو توهان کي ۽ ان ۾ اسان (ٻيهر) موٽائينداسون توهان کي

وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى ﴿۵۵﴾ وَلَقَدْ اَرَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا كُلَّهَا فَكَذَّبَ وَاَبٰى ﴿۵۶﴾

۽ ان مان اسان ڪڍنداسون توهان کي هڪ ڀيري ٻئي ۽ البت تحقيق اسان ڏيکاريون ان (فرعون) کي پنهنجون سڀ نشانيون پوءِ به ان ڪوڙو ڪيو ۽ انڪار (ئي) ڪيو

## درٻار ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ فرعون جو دلچسپ مڪالمو (سورت الشعراءَ آيت: ۱۶ کان ۳۷)

فَاْتِيَا فِرْعَوْنَ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶﴾ اَنْ اَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۱۷﴾

پوءِ توهان ٻئي وڃو فرعون وٽ پوءِ چؤ بيشڪ اسان رسول آهيون رب العالمين جا هي ته تون موڪل (آزاد ڪر) اسان سان گڏ بني اسرائيل کي

قَالَ اَلَمْ نُرَبِّكَ فِيْنَا وَلِيْدًا وَّلَبِثْتَ فِيْنَا مِنْ عُمُرِكَ سِنِيْنَ ﴿۱۸﴾

ان (فرعون) چيو ڇا نه اسان پرورش ڪئي هئي تنهنجي پاڻ وٽ جڏهن تون ٻار هئين ۽ تون رهئين اسان وٽ پنهنجي عمر مان ڪيترائي سال

وَفَعَلْتَ فَعْلَتَكَ الَّتِيْ فَعَلْتَ وَاَنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾ قَالَ فَعَلْتُهَآ اِذًا وَّاَنَا مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٢٠﴾

۽ تون ڪيو ھو پنھنجو ڪم جيڪو تو ڪيو ۽ تون ناشڪرن مان آھين ان (موسيٰ) چيو مون ڪيو ھو اھو (ڪم) ان وقت جڏھن آءٌ (رستي تان) ڀليل ماڻھن مان ھئس

فَفَرَرْتُ مِنْكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ فَوَهَبَ لِيْ رَبِّيْ حُكْمًا وَّجَعَلَنِيْ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢١﴾

پوءِ آءٌ ڀڄي ويس توھان ڪان جڏھن آءٌ ڊنم توھان ڪان پوءِ ڏنو مون کي منھنجي رب حڪم (علم) ۽ ان بڻايو مون کي رسولن مان

وَتِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَيَّ اَنْ عَبَّدْتَّ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٢﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ وَمَا رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٣﴾

۽ (ڇا ھي آھي) اھو احسان جنھن جو تون ٿورو ڪرين ٿو مون تي ھي تہ تون غلام بڻائي رکيو آھي بني اسرائيل کي چيو فرعون ۽ ڪير آھي رب العالمين؟

قَالَ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ﴿٢٤﴾ قَالَ

ان (موسيٰ) چيو آسمانن جو رب ۽ زمين جو (رب) ۽ (ان جو) جيڪو ڪجھ انھن ٻنھن جي درميان آھي جيڪڏھن آھين تون يقين ڪندڙ ان (فرعون) چيو

لِمَنْ حَوْلَهٗٓ اَلَا تَسْتَمِعُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالَ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٦﴾

انھن ماڻھن کي جيڪي انھن جي ارد گرد ھئا ڇا نہ ٿا توھان ٻڌو؟ ان (موسيٰ) چيو (اھو آھي) توھان جو رب ۽ توھان جي پيءُ ڏاڏن اڳين جو

قَالَ اِنَّ رَسُوْلَكُمُ الَّذِيْٓ اُرْسِلَ اِلَيْكُمْ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٢٧﴾ قَالَ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ

ان (فرعون) چيو بيشڪ توھان جو رسول جيڪو موڪليو ويو توھان ڏانھن يقينن چريو آھي ان (موسيٰ) چيو (اھو آھي) رب اوڀر جو ۽ اولھہ جو

وَمَا بَيْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالَ لَئِنِ اتَّخَذْتَ اِلٰهًا غَيْرِيْ

۽ (ان جو) جيڪو ڪجھ انھن ٻنھن جي درميان آھي جيڪڏھن آھيو توھان عقل رکو ٿا ان (فرعون) چيو البت جيڪڏھن تو ورتو ڪوئي (ٻيو) معبود مون کانسواءِ

لَاَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُوْنِيْنَ ﴿٢٩﴾ قَالَ اَوَلَوْ جِئْتُكَ بِشَيْءٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾

تہ البت آءٌ ضرور بڻائيندس توکي قيدين مان ان (موسيٰ) چيو ڇا ۽ توڙي جو آءٌ آڻيان تو وٽ ڪا شيءِ واضح (تہ پوءِ بہ)؟

قَالَ فَاْتِ بِهٖٓ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٣١﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿٣٢﴾

ان چيو پوءِ آڻ اھا شيءِ جيڪڏھن آھين تون سچن مان پوءِ ان (موسيٰ) اڇليو پنھنجي لٺ تہ اوچتو اھا ٿي پئي (وڏو) نانگ چٽو

وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿٣٣﴾ قَالَ لِلْمَلَاِ حَوْلَهٗٓ

۽ ان ڪڍيو پنھنجو ھٿ تہ اوچتو اھو ٿي پيو اڇو (چمڪندڙ) ڏسندڙن لاءِ ان چيو سردارن کي جو ان جي آسپاس ھئا

اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾ يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهٖ ۖ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ قَالُوْٓا

بيشڪ ھي (موسيٰ) البت جادوگر آھي ڄاڻو (ماھر) اھو گھري ٿو ھي تہ ڪڍي توھان کي توھان جي زمين مان پنھنجي جادوءَ سان پوءِ ڇا ٿا حڪم ڪريو؟ انھن چيو

اَرْجِهْ وَاَخَاهُ وَابْعَثْ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿٣٦﴾ يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيْمٍ ﴿٣٧﴾

تون ترساءِ ان کي ۽ ان جي ڀاءَ کي ۽ تون موڪل شھرن ۾ گڏ ڪندڙن کي اھي آڻين تو وٽ سڀ ڪنھن داناءَ جادوگر کي

# اهم نقطا

## حضرت موسيٰ ؑ فرعون جي درٻار ۾ (سورت القصص آيت : ٣٦ کان ٣٧)

فَلَمَّا جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّفْتَرًى

پوءِ جڏهن آيو موسيٰ اسان جي واضح نشانين سان (ته) انهن چيو ناهي هي مگر جادو گهڙيل

وَّمَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ (٣٦) وَقَالَ مُوْسٰى رَبِّيْٓ اَعْلَمُ

۽ نه اسان ٻڌي اها (ڳالهه) پنهنجن اڳين پيءُ ڏاڏن ۾ ۽ چيو موسيٰ منهنجو رب گهڻو ڄاڻندڙ آهي

بِمَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى مِنْ عِنْدِهٖ وَمَنْ تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ (٣٧)

ان ماڻهو کي جيڪو آيو هدايت سان ان وٽان ۽ ان ماڻهو کي جو ٿيندي ان لاءِ (چڱي) پڇاڙي آخرت جي بيشڪ نه ٿو ڪامياب ٿي ظالم

## حضرت موسيٰ ؑ جو جادوگرن سان مقابلو ۽ حضرت موسيٰ جي فتح (سورت الاعراف آيت: ١١٣ کان ١٢٢)

وَجَآءَ السَّحَرَةُ فِرْعَوْنَ قَالُوْٓا اِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ (١١٣)

۽ آيا جادوگر فرعون وٽ انهن چيو يقينن اسان لاءِ انعام هوندو جيڪڏهن ٿياسون اسان غالب؟

قَالَ نَعَمْ وَاِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ (١١٤) قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ نَحْنُ الْمُلْقِيْنَ (١١٥)

(فرعون) چيو هائو! ۽ بلاشبہ توهان (منهنجي) خاص ماڻهن مان هوندؤ انهن چيو اي موسيٰ يا تون (لٺ) اڇلاءِ ۽ يا هي جو هجون اسان اڇلائيندڙ؟

قَالَ اَلْقُوْا ۚ فَلَمَّآ اَلْقَوْا سَحَرُوْٓا اَعْيُنَ النَّاسِ وَاسْتَرْهَبُوْهُمْ

(موسيٰ) چيو توهان اڇلايو پوءِ جڏهن انهن اڇلايو (ته) جادو ڪيائون ماڻهن جي اکين تي ۽ انهن کي ڊيڄاريائون

وَجَآءُوْ بِسِحْرٍ عَظِيْمٍ (١١٦) وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ۚ فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ

۽ انهن پيش ڪيو جادو وڏو ۽ اسان وحي ڪيو موسيٰ ڏانهن ته تون (ٻ) اڇل پنهنجي لٺ پوءِ جڏهن (ان اڇلي) (ته اوچتو) اها ڳهندي وئي

مَا يَاْفِكُوْنَ ۚ (١١٧) فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۚ (١١٨) فَغُلِبُوْا هُنَالِكَ

ان (جادو) کي جيڪي اهي گهڙيندا هئا پوءِ ثابت ٿيو حق ۽ غلط ٿيو جيڪو ڪجھ هئا اهي ڪندا پوءِ اهي (جادوگر) مغلوب ٿيا اتي ئي

وَانْقَلَبُوْا صٰغِرِيْنَ ۚ (١١٩) وَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ۖ (١٢٠) قَالُوْٓا اٰمَنَّا

۽ اهي موٽيا ذليل خوار ٿي ۽ ڪرايا ويا جادوگر سجدو ڪندڙ ٿي انهن (جادوگرن) چيو اسان ايمان آندو

بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ (١٢١) رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ (١٢٢)

رب العالمين تي موسيٰ ۽ هارون جي رب تي.

## حضرت موسيٰ ؑ جو جادوگرن سان مقابلو ۽ حضرت موسيٰ ؑ جي فتح (سورت طٰه آيت: ٥٧ کان ٧٠)

قَالَ اَجِئْتَنَا لِتُخْرِجَنَا مِنْ اَرْضِنَا بِسِحْرِكَ يٰمُوْسٰى (٥٧)

ان چيو ڇا تون آيو آهين اسان وٽ جيئن تون ڪڍين اسان کي اسان جي زمين مان پنهنجي جادو جي ذريعي اي موسيٰ!

فَلَنَاْتِيَنَّكَ بِسِحْرٍ مِّثْلِهٖ فَاجْعَلْ بَيْنَنَا وَبَيْنَكَ مَوْعِدًا

پوءِ البت اسان ضرور آڻينداسون تو وٽ جادو ان جهڙو ئي پوءِ تون مقرر ڪر اسان جي درميان ۽ پنهنجي درميان هڪ واعدي جو وقت

لَّا نُخْلِفُهٗ نَحْنُ وَلَآ اَنْتَ مَكَانًا سُوًى (٥٨) قَالَ مَوْعِدُكُمْ يَوْمُ الزِّيْنَةِ

(ته) نه خلاف ورزي ڪريون ان جي اسان ۽ نڪي تون جڳهه هجي هموار ان (موسيٰ) چيو توهان جو واعدو آهي زينت (جشن) جو ڏينهن

وَاَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى (٥٩) فَتَوَلّٰى فِرْعَوْنُ فَجَمَعَ كَيْدَهٗ ثُمَّ اَتٰى (٦٠)

۽ هي ته گڏ ڪيو وڃي ماڻهن کي چاشت جي وقت پوءِ (گهر ڏي) موٽيو فرعون ۽ ان گڏ ڪيا پنهنجا فند پوءِ اهو آيو

قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى وَيْلَكُمْ لَا تَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا فَيُسْحِتَكُمْ بِعَذَابٍ

چيو انهن (جادوگرن) کي موسيٰ ويل هجي توهان لاءِ نه توهان گهڙيو الله تي ڪوڙ پوءِ اهو پاڙ پٽي ڇڏي توهان جي عذاب سان

وَقَدْ خَابَ مَنِ افْتَرٰى (٦١) فَتَنَازَعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ وَاَسَرُّوا النَّجْوٰى (٦٢)

۽ تحقيق اهو ناڪام ٿيو جنهن ڪوڙ ٺاهيو پوءِ انهن بحث ڪيو پنهنجي معاملي ۾ پاڻ ۾ ۽ انهن ڳجهون ڪيون صلاحون

قَالُوْٓا اِنْ هٰذٰنِ لَسٰحِرٰنِ يُرِيْدٰنِ اَنْ يُّخْرِجٰكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهِمَا

انهن چيو بيشڪ اهي ٻئي البت جادوگر آهن ٻئي گهرن ٿا هي ته ڪڍن توهان کي توهان جي زمين مان پنهنجي جادو جي ذريعي

وَيَذْهَبَا بِطَرِيْقَتِكُمُ الْمُثْلٰى (٦٣) فَاَجْمِعُوْا كَيْدَكُمْ ثُمَّ ائْتُوْا صَفًّا وَقَدْ اَفْلَحَ الْيَوْمَ

۽ ڪٽي وڃن (وڃائن) توهان جي طريقي عمدي کي پوءِ توهان گڏ ڪريو پنهنجا فند پوءِ توهان اچو قطار ٻڌي ۽ تحقيق ڪامياب ٿيندو اڄ ڏينهن

مَنِ اسْتَعْلٰى (٦٤) قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَلْقٰى (٦٥) قَالَ بَلْ اَلْقُوْا

جيڪو غالب ٿيو انهن چيو اي موسيٰ! يا هي ته (پهرين) تون اڇلاءِ ۽ يا هي ته ٿيون اسان پهريان جو اڇلي؟ ان (موسيٰ) چيو بلڪ توهان ئي اڇليو

فَاِذَا حِبَالُهُمْ وَعِصِيُّهُمْ يُخَيَّلُ اِلَيْهِ مِنْ سِحْرِهِمْ اَنَّهَا تَسْعٰى (٦٦)

(انهن اڇليو) ته اوچتو انهن جون رسيون ۽ انهن جون لٺيون خيال ۾ وڌو ويو ان (موسيٰ) کي انهن جي جادو ڪان (ته) بيشڪ اهي ڊوڙن ٿيون

فَاَوْجَسَ فِيْ نَفْسِهٖ خِيْفَةً مُّوْسٰى (٦٧) قُلْنَا لَا تَخَفْ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى (٦٨)

پوءِ محسوس ڪيو پنهنجي دل ۾ خوف موسيٰ اسان چيو نه ڊڄ بيشڪ تون ئي غالب آهين

وَاَلْقِ مَا فِيْ يَمِيْنِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوْا

۽ تون اڇل (پنهنجي لٺ) جيڪا تنهنجي ساڄي هٿ ۾ آهي اها ڳهي ويندي ان کي جيڪو ڪجهه انهن ڪيو آهي

اِنَّمَا صَنَعُوْا كَيْدُ سٰحِرٍ وَلَا يُفْلِحُ السَّاحِرُ حَيْثُ اَتٰى (٦٩)

بيشڪ انهن جيڪو ڪجهه ڪيو آهي فريب آهي جادوگرن جو ۽ نه تو ڪامياب ٿئي جادوگر جنهن جڳهه به (حق جي مقابلي ۾) اچي

فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سُجَّدًا قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَمُوْسٰى (٧٠)

پوءِ ڪِري پيا جادوگر سجدي ۾ (۽) انهن چيو اسان ايمان آندو هارون ۽ موسيٰ جي رب تي

## حضرت موسيٰ عليه السلام جو جادوگرن سان مقابلو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جي فتح (سورت الشعراءَ آيت: ٣٨ کان ٤٨)

فَجُمِعَ السَّحَرَةُ لِمِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٣٨﴾ وَّقِيْلَ لِلنَّاسِ

پوءِ گڏ ڪيو ويو جادوگرن کي (خاص) وقت تي هڪ مقرر ڏينهن جو ۽ چيو ويو ماڻهن لاءِ

هَلْ اَنْتُمْ مُّجْتَمِعُوْنَ ﴿٣٩﴾ لَعَلَّنَا نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ اِنْ كَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤٠﴾

ڇا توهان (به) گڏ ٿيندو؟ جيئن اسان پيروي ڪريون جادوگرن جي جيڪڏهن ٿيا اهي غالب

فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالُوْا لِفِرْعَوْنَ اَئِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤١﴾

پوءِ جڏهن آيا جادوگر (ته) انهن چيو فرعون کي ڇا بيشڪ اسان لاءِ البت اجورو هوندو جيڪڏهن ٿياسون اسان غالب؟

قَالَ نَعَمْ وَاِنَّكُمْ اِذًا لَّمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٤٢﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى اَلْقُوْا مَآ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٤٣﴾

ان چيو هائو ۽ بيشڪ توهان ان وقت البت (منهنجي) ويجهن ماڻهن مان هوندو چيو انهن کي موسيٰ توهان اڇليو جيڪو ڪجهه توهان اڇليندڙ آهيو

فَاَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَعِصِيَّهُمْ وَقَالُوْا بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ اِنَّا لَنَحْنُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾

ته انهن اڇليون پنهنجون رسيون ۽ پنهنجون لٺيون ۽ انهن چيو فرعون جي عزت جو قسم! بيشڪ اسان البت اسان ئي غالب آهيون

فَاَلْقٰى مُوْسٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿٤٥﴾ فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿٤٦﴾

پوءِ اڇلايو موسيٰ پنهنجي لٺ پوءِ اوچتو اها ڳڙڪائي پئي جيڪو ڪجهه انهن ڪوڙو سانگ ٺاهيو هو پوءِ ڪري پيا (اهي) جادوگر سجدو ڪندي

قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾ رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿٤٨﴾

انهن چيو اسان ايمان آندو رب العالمين تي جيڪو موسيٰ جو رب آهي ۽ هارون جو

## فرعون جي اهلِ ايمان کي ڌمڪي ۽ اهلِ ايمان جي ثابت قدمي (سورت الاعراف آيت: ١٢٣ کان ١٢٩)

قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّ هٰذَا لَمَكْرٌ

چيو فرعون (ڇا) توهان ايمان آندو ان تي (هن کان) اڳي جو آءٌ اجازت ڏيان توهان کي يقينن هي دوکو آهي

مَّكَرْتُمُوْهُ فِي الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا مِنْهَآ اَهْلَهَا ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٢٣﴾

توهان هي دوکو ڪيو (هن) شهر ۾ جيئن توهان ڪڍو هن (شهر) مان ان جي رهاڪن کي پوءِ جلد توهان ڄاڻندو

لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٢٤﴾

البت آءٌ ضرور وڍندس توهان جا هٿ ۽ توهان جا پير ابتڙ سبتڙ پوءِ البت ضرور ڦاهي ڏيندم توهان سيني کي

قَالُوْٓا اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿١٢٥﴾ وَمَا تَنْقِمُ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا

انهن چيو يقينن اسان پنهنجي رب ڏي موٽندڙ آهيون ۽ نه تون انتقام (بدلو) ٿو وٺين اسان کان مگر (هن ڳالهه جو) جو اسان ايمان آندو

بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتْنَا ؕ رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّتَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ ﴿١٢٦﴾

پنهنجي رب جي نشانين تي جڏهن اهي آيون اسان وٽ اي اسان جا رب! تون پلٽ اسان تي صبر ۽ مار اسان کي فرمانبردار ڪري

# اهم نقطا

وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَقَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ

۽ چيو سردارن فرعون جي قوم مان ڇا تون ڇڏين ٿو موسيٰ کي ۽ ان جي قوم کي تہ اهي فساد ڪن زمين ۾

وَيَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ وَنَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۚ

۽ ڇڏين توکي ۽ تنهنجي معبودن کي؟ (فرعون) چيو جلد اسان قتل ڪنداسون انهن جي پٽن کي ۽ جيئرو ڇڏينداسون انهن جون عورتون (نياڻيون)

وَاِنَّا فَوْقَهُمْ قٰهِرُوْنَ ﴿۱۲۷﴾ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَاصْبِرُوْا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ ۙ

۽ بلاشبہ اسان انهن تي غالب آهيون چيو موسيٰ پنهنجي قوم کي توهان مدد گهرو الله کان ۽ صبر ڪريو يقينن زمين (تہ) الله ئي جي آهي

يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۲۸﴾ قَالُوْٓا اُوْذِيْنَا

اهو وارث بڻائي ٿو جنهن کي گهري پنهنجي ٻانهن مان ۽ (ڀلي) پڇاڙي (تہ) پرهيزگارن لاءِ ئي آهي انهن چيو اسان ايذايا ويا آهيون

مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَمِنْۢ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ؕ قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ

هن کان اڳ جو تون آڻين اسان وٽ ۽ هن کان پوءِ (بہ) جو تون آئين اسان وٽ (موسيٰ) چيو اميد آهي تہ توهان جو رب

اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۹﴾ ع

برباد ڪري توهان جي دشمنن کي ۽ حاڪم بڻائيندو توهان کي زمين جو پوءِ اهو ڏسندو (تہ) ڪيئن ٿا توهان عمل ڪريو؟

## فرعون جي اهلِ ايمان کي ڌمڪي ۽ اهلِ ايمان جي ثابت قدمي (سورت طٰهٰ آيت: ۷۱ کان ۷۶)

قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ؕ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ

ان (فرعون) چيو (ڇا) توهان ايمان آندو ان تي پهرين (هن کان) تہ آءٌ اجازت ڏيان اوهان کي؟ بيشڪ اهو (موسيٰ) البت توهان جو وڏو آهي

الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ

جنهن سيکاريو توهان کي جادو پوءِ ضرور آءٌ وڍيندس توهان جا هٿ ۽ توهان جا پير ابتا سبتا ۽ البت آءٌ ضرور قاسي ڏيندس توهان کي

فِيْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ۫ وَلَتَعْلَمُنَّ اَيُّنَآ اَشَدُّ عَذَابًا وَّ اَبْقٰى ﴿۷۱﴾

کجين جي ٿڙن تي ۽ يقينن توهان ڄاڻندؤ تہ ڪير اسان مان گهڻو سخت آهي عذاب ڏيڻ ۾ ۽ دير تائين رهڻ وارو

قَالُوْا لَنْ نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا جَآءَنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالَّذِيْ فَطَرَنَا

انهن چيو هرگز نہ اسان ترجيح ڏينداسون توکي ان تي جيڪي آندا اسان وٽ چٽا دليل ۽ ان ذات تي جنهن پيدا ڪيو اسان کي

فَاقْضِ مَآ اَنْتَ قَاضٍ ؕ اِنَّمَا تَقْضِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ؕ ﴿۷۲﴾ اِنَّآ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا

پوءِ تون ڪر جيڪو ڪجهہ بہ تون ڪري سگهين ٿو رڳو تون ڪندين هن دنيا جي زندگي ۾ بيشڪ اسان ايمان آندو پنهنجي رب تي

لِيَغْفِرَ لَنَا خَطٰيٰنَا وَمَآ اَكْرَهْتَنَا عَلَيْهِ مِنَ السِّحْرِ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿۷۳﴾

جيئن اهو بخشي اسان لاءِ اسان جا گناهہ ۽ اهو (جرم بہ) جيڪي تون مجبور ڪيو اسان کي ان تي (يعني) جادو ڪرڻ جو ۽ الله ڀلو ۽ باقي رهڻ وارو آهي

إِنَّهٗ مَنْ يَّاْتِ رَبَّهٗ مُجْرِمًا فَاِنَّ لَهٗ جَهَنَّمَ ؕ لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى ﴿۷۴﴾

بيشڪ جيڪو ماڻهو ايندو پنهنجي رب وٽ ڏوهاري ٿي ته بيشڪ ان لاءِ جهنم (تيار) آهي نه اهو مرندو ان ۾ ۽ نه جيئندو

وَمَنْ يَّاْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الدَّرَجٰتُ الْعُلٰى ﴿۷۵﴾

۽ جيڪو ماڻهو ايندو ان وٽ مؤمن ٿي ڪري جڏهن ته ان عمل ڪيا چڱا ته اهي ماڻهو انهن لاءِ آهن مرتبا بلند

جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا مَنْ تَزَكّٰى ﴿۷۶﴾

(يعني) باغ هميشه جا وهن ٿيون ان جي هيٺان نهرون اهي هميشه رهندا ان ۾ اِهو آهي بدلو ان ماڻهو جو جيڪو پاڪ ٿيو

## فرعون جي اهلِ ايمان کي ڌمڪي ۽ اهلِ ايمان جي ثابت قدمي (سورت الشعراءَ آيت: ۴۹ کان ۵۱)

قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ

ان (فرعون) چيو ڇا توهان ايمان آندو ان تي اڳي هن کان جو آءٌ اجازت ڏيان توهان کي؟ بيشڪ اهو البت توهان جو وڏو آهي

الَّذِىْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ؕ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ

جنهن سيکاريو توهان کي جادو پوءِ يقينن جلد توهان ڄاڻندؤ البت آءٌ ضرور وڍيندس توهان جا هٿ ۽ توهان جا پير (هڪ ٻئي جي) ابتڙ

وَّلَاُوصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۴۹﴾ قَالُوْا لَا ضَيْرَ ؗ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿۵۰﴾

۽ البت آءٌ ضرور ڦاهي ڏيندس توهان سڀني کي انهن چيو ناهي ڪوئي حرج (پرواهه) بيشڪ اسان پنهنجي رب ڏانهن موٽندڙ آهيون

اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لَنَا رَبُّنَا خَطٰيٰنَآ اَنْ كُنَّآ اَوَّلَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۱﴾

بيشڪ اسان اميد ٿا ڪريون هي ته بخشي اسان لاءِ اسان جو رب اسان جا گناهه هن لاءِ ته اسان ئي آهيون پهريان ايمان آڻيندڙ

## آل فرعون تي الله پاڪ جا ست عذاب (سورت الاعراف آيت : ۱۳۰ کان ۱۳۵)

وَلَقَدْ اَخَذْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۱۳۰﴾ فَاِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ

۽ البت تحقيق اسان پڪڙيو فرعون وارن کي ڏڪار سان ۽ ميون ۾ گهٽتائي سان من اهي نصيحت وٺن پوءِ جڏهن پهتي انهن کي ڀلائي

قَالُوْا لَنَا هٰذِهٖ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوْا بِمُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗ ؕ

(ته) انهن چيو اسان لاءِ آهي هي (ياڳ) ۽ جيڪڏهن پهتي انهن کي ڪا برائي (ته) اهي نياڳ وٺن پيا موسيٰ سان ۽ جيڪي ماڻهو گڏ هئا ان سان

اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمْ عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳۱﴾ وَقَالُوْا

خبردار! رڳو نياڳ (ته) انهن جو آهي الله وٽ ۽ پر انهن جا گهڻا نه ٿا ڄاڻن ۽ انهن چيو

مَهْمَا تَاْتِنَا بِهٖ مِنْ اٰيَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا ۙ فَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳۲﴾

جيڪا به تون آڻيندين اسان وٽ ڪا نشاني جيئن تون جادو ڪرين اسان تي ان سان پوءِ (به) ناهيون اسان توتي ايمان آڻيندڙ

فَاَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمُ الطُّوۡفَانَ وَالۡجَرَادَ وَالۡقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ ۟ فَاسۡتَكۡبَرُوۡا

پوءِ اسان موڪليو انهن تي طوفان ۽ ماڪڙ ۽ جوئون ۽ ڏيڏر ۽ رت (سمورين) نشانيون الڳ الڳ پوءِ (بہ) انهن تڪبر ڪيو

وَكَانُوۡا قَوۡمًا مُّجۡرِمِيۡنَ ﴿۱۳۳﴾ وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيۡهِمُ الرِّجۡزُ قَالُوۡا يٰمُوۡسَى ادۡعُ لَنَا رَبَّكَ

۽ هئا اهي ماڻهو ڏوهاري ۽ جڏهن ڪڙڪي پيو انهن تي (هي) عذاب (تہ) اهي چون پيا اي موسيٰ! تون دعا گهر اسان لاءِ پنهنجي رب کان

بِمَا عَهِدَ عِنۡدَكَ ۚ لَئِنۡ كَشَفۡتَ عَنَّا الرِّجۡزَ لَنُؤۡمِنَنَّ لَكَ

هن ڪري جو ان واعدو ڪيو توسان جيڪڏهن تون لاهين اسان کان (هي) عذاب تہ اسان ضرور ايمان آڻينداسون توتي

وَلَنُرۡسِلَنَّ مَعَكَ بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۚ ﴿۱۳۴﴾ فَلَمَّا كَشَفۡنَا عَنۡهُمُ الرِّجۡزَ اِلٰۤى اَجَلٍ

۽ اسان ضرور ڇڏينداسون توسان گڏ بني اسرائيل کي پوءِ جڏهن اسان هٽايون پيا انهن کان عذاب هڪ مدت تائين (جو) اهي

هُمۡ بٰلِغُوۡهُ اِذَا هُمۡ يَنۡكُثُوۡنَ ﴿۱۳۵﴾

ان کي پهچندڙ هئا تہ ڏهن انهن واعدو ٽي ڇڏيو.

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. نماز الله پاڪ جي ياد جو وسيلو آهي. (سورة طٰهٰ آيت: ١۴)
٢. اسان کي ڪمزورن ۽ هيٺن جي مدد ڪرڻ گهرجي. (سورة القصص، آيتون: ٢٣-٢۴)
٣. الله پاڪ پنهنجن ٻانهن جي پرورش پنهنجي دشمنن جي گهر ۾ به ڪرائي سگهي ٿو. (سورة طٰهٰ آيت: ٣٩ سورة الشعراء آيت: ١٨)
۴. الله پاڪ ئي غمن کان ڇوٽڪارو عطا فرمائي ٿو: (سورة طٰهٰ آيت: ۴٠)
۵. اسان کي دين جي دعوت سختيءَ بدران نرميءَ سان ڏيڻ گهرجي. (سورة طٰهٰ آيت: ۴۴)
٦. الله پاڪ اسان کي پهريون ڀيرو پيدا فرمايو ۽ اهو ئي اسان کي قيامت ڏهاڙي ٻيهر حياتي عطا ڪندو. (سورة طٰهٰ آيت: ۵۵)
٧. ڏوهارين کي جهنم ۾ سخت سزا ملندي اهي نه ان ۾ جيئرا رهي سگهندا ۽ نه کين موت ايندن. (سورة طٰهٰ آيت: ٧۴)
٨. اسان کي هر ضرورت جي لاءِ رڳو الله پاڪ کان ئي دعا گهرڻ گهرجي. (سورة القصص، آيت: ٢۴)
٩. شرم ۽ حيا انسان جي تمام وڏي خوبي آهي. (سورة القصص، آيت: ٢۵)
١٠. ڪم ۾ ماهر هئڻ سان گڏوگڏ امانتدار هئڻ سٺي ملازم جي لازمي صفت آهي. (سورة القصص، آيت: ٢٦)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. سٺي ملازم جي هڪ خوبي اها هوندي آهي ته هو طاقتور هجي ۽ ان جي ٻئي خوبي ڪهڙي هوندي آهي؟
(الف) سهڻو هجڻ (ب) امانتدار هجڻ (ج) ذهين هجڻ

٢. حضرت موسيٰ عليه السلام مدين ۾ اڪيلا هئا ۽ وٽن ڪجهه ڪونه هو پاڻ سڀ کان پهريون ڪم ڪهڙو ڪيو هئائون؟
(الف) محنت ۽ مزدوريءَ جو (ب) نوڪريءَ جي ڳولا (ج) الله پاڪ کان دعا گهريائون.

٣. حضرت موسيٰ عليه السلام مدين ۾ ڪيترن سالن تائين رهيا؟
(الف) اٺ سال (ب) نو سال (ج) ڏهه سال

۴. حضرت موسيٰ عليه السلام طور جبل جي پاسي ڪهڙي شيءِ ڏٺي؟
(الف) باهه (ب) پاڻي (ج) ٻيڙي

۵. حضرت موسيٰ عليه السلام جي ٻن معجزن مان هڪ لٺ جو نانگ ٿي وڃڻ ۽ ٻيو ڪهڙو هو؟
(الف) ڪوڙهه جي مريض کي ٺيڪ ڪرڻ (ب) چمڪندڙ هٿ (ج) انڌي کي صحيح ڪرڻ

**سوال ٢: ڏنل جملن سان گڏ ڏنل دائرن ۾ قصي جي ترتيب جي لحاظ کان نمبر ڏيو؟**

◯ مدين کان مصر ويندي حضرت موسيٰ عليه السلام کي طور جبل تي باهه نظر آئي.

◯ حضرت موسيٰ عليه السلام مدين ۾ هڪ کوهه وٽ پهتا

◯ ڇوڪرين جي والد پنهنجي هڪ ڌيءَ جي شادي حضرت موسيٰ عليه السلام سان ڪئي.

◯ حضرت موسيٰ عليه السلام جادوگرن کان مقابلو کٽي ويو ۽ سڀني جادوگرن الله پاڪ تي ايمان آندو.

◯ حضرت موسيٰ عليه السلام جڏهن طور جبل تي پهتا ته الله پاڪ کين معجزا عطا ڪيا.

◯ حضرت موسيٰ عليه السلام ڏهه ورهيه مدين ۾ رهيا.

◯ کوهه تي ڌنار پنهنجين ٻڪرين کي پاڻي پيئاري رهيا هئا. جڏهن ته اهي ڇوڪريون پنهنجي ٻڪرين کي بيهاري الڳ بيٺيون هيون.

◯ الله پاڪ، حضرت موسيٰ عليه السلام کي معجزا ڏئي فرعون ڏانهن موڪليو.

◯ حضرت موسيٰ عليه السلام پنهي ڇوڪرين جي ٻڪرين کي پاڻي پيئاريو.

◯ فرعون معجزا ڏسي ڪري حضرت موسيٰ عليه السلام کي جادوگر چيو.

**سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.**

(١) حضرت موسيٰ عليه السلام مدين جي هڪ کوهه وٽ پهتا ته هنن ڇا ڏٺو؟

---

---

(٢) مدين کان مصر ويندي حضرت موسيٰ عليه السلام سان ڪهڙو واقعو پيش آيو؟

---

---

(٣) حضرت موسيٰ عليه السلام جو جادوگرن سان مقابلي جو ڪهڙو نتيجو نڪتو؟

---

---

(٤) حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ جادوگرن جي مقابلي کان پوءِ فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام تي ڪهڙو الزام لڳايو؟

---

---

(٥) فرعون، ايمان وارن کي اسلام قبول ڪرڻ تي ڪهڙو ڏڙڪو ڏنو؟

---

---

# گهرو ڪم

١. حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعا (رَبِّ اِنِّیۡ لِمَاۤ اَنۡزَلۡتَ اِلَیَّ مِنۡ خَیۡرٍ فَقِیۡرٌ) ترجمو: ۽ ان جو ترجمو لکي هڪ سهڻو چارٽ ٺاهيو.

٢. قرآن شريف ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام، جون ڪي ٻه ٽي دعائون ڳولي ترجمي سان لکو ۽ ياد ڪريو.

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

٣. هيٺ ڏنل چارٽ کي نبين سڳورن عليهم السلام جي نالن سان مڪمل ڪريو.

| والد جو نالو | پٽ جو نالو |
|---|---|
| حضرت ابراهيم عليه السلام | |
| حضرت اسحاق عليه السلام | |
| حضرت يعقوب عليه السلام | |
| حضرت زڪريا عليه السلام | |

استاد جي صحيح: ____________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________________

# حضرت موسيٰ عليه السلام جو قصو (حصو ٽيون)

## حضرت موسيٰ عليه السلام جي زندگيءَ جو ٽيون دور: سينا جي رڻ پٽ جي هجرت کان وفات تائين

### ١ـ حضرت موسيٰ عليه السلام جي بني اسرائيل سان هجرت ۽ فرعون جو ڪيڏ لڳڻ:

حضرت موسيٰ عليه السلام کي الله پاڪ حڪم فرمايو تہ اوهان رات جو ئي بني اسرائيل کي ساڻ وٺي مصر کان نڪري وڃو. جڏهن فرعون کي خبر پئي تہ هن هڪ وڏو لشڪر ساڻ ڪري انهن جي ڪيڏ لڳي پيو. هاڻي اڳيان سمنڊ هو ۽ پوئتان فرعون جو لشڪر. بني اسرائيل پريشان ٿي حضرت موسيٰ عليه السلام کي چيو تہ اجهو اسان تہ ماريا ويندا سون فرعون تہ اسان سڀني کي ماريندو. حضرت موسيٰ عليه السلام فرمايو تہ مون سان گڏ منهنجو رب آهي. انشاءَ الله اهو سگهوئي اسان کي ڪا واٽ ٻڌائيندو.

### ٢ـ سمنڊ جو ڦاٽي پوڻ ۽ فرعون جو مرڻ:

الله پاڪ حضرت موسيٰ عليه السلام کي حڪم فرمايو تہ هو پنهنجي لٺ سمنڊ تي هڻي، جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام سمنڊ تي لٺ هنئي تہ سمنڊ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو يعني ٻہ اڌ ٿي ويو. هر حصو هڪ وڏي جبل وانگر ٿي ويو ۽ وچ ۾ خشڪ رستو ٺهجي ويو جنهن ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل کي وٺي سمنڊ جي ٻئي پر سينا جي رڻ پٽ ۾ پهچي ويا. جڏهن فرعون جو لشڪر ڪيڏ ايندي سمنڊ جي انهيءَ خشڪ رستي جي وچ ۾ پهتو تہ الله پاڪ سمنڊ کي برابر ڪري ڇڏيو ۽ سڀئي ڪافر غرق ٿي ٻڏي مئا. جڏهن فرعون ٻڏندي پنهنجي موت کي پنهنجي اکين آڏو ڏسڻ لڳو تہ چوڻ لڳو مان ايمان آڻيان ٿو تہ بني اسرائيل جي معبود (يعني الله پاڪ) کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ مان فرمانبردارن مان آهيان. الله پاڪ فرمايو تہ هاڻي ٿو تون ايمان آڻين؟ انهيءَ کان اڳ تہ تون سرڪشي ڪندو رهين. فرعون جي ايمان آڻڻ کي ڪو نہ قبوليو ويو انهيءَ ڪري جو موت جي وقت ايمان آڻڻ الله پاڪ وٽ قبول ناهي. فرعون جي لاش کي محفوظ ڪري ايندڙ نسلن جي لاءِ عبرت بڻائي ڇڏيو. ان جو لاش اڄ بہ مصر جي عجائب گهر ۾ موجود آهي.

### ٣ـ بني اسرائيل جو سينا جي رڻ پٽ ۾ رهڻ ۽ مٿن الله پاڪ جون عنايتون ۽ مهربانيون:

بني اسرائيل آل فرعون کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري صحرا سينا ۾ پهتا, اهي ماڻهو جڏهي انگ ۾ هئا جڏهن تہ رڻ پٽ ۾ نڻهڻ اس هئي, نہ پاڻي هو ۽ نہ ئي کاڌي پيتي جي ڪا شيءِ هئي, الله پاڪ انهن تي انيڪ احسان ڪيا. رڻ پٽ جي نڻهڻ اس ۾ ڪڪرن جي ڇانو ڪئي. بک لڳڻ تہ من و سلويٰ نازل ڪيو. اڃ لڳي تہ هر قبيلي جي لاءِ جدا جدا يعني ٻارهن چشما هڪ جبل مان پيدا فرمايا, پر ان جي باوجود بني اسرائيل ناشڪري ئي ڪندا رهيا. هڪ ڀيري سندن گذر هڪ اهڙي قوم وٽان ٿيو جيڪا ٻتن جي پوڄا ڪرڻ ۾ مصروف هئي, انهيءَ قوم کي ڏسي بني اسرائيل حضرت موسيٰ عليه السلام کي هڪ ٻت خاني جي گهر ڪئي, جنهن ۾ اهي بہ پوڄا ڪري سگهن, حضرت موسيٰ عليه السلام ان تي ناراض ٿيا ۽ انهيءَ بري عمل جي انجام ۽ نتيجي کان خبردار ڪيو.

### ٤ـ حضرت موسيٰ عليه السلام جو طور جبل تي وڃڻ:

الله پاڪ حضرت موسيٰ عليه السلام کي چاليهن ڏينهن جي لاءِ طور جبل تي گهرايو تہ حضرت موسيٰ عليه السلام حضرت هارون عليه السلام

کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو. الله پاڪ جي رضا ماڻڻ خاطر حضرت موسيٰ ﷺ طور جبل تي مقرر وقت کان اڳ ۾ پهچي ويا. طور جبل تي الله پاڪ حضرت موسيٰ ﷺ سان ڪلام فرمايو. پاڻ الله پاڪ کي پاڻ پسائڻ جي درخواست ڪيائون. الله پاڪ فرمايو ته تون مون کي هرگز ڏسي نه سگهندين. ها پر تنهنجي مشاهدي جي لاءِ جبل تي تجلي ڏيکاريان ٿو بس تون جبل ڏانهن نهار. جيڪڏهن اهو پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ سلامت رهيو ته پوءِ تون مون کي به ڏسي سگهندين. جڏهن الله پاڪ جبل تي تجلي فرمائي ته جبل ذرا ذرا ٿي ويو ۽ حضرت موسيٰ ﷺ انهيءَ سجي ڏيک کي ڏسي بيهوش ٿي ويا. جڏهن کين هوش آيو ته پاڻ الله پاڪ ڏانهن رجوع ٿيا. پوءِ الله پاڪ کين تورات عطا فرمايو.

## ۵۔ سونو ڳابو ۽ بني اسرائيل جي گمراهي:

حضرت موسيٰ ﷺ جي طور جبل تي وڃڻ کانپوءِ سامريءَ کي گمراهي پکيڙڻ جو موقعو ملي ويو. سامريءَ قوم وٽ موجود زيورن کي ڳاري هڪ ڳابي جهڙي شڪل ناهي، جنهن مان آواز ايندو هو سامريءَ ماڻهن کي انهيءَ ناهيل ڳابي جي پوڄا ڪرڻ لاءِ چيو. حضرت هارون ﷺ بني اسرائيل کي ڏاڍو سمجهايو پر گهڻن حضرت هارون ﷺ جي ڳالهه کو نه مڃي ۽ ڳابي جي پوڄا ڪرڻ لڳا.

## ۶۔ حضرت موسيٰ ﷺ جو ناراض ٿيڻ ۽ بني اسرائيل کي سزا:

الله پاڪ، حضرت موسيٰ ﷺ کي قوم جي انهيءَ ڏوهه بابت ٻڌايو پاڻ ڪاوڙ جي حالت ۾ واپس آيا. ڀيريان ته پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون ﷺ تي ڏاڍو ڪاوڙيا ته هن قوم کي چو نه سمجهايو جڏهن هن سموري حقيقت بيان ڪئي ته پوءِ حضرت موسيٰ ﷺ سامريءَ کان پڇيو ته تنهنجو ڇا معاملو آهي؟ هن چيو ته منهنجي دل گهريو ته مان ائين ڪريان. حضرت موسيٰ ﷺ سامريءَ کي چيو ته تون وڃ سڄي ڄمار ماڻهن کي اهو چوندو رهندين ته مون کي هٿ نه لڳائجو ۽ تون انهيءَ تڪليف ۾ ذليل ۽ بدنام ٿيندين. سامريءَ جي ناهيل ڳابي کي ساڙي ان جي رک پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏي. حضرت موسيٰ ﷺ بني اسرائيل کي چيو ته هو پنهنجي انهيءَ ڪيل ڏوهه تي الله پاڪ کان معافي وٺن. توبهه ڪن ۽ جن شرڪ ڪيو انهن کي انهن جا رشتيدار قتل ڪن. حضرت موسيٰ ﷺ جي انهيءَ حڪم تي عمل ڪندي ڪيترائي شرڪ ڪندڙ اسرائيلي قتل ڪيا ويا ۽ نيٺ الله پاڪ بني اسرائيل جي انهيءَ وڏي ڏوهه يعنيٰ شرڪ کي به معاف فرمايو.

## ۷۔ طور جبل تي بني اسرائيل جي سردارن جو اجايو مطالبو:

حضرت موسيٰ ﷺ بني اسرائيل مان ستر ۷۰ سردارن کي وٺي طور جبل تي پهتا، جتي انهن هڪ مطالبو ڪيو ته اي موسيٰ! جيستائين اسان الله پاڪ کي پنهنجي اکين سان نه ڏسون تيستائين اوهان جي ڳالهه کو نه مڃينداسون. جنهن تي الله پاڪ هڪ زلزلي جي جهٽڪي ۽ ڪنوڻ جي ڪڙڪي سان انهن کي ماري ڇڏيو حضرت موسيٰ ﷺ جي دعا جي نتيجي ۾ انهن سڀني کي ٻيهر زندگي ملي پوءِ الله پاڪ جبل کي سندن مٿن تي رکي انهن کان وعدو ورتو ته هو دين تي عمل ڪندا ۽ الله پاڪ جي حڪمن کي ياد رکندا پر ان جي باوجود ماڻهو نافرماني ڪندا رهيا.

## ۸۔ الله پاڪ جي نعمتن تي بني اسرائيل جي ناشڪري:

بني اسرائيل کي الله پاڪ رڻ پٽ جي ويراني ۾ من وسلويٰ يعني ذائيدار غذا ۽ پکين جو گوشت عطا فرمايو. پر بني اسرائيل حضرت موسيٰ ﷺ کان مطالبو ڪيو ته اسان هڪ ئي قسم جا کاڌا کائي کائي تنگ ٿي پيا آهيون. اوهان پنهنجي رب کان دعا گهرو ته هو اسان جي لاءِ زمين مان پاڄيون، ڪڪڙ، دال ۽ بصر وغيره اپائي. حضرت موسيٰ ﷺ قوم کي چيو ته توهان الله پاڪ جي وڏي نعمت جي بدران گهٽ ۽ هلڪي نعمت پيا گهرو؟ جيڪڏهن توهان کي اهو

ئي ڪپي ته پوءِ شهر ڏانهن هليا وڃو. اتي توهان کي اهي سموريون شيون ملي وينديون.

## ٩_ جنگ جي حڪم تي بني اسرائيل جي بزدلي ۽ ان جي سزا:

الله پاڪ بني اسرائيل کي فلسطين ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم ڏنو. ان وقت اتي هڪ نهايت سخت ۽ ويڙهاڪ قوم عمالقه آباد هئي. بني اسرائيل بزدلي ڏيکاري ۽ وڙهڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو. اهي حضرت موسيٰ ﷺ کي چوڻ لڳا ته اوهان ۽ اوهان جو رب انهن سان وڃي جنگ ڪريو اسان ته هتي ئي ويٺا اهيون. هنن وڌيڪ چيو ته جڏهن اها قوم شهر ڇڏي ويندي، تڏهن اسان اچي داخل ٿي وينداسون. حضرت موسيٰ ﷺ پنهنجي قوم جو اهو جواب ٻڌي الله پاڪ کي پڪاريو ته، " اي الله! منهنجو وس پاڻ تي ۽ منهنجي ڀاءُ تي هلي ٿو. بس اسان کي نافرمان قوم کان جدا ڪر." الله پاڪ حضرت موسيٰ ﷺ جي دعا قبول فرمائي. بني اسرائيل چاليهن سالن تائين رڻ پٽ ريگستان ۾ ڀٽڪندا رهيا. انهيءَ وچ ۾ حضرت موسيٰ ﷺ ۽ حضرت هارون ﷺ جن به گذاري ويا. پوءِ چاليهن سالن بعد بني اسرائيل جو نئون نسل اچي جوان ٿيو ۽ انهن وٽ الله پاڪ حضرت شموئيل ﷺ کي نبي بڻائي موڪليو. هن قوم جي گذارش تي حضرت طالوت کي بادشاهه مقرر ڪيو. انهيءَ جي سرپرستيءَ ۾ بني اسرائيل عمالقه قوم خلاف جنگ ڪئي، جنهن جو ان وقت فلسطين تي قبضو هو. انهيءَ جنگ جي نتيجي ۾ جالوت جيڪو عمالقه جو بادشاهه ۽ سپهه سالار هو. حضرت دائود ﷺ جي هٿان قتل ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح بني اسرائيل کي حضرت طالوت جي دور کان عروج حاصل ٿيو. اهڙيءَ طرح حضرت طالوت جي بادشاهت کانپوءِ حضرت دائود ﷺ ۽ حضرت سليمان ﷺ جو بادشاهيون قائم ٿيون.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه ۾ تو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

## حضرت موسيٰ عليه السلام جو بني اسرائيل کي وٺي هجرت ڪرڻ ۽ فرعون جو پيڇو ڪرڻ (سورت طٰهٰ آيت: ٧٧ کان ٧٩)

وَلَقَدْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى ۙ اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْ فَاضْرِبْ لَهُمْ طَرِيْقًا فِي الْبَحْرِ يَبَسًا ۙ

۽ البت تحقيق اسان وحي ڪيو موسيٰ ڏانهن هي ته رات جو (وٺي) نڪر منهنجي ٻانهن کي پوءِ تون ٻڌاءِ انهن لاءِ رستا سمنڊ ۾ سڪل

لَّا تَخٰفُ دَرَكًا وَّلَا تَخْشٰى ﴿٧٧﴾ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ بِجُنُوْدِهٖ

(هن حال ۾) نه تون ڊڄندين پڪڙجڻ کان ۽ نه تون ڊپ ڪندين (ٻڏڻ کان) پوءِ پويان پيو انهن جي فرعون پنهنجي لشڪر سميت

فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ مَا غَشِيَهُمْ ﴿٧٨﴾ وَاَضَلَّ فِرْعَوْنُ قَوْمَهٗ وَمَا هَدٰى ﴿٧٩﴾

پوءِ ڍڪيو دريا مان ان (مصيبت) جنهن ڍڪيو (ٻوڙي ماريو) انهن کي ۽ گمراهه ڪيو فرعون پنهنجي قوم کي ۽ نه (سڌي) رستي تي لاتو

## حضرت موسيٰ عليه السلام جو بني اسرائيل کي وٺي هجرت ڪرڻ ۽ فرعون جو پيڇو ڪرڻ (سورت الشعراءَ آيت: ٥٢ کان ٦٢)

وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْٓ اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٥٢﴾

۽ اسان وحي ڪيو موسيٰ ڏانهن هي ته تون ڪڍ رات جو منهنجي ٻانهن کي بيشڪ توهان جو پيڇو ڪيو ويندو

فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿٥٣﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِيْلُوْنَ ﴿٥٤﴾

پوءِ موڪليا فرعون شهرن ۾ گڏ ڪندڙ (هي چوندي) بيشڪ هي ماڻهو آهن البت هڪ جماعت ٿوري

وَاِنَّهُمْ لَنَا لَغَآئِظُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَاِنَّا لَجَمِيْعٌ حٰذِرُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَاَخْرَجْنٰهُمْ مِّنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٥٧﴾

۽ بيشڪ اهي اسان کي يقينن ڪاوڙائيندا آهن ۽ بيشڪ اسان البت سڀ هٿياربند جماعت آهيون پوءِ اسان ڪڍيو انهن کي باغن مان ۽ چشمن (مان)

وَّكُنُوْزٍ وَّمَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿٥٨﴾ كَذٰلِكَ ؕ وَاَوْرَثْنٰهَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٥٩﴾

۽ خزانن (مان) ۽ ڀلين جاين (مان) اهڙي طرح (ٿيو) ۽ اسان وارث بڻايو ان جو بني اسرائيل کي

فَاَتْبَعُوْهُمْ مُّشْرِقِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا تَرَآءَ الْجَمْعٰنِ قَالَ اَصْحٰبُ مُوْسٰٓى

پوءِ اهي (فرعوني) پٺيان پيا انهن (بني اسرائيل) جي سج اڀرڻ وقت پوءِ جڏهن هڪ ٻئي کي ڏٺو ٻنهي جماعتن چيو موسيٰ جي سنگتين

اِنَّا لَمُدْرَكُوْنَ ﴿٦١﴾ قَالَ كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِيَ رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿٦٢﴾

يقينن اسان ته پڪڙجي پياسون ان (موسيٰ) چيو هرگز نه! بيشڪ مون سان گڏ منهنجو رب آهي اهو ضرور هنمائي ڪندو منهنجي

## فرعون جي هلاڪت (سورت الاعراف آيت: ١٣٦ کان ١٣٧)

فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٣٦﴾

بالآخر اسان انتقام ورتو انهن کان ۽ اسان غرق ڪيو انهن کي سمنڊ ۾ هن ڪري جو انهن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ هئا اهي انهن کان بي خبر (رهندا)

وَ اَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ؕ

۽ اسان وارث بڻايو انهن ماڻهن کي جيڪي هئا ڪمزور سمجهيا ويندا (هن) زمين جي اڀرندن ۽ ان جي الهندن جو اها (زمين) جو اسان برڪت رکي هئي ان ۾

وَ تَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنٰى عَلٰى بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ بِمَا صَبَرُوْا ؕ

۽ پورو ٿيو واعدو تنهنجي رب جو سهڻو بني اسرائيل تي هن ڪري جو انهن صبر ڪيو

وَ دَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ وَ قَوْمُهٗ وَ مَا كَانُوْا يَعْرِشُوْنَ ﴿۱۳۷﴾

۽ اسان تباهه ڪيو اهي جيڪي (وڏيون عمارتون) هو ٺاهيندو فرعون ۽ ان جي قوم ۽ اهي (محلات) جيڪي

## سمنڊ جو ڦاٽي پوڻ ۽ فرعون جو مرڻ (سورت الشعراءَ آيت: ٦٣ کان ٦٨)

فَاَوْحَيْنَاۤ اِلٰى مُوْسٰۤى اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ؕ فَانْفَلَقَ

پوءِ اسان وحي ڪيو موسيٰ ڏانهن هي ته تون هڻ پنهنجي لٺ درياءَ کي پوءِ اهو (درياءَ) چيرجي پيو

فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِيْمِ ﴿۶۳﴾ۚ وَ اَزْلَفْنَا ثَمَّ الْاٰخَرِيْنَ ﴿۶۴﴾ۚ وَ اَنْجَيْنَا

پوءِ ٿي پئي هر هڪ ڦاڪ (درياءَ جي) جهڙو جبل وڏو ۽ اسان ويجهو ڪيو اتي ٻين کي ۽ اسان بچايو

مُوْسٰى وَ مَنْ مَّعَهٗۤ اَجْمَعِيْنَ ﴿۶۵﴾ۚ ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿۶۶﴾ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ

موسيٰ کي ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي ان سان گڏ هئا سڀني کي پوءِ اسان غرق ڪيو ٻين (فرعونين) کي بيشڪ ان ۾ البت هڪ (وڏي) نشاني آهي

وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۶۷﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۶۸﴾ؑ

۽ نه ٿيا انهن جا گهڻا ايمان آڻيندڙ ۽ بيشڪ تنهنجو رب البت اهو آهي نهايت غالب رحم وارو

## فرعون جو تڪبر ۽ ان جو انجام (سورت القصص آيت: ٣٨ کان ٥٠)

وَ قَالَ فِرْعَوْنُ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرِيْ ۚ فَاَوْقِدْ لِيْ يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ

۽ چيو فرعون اي سردارؤ! نه ٿو آءٌ ڄاڻان توهان لاءِ ڪوئي (ٻيو) معبود سواءِ پنهنجي پوءِ تون ٻاهه ٻار مون لاءِ اي هامان! مٽي تي (سرون ٺاهه)

فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْۤ اَطَّلِعُ اِلٰۤى اِلٰهِ مُوْسٰى ۙ وَ اِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۳۸﴾

پوءِ تون ٺاهه مون لاءِ هڪ محل ته جيئن (ان تي چڙهي ڪري) آءٌ نهاريان ڏسان موسيٰ جي الله کي ۽ بيشڪ آءٌ البت ڀانيان ٿو ان (موسيٰ) کي ڪوڙن مان

وَ اسْتَكْبَرَ هُوَ وَ جُنُوْدُهٗ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَ ظَنُّوْۤا اَنَّهُمْ اِلَيْنَا لَا يُرْجَعُوْنَ ﴿۳۹﴾

۽ تڪبر ڪيو ان ۽ ان جي لشڪر زمين (مصر) ۾ ناحق ۽ انهن گمان ڪيو ته بيشڪ اهي اسان ڏانهن نه موٽايا ويندا

فَاَخَذْنٰهُ وَ جُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۰﴾

پوءِ اسان پڪڙيو ان کي ۽ ان جي لشڪر کي پوءِ اسان اڇليو انهن کي درياءَ ۾ پوءِ تون ڏس ڪيئن ٿيو انجام ظالمن جو؟

وَجَعَلْنٰهُمْ أَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ إِلَى النَّارِ ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾

۽ اسان بڻايو انهن کي اڳواڻ (ڪفر جو) اهي سڏين پيا باهه ڏانهن ۽ قيامت ڏينهن نه اهي مدد ڪيا ويندا

وَأَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ﴿٤٢﴾

۽ اسان پٺيان لڳائي انهن جي هن دنيا ۾ لعنت ۽ قيامت جي ڏينهن اهي بڇڙن مان هوندا

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ أَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْأُوْلٰى بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً

۽ البت تحقيق اسان ڏنو موسيٰ کي ڪتاب بعد هن جي جو اسان برباد ڪيو اڳين امتن کي بصيرتون (عطا ڪندڙ) ماڻهن کي ۽ هدايت ۽ رحمت (جو ذريعو)

لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٣﴾ وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ إِذْ قَضَيْنَآ إِلٰى مُوْسَى الْأَمْرَ

من اهي نصيحت وٺن ۽ نه هئين تون الهندي طرف (طور جي) جڏهن اسان وحي ڪئي موسيٰ ڏانهن (خاص) معاملي جي

وَمَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَلٰكِنَّآ أَنْشَأْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ

۽ نه هئين تون (هن واقعي کي) ڏسندڙن مان پر (موسيٰ کان پوءِ) اسان پيدا ڪيون ڪيتريون ئي امتون پوءِ ڊگهي ٿي انهن تي مدت

وَمَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ أَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ وَلٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿٤٥﴾

۽ نه هئين تون رهندڙ مدين وارن ۾ جو تون تلاوت پئي ڪئي انهن تي اسان جون آيتون ۽ پر اسان ئي آهيون (توکي رسول ڪري) موڪليندڙ

وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ إِذْ نَادَيْنَا وَلٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ

۽ نه هئين تون طور جي پاسي جڏهن اسان آواز ڏنو هو (موسيٰ کي) ۽ پر رحمت آهي تنهنجي رب طرفان

لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٦﴾

جيئن تون ڊيڄارين ان قوم کي (جو) نه آيو انهن وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ توکان اڳ من اهي نصيحت وٺن

وَلَوْ لَآ أَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ أَيْدِيْهِمْ

۽ جيڪڏهن (ائين) نه هجي ها ﴿ته﴾ (ڳالهه) ته پهچي ها انهن کي مصيبت انهن (ڪرتوتن) جي ڪري جو اڳي موڪليو سندن هٿن

فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْ لَآ أَرْسَلْتَ إِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ

پوءِ اهي چون ها اي اسان جا رب! ڇو نه تو موڪليو اسان ڏانهن ڪو رسول (جو) اسان پيروي ڪريون ها تنهنجي آيتن جي

وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْ لَآ أُوْتِيَ

۽ اسان ٿيون ها مؤمنن مان پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ حق اسان وٽان (ته) انهن چيو ڇو نه ڏنو ويو (هي پيغمبر)

مِثْلَ مَآ أُوْتِيَ مُوْسٰى ؕ أَوَ لَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ أُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ۚ

مثل انهن (معجزن) جي جيڪي ڏنا ويا هئا موسيٰ کي؟ ڇا نه انهن انڪار ڪيو انهن (معجزن) جو جيڪي ڏنا ويا هئا موسيٰ کي هن کان اڳ؟

قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظَاهَرَا ۣ وَقَالُوْٓا إِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٨﴾

انهن چيو هو (هي) ٻئي جادوگر آهن هڪ ٻئي جا مددگار ۽ انهن چيو بيشڪ اسان سڀني جا منڪر آهيون

# اهم نقطا

قُلْ فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۴۹﴾

تون چؤ تہ توهان آڻيو ڪو ڪتاب الله وٽان اهو زياده هدايت ڪندڙ هجي انهن ٻنهن (قرآن تورات) کان آءٌ پيروي ڪندس ان جي جيڪڏهن آهيو توهان سچا؟

فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ

پوءِ جيڪڏهن نہ اهي قبول ڪن تنهنجي (ڳالهہ) پوءِ تون ڄاڻ رڳو اهي پيروي ڪري رهيا آهن پنهنجي خواهش جي

وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۰﴾ ع

۽ ڪير وڌيڪ گمراهہ آهي ان کان جيڪو پيروي ڪري پنهنجي خواهش جي بغير هدايت جي الله طرفان؟ بيشڪ الله نہ ٿو هدايت ڪري ظالم قوم کي

## بني اسرائيل سينا جي رڻ پٽ ۾ (سورت الاعراف آيت: ١٣٨ کان ١٤١)

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتَوْا عَلٰى قَوْمٍ يَّعْكُفُوْنَ عَلٰٓى اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ قَالُوْا

۽ اسان پار ڪيو بني اسرائيل کي درياءَ کان پوءِ اهي آيا اهڙي قوم تي جو اهي پوڄين پيا پنهنجن بتن کي انهن چيو

يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَآ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ ؕ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿۱۳۸﴾

اي موسيٰ! تون ٺاهہ اسان لاءِ هڪ معبود جيئن آهن انهن جا معبود (موسيٰ) چيو بلاشبہ توهان ماڻهو (تہ) جاهل آهيو

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ فِيْهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۳۹﴾ قَالَ

يقينن هنن ماڻهن کي تباهہ ٿيڻو آهي جنهن (طريقي) تي اهي ان ۾ (لڳل) آهن ۽ باطل آهي جيڪو ڪجهہ هئا اهي ڪندا (موسيٰ) چيو

اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۴۰﴾

ڇا سواءِ الله جي آءٌ تلاش ڪريان توهان لاءِ ڪو (ٻيو) الله؟ جڏهن تہ ان فضيلت ڏني توهان کي جهان وارن تي

وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ۚ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ

۽ جڏهن اسان بچايو توهان کي فرعون وارن کان اهي ڏيندا هئا توهان کي بڇڙو عذاب قتل ڪندا هئا توهان جي پٽن کي

وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿۱۴۱﴾ ع

۽ جيئرو ڇڏيندا هئا توهان جي عورتن (نياڻين) کي ۽ ان ۾ امتحان هو توهان جي رب طرفان وڏو

## بني اسرائيل سينا جي رڻ پٽ ۾ (سورت طٰهٰ آيت: ٨٠ کان ٨٢)

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ قَدْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ عَدُوِّكُمْ وَوٰعَدْنٰكُمْ جَانِبَ الطُّوْرِ الْاَيْمَنَ

اي بني اسرائيل! تحقيق اسان بچايو توهان کي توهان جي دشمن کان ۽ اسان واعدو ڪيو توهان سان (جبل) طور جي ساڄي پاسي

وَنَزَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ﴿۸۰﴾ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَلَا تَطْغَوْا فِيْهِ

۽ اسان نازل ڪيو توهان تي مَنّ ۽ سلويٰ توهان کائو پاڪ شين مان جيڪي اسان رزق ڪري ڏنيون توهان کي ۽ نہ توهان سرڪشي ڪريو ان ۾

فَيَحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبِيْ ۚ وَمَنْ يَّحْلِلْ عَلَيْهِ غَضَبِيْ فَقَدْ هَوٰى ﴿٨١﴾

پوءِ (ان جي ڪري) لهندو توهان تي منهنجو غضب ۽ اهو ماڻهو جو لٿو جنهن تي منهنجو غضب ته يقينن اهو برباد ٿيو

وَاِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰى ﴿٨٢﴾

۽ بيشڪ آءٌ البت بخشيندڙ آهيان ان ڪي جنهن توبهه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ عمل ڪيا چڱا پوءِ اهو هدايت تي رهيو

## حضرت موسيٰ ؑ طور جبل تي (سورت الاعراف آيت : ١٤٢ کان ١٤٧)

وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ مِيْقَاتُ رَبِّهٖٓ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ۚ

۽ اسان واعدو ڪيو موسيٰ سان ٽيهن راتين جو ۽ اسان پورو ڪيو ان کي ڏهن (راتين) سان ته پوري ٿئي مدت مقرر سندس رب جي چاليهه راتيون

وَقَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ

۽ چيو موسيٰ پنهنجي ڀاءَ هارون کي (طور ڏي وڃڻ وقت) منهنجو نائب ٿي رهه منهنجي قوم ۾ ۽ اصلاح ڪر (انهن جي)

وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيْلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٤٢﴾ وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ

۽ نه هلجانءِ فساد ڪندڙن جي رستي تي ۽ جڏهن آيو موسيٰ اسان جي واعدي جي جاءِ تي ۽ ڳالهايو ان سان سندس رب

قَالَ رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ۭ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ

(ته) چيو (موسيٰ) اي منهنجا رب! مون کي (پنهنجي جهلڪ) ڏيکار (ته) آءٌ ڏسان توڏانهن فرمايو (الله) هرگز نه تون ڏسي سگهندين مون کي پر تون ڏس (هن) جبل ڏانهن

فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا

پوءِ جيڪڏهن اهو بيٺو رهيو پنهنجي جاءِ تي ته ضرور تون (به) مون کي ڏسي سگهندين پوءِ جڏهن ظاهر ٿيو سندس رب (جو تجلو) جبل تي (ته) ان کي ڪري ڇڏيائين ٽڪر ٽڪر

وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّآ اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ

۽ ڪِري پيو موسيٰ بيهوش ٿي پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو (ته) چيو (موسيٰ) تون پاڪ آهين آءٌ رجوع ٿيس توڏانهن

وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٤٣﴾ قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّي اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ

۽ آءٌ آهيان (سڀ کان) پهريون مؤمن فرمايو (الله) اي موسيٰ بلاشبہ مون چونڊيو توکي ماڻهن تي

بِرِسٰلٰتِيْ وَبِكَلَامِيْ ڭ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾

پنهنجي پيغام سان ۽ پنهنجي ڪلام سان پوءِ تون وٺ جيڪو ڪجهه مون ڏنو توکي ۽ تون ٿيءُ شڪر ڪندڙن مان

وَكَتَبْنَا لَهٗ فِي الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ

۽ اسان لکيو ان (موسيٰ) لاءِ تختين ۾ هر شيءِ جي نصيحت ۽ تفصيل هر هڪ شيءِ جي پوءِ تون وٺ ان کي مضبوطي سان

وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ۭ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٤٥﴾ سَاَصْرِفُ عَنْ اٰيٰتِيَ

۽ حڪم ڪر پنهنجي قوم کي (ته) اهي وٺن ان جون چڱيون ڳالهيون جلد آءٌ ڏيکاريندس توهان کي ڏوهارين جو گهر جلد آءٌ ڦيريندس پنهنجن آيتن کان

الَّذِيْنَ يَتَكَبَّرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ

انهن ماڻهن کي جن تڪبر ڪيو زمين ۾ ناحق ۽ جيڪڏهن اهي ڏسن هر نشاني (تہ ٻہ) نہ اهي ايمان آڻيندا ان سان

وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَيِّ يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ؕ

۽ جيڪڏهن اهي ڏسن رستو هدايت جو (تہ) نہ وٺندا ان کي (پنهنجي لاءِ) رستو ڪري ۽ جيڪڏهن اهي ڏسن گمراهي جو رستو (تہ) وٺندا ان کي (پنهنجي لاءِ) رستو ڪري

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٤٦﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا

اهو هن ڪري جو انهن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ هئا اهي انهن کان غافل ۽ اهي ماڻهو جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي

وَلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ؕ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٧﴾ ع

۽ آخرت جي ملاقات کي برباد ٿيا انهن جا عمل نہ اهي بدلو ڏنا ويندا مگر (انهن ڪمن جو) جيڪي هئا اهي ڪندا

## حضرت موسيٰ ﷺ طور جبل تي (سورت طٰه آيت : ٨٣ کان ٨٧)

وَمَآ اَعْجَلَكَ عَنْ قَوْمِكَ يٰمُوْسٰى ﴿٨٣﴾ قَالَ هُمْ اُولَآءِ عَلٰٓى اَثَرِيْ

۽ ڪهڙي شيءِ جلد آندو توکي پنهنجي قوم کان اي موسيٰ! ان چيو اهي ماڻهو منهنجي پويان (اچن) ٿا

وَعَجِلْتُ اِلَيْكَ رَبِّ لِتَرْضٰى ﴿٨٤﴾ قَالَ فَاِنَّا قَدْ فَتَنَّا

۽ مون جلدي ڪئي توڏانهن اي منهنجا رب! جيئن تون راضي ٿئين ان (الله) چيو پوءِ بيشڪ اسان تحقيق آزمائش ۾ وڌو

قَوْمَكَ مِنْۢ بَعْدِكَ وَاَضَلَّهُمُ السَّامِرِيُّ ﴿٨٥﴾ فَرَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ

تنهنجي قوم کي توکان پوءِ ۽ گمراهہ ڪيو انهن کي سامري پوءِ موٽيو موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن

غَضْبَانَ اَسِفًا ۚ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَمْ يَعِدْكُمْ رَبُّكُمْ وَعْدًا حَسَنًا ۥ

ڪاوڙجي غمگين ٿي ان چيو اي منهنجي قوم ڇا نہ واعدو ڪيو توهان سان توهان جي رب واعدو ڀلو؟

اَفَطَالَ عَلَيْكُمُ الْعَهْدُ اَمْ اَرَدْتُّمْ اَنْ يَّحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ

ڇا پوءِ ڊگهو ٿي پيو توهان تي زمانو يا توهان گهريو هو تہ لهي توهان تي غضب توهان جي رب طرفان؟

فَاَخْلَفْتُمْ مَّوْعِدِيْ ﴿٨٦﴾ قَالُوْا مَآ اَخْلَفْنَا مَوْعِدَكَ بِمَلْكِنَا

پوءِ توهان برخلافي ڪئي منهنجي واعدي جي انهن چيو نہ اسان برخلافي ڪئي تنهنجي واعدي جي پنهنجي اختيار سان

وَلٰكِنَّا حُمِّلْنَآ اَوْزَارًا مِّنْ زِيْنَةِ الْقَوْمِ فَقَذَفْنٰهَا فَكَذٰلِكَ اَلْقَى السَّامِرِيُّ ﴿٨٧﴾ لا

پر اسان کڻايا وياسون بار قوم (فرعون) جي زيورات جا پوءِ اسان اڇلايا اهي (باهہ ۾) ۽ اهڙي طرح (ڪجهہ) وڌو سامري (ٻہ)

# اهم نقطا

## سوني جو ڳابو ۽ بني اسرائيل جي گمراهي (سورت الاعراف آيت : ١٤٨ کان ١٤٩)

وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ ؕ

۽ ٻڌايو موسيٰ جي قوم ان (موسيٰ) جي (وڃڻ) ڪانپوءِ پنهنجي زيورن مان هڪ ڳابي (جهڙو) بوتو جنهن کي رنڀ هئي

اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤٨﴾

ڇا نه انهن ڏٺو ته اهو نه پيو ڳالهائي انهن سان ۽ نڪي پيو هدايت ڪري انهن کي رستي جي انهن بڻايو ان کي (معبود) ۽ هئا اهي ظالم

وَلَمَّا سُقِطَ فِيْۤ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا ۙ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ يَرْحَمْنَا رَبُّنَا

۽ جڏهن اهي پشيمان ٿيا ۽ انهن ڏٺو ته اهي حقيقتن گمراهه ٿيا آهن (ته) انهن چيو جيڪڏهن نه رحم ڪندو اسان تي اسان جو رب

وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾

۽ (نه) معاف ڪندو اسان کي ته يقينن اسان ٿينداسين نقصان وارن مان

## سوني جو ڳابو ۽ بني اسرائيل جي گمراهي (سورت طٰهٰ آيت : ٨٨ کان ٩٨)

فَاَخْرَجَ لَهُمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ فَقَالُوْا هٰذَاۤ اِلٰهُكُمْ

پوءِ ان ڪڍيو انهن لاءِ هڪ ڳابو (يعني) هڪ ڌڙ ان کي رنڀ هئي پوءِ انهن چيو هي توهان جو معبود آهي

وَاِلٰهُ مُوْسٰى ۬ فَنَسِيَ ؕ ﴿٨٨﴾ اَفَلَا يَرَوْنَ اَلَّا يَرْجِعُ اِلَيْهِمْ قَوْلًا ۙ

۽ معبود آهي موسيٰ جو سو يلجي ويو ڇا پوءِ نه ٿا اهي ڏسن ته بلاشبہ نه ٿو اهو (ڳابو) موٽائي انهن ڏانهن ڪا ڳالهه

وَّلَا يَمْلِكُ لَهُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ۠ ﴿٨٩﴾ وَلَقَدْ قَالَ لَهُمْ هٰرُوْنُ مِنْ قَبْلُ

۽ نه تو اهو اختيار رکي انهن لاءِ نقصان جو ۽ نه فائدي جو؟ ۽ البت تحقيق چيو انهن هارون هن کان اڳ

يٰقَوْمِ اِنَّمَا فُتِنْتُمْ بِهٖ ۚ وَاِنَّ رَبَّكُمُ الرَّحْمٰنُ فَاتَّبِعُوْنِيْ

اي منهنجي قوم! رڳو توهان آزمايا ويا آهيو ان (ڳابي) سان ۽ بيشڪ توهان جو رب نهايت مهربان آهي پوءِ توهان تابعداري ڪريو منهنجي

وَاَطِيْعُوْۤا اَمْرِيْ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا لَنْ نَّبْرَحَ عَلَيْهِ عٰكِفِيْنَ حَتّٰى يَرْجِعَ اِلَيْنَا مُوْسٰى ﴿٩١﴾

۽ اطاعت ڪريو منهنجي حڪم جي انهن چيو اسان هميشہ ر هنداسون ان تي ڄمي ڪري ويهندڙ (پوڄا ڪندڙ) جيستائين موٽي اچي اسان ڏانهن موسيٰ

قَالَ يٰهٰرُوْنُ مَا مَنَعَكَ اِذْ رَاَيْتَهُمْ ضَلُّوْۤا ۙ ﴿٩٢﴾ اَلَّا تَتَّبِعَنِ ؕ

ان (موسيٰ) چيو اي هارون! ڪهڙي شيءِ روڪيو توکي جڏهن تو ڏٺو انهن کي (ته) اهي گمراهه ٿيا هن (ڳالهه) کان ته نه تون تابعداري ڪئي منهنجي؟

اَفَعَصَيْتَ اَمْرِيْ ﴿٩٣﴾ قَالَ يَبْنَؤُمَّ لَا تَاْخُذْ بِلِحْيَتِيْ وَلَا بِرَاْسِيْ ۚ

ڇا تو (جاڻي ٻجهي) نافرماني ڪئي منهنجي حڪم جي؟ ان (هارون) چيو اي منهنجي ماءُ جا پٽ! نه تون پڪڙ منهنجي ڏاڙهي ۽ نه منهنجي مٿي (جي وارن) کي

اِنِّىۡ خَشِيۡتُ اَنۡ تَقُوۡلَ فَرَّقۡتَ بَيۡنَ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ وَلَمۡ تَرۡقُبۡ قَوۡلِىۡ ﴿۹۴﴾

بيشڪ آءٌ ڊنس (هن ڳالھ کان) تہ متان تون چوين تو جدائي وڌي بني اسرائيل جي درميان ۾ نہ تو انتظار ڪيو منهنجي چوڻ جو

قَالَ فَمَا خَطۡبُكَ يٰسَامِرِىُّ ﴿۹۵﴾ قَالَ بَصُرۡتُ بِمَا لَمۡ يَبۡصُرُوۡا بِهٖ

ان (موسيٰ) چيو پوءِ ڇا حال آهي تنهنجو اي سامري؟ ان چيو مون ڏٺو ان شيءِ کي جو نہ ڏٺو هو (ٻين ماڻهن)

فَقَبَضۡتُ قَبۡضَةً مِّنۡ اَثَرِ الرَّسُوۡلِ فَنَبَذۡتُهَا وَكَذٰلِكَ

ان کي پوءِ آءٌ ڀري هڪ مٺ رسول (جبرائيل) جي پيرن (جي مٽي) مان پوءِ مون وڌي اها (ڳابي جي بوتي ۾) ۽ اهڙي طرح

سَوَّلَتۡ لِىۡ نَفۡسِىۡ ﴿۹۶﴾ قَالَ فَاذۡهَبۡ فَاِنَّ لَكَ فِى الۡحَيٰوةِ اَنۡ تَقُوۡلَ

سينگاريو منهنجي لاءِ منهنجي نفس ان (موسيٰ) چيو پوءِ تون وڃ پوءِ بيشڪ تو لاءِ حياتي ۾ (هي سزا) آهي تہ تون چوندو رهندين

لَا مِسَاسَ وَاِنَّ لَكَ مَوۡعِدًا لَّنۡ تُخۡلَفَهٗ وَانۡظُرۡ اِلٰٓى اِلٰهِكَ

نہ هٿ لايو (مون کي) ۽ بيشڪ تنهنجي لاءِ واعدي جو وقت آهي هرگز نہ برخلافي ڪئي ويندي تنهنجي حق ۾ ان کان ۽ تون ڏس پنهنجي معبود جي طرف

الَّذِىۡ ظَلۡتَ عَلَيۡهِ عَاكِفًا لَنُحَرِّقَنَّهٗ ثُمَّ لَنَنۡسِفَنَّهٗ فِى الۡيَمِّ نَسۡفًا ﴿۹۷﴾

اهو جو تون ٿيو هئين جنهن تي ڄمي ويهندڙ (مجاور) البت اسان ضرور ساڙينداسون ان کي پوءِ اسان ضرور اڏائينداسون ان (جي رک) کي سمنڊ ۾ (مڪمل طور) اڏائڻ

اِنَّمَاۤ اِلٰهُكُمُ اللّٰهُ الَّذِىۡ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ وَسِعَ كُلَّ شَىۡءٍ عِلۡمًا ﴿۹۸﴾

يقينن توهان جو معبود اهو الله آهي ناهي ڪوئي (ٻيو) معبود سواءِ ان جي ان سمايو آهي هر شيءِ کي پنهنجي علم ۾

## حضرت موسيٰ ﷺ جي ناراضگي ۽ بني اسرائيل کي سزا (سورت الاعراف آيت: ١٥٠ کان ١٥٤)

وَلَمَّا رَجَعَ مُوۡسٰٓى اِلٰى قَوۡمِهٖ غَضۡبَانَ اَسِفًا ۙ قَالَ بِئۡسَمَا خَلَفۡتُمُوۡنِىۡ مِنۡۢ بَعۡدِىۡ

۽ جڏهن واپس موٽيو موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙيل غمگين ٿي (تہ) چيو (موسيٰ) تمام بڇڙي آهي جيڪا توهان منهنجي نائبي ڪئي منهنجي (وڃڻ کان) پوءِ

اَعَجِلۡتُمۡ اَمۡرَ رَبِّكُمۡ ۚ وَاَلۡقَى الۡاَلۡوَاحَ وَاَخَذَ بِرَاۡسِ اَخِيۡهِ يَجُرُّهٗۤ اِلَيۡهِ ؕ

ڇا توهان (اڳي ئي) تڪڙ ڪئي پنهنجي رب جي حڪم (چاليهن راتين جي پوري ٿيڻ) کان ۽ اڇلايائين تختيون ۽ جهلي مٿي (جي وارن) کان پنهنجي ڀاءَ (هارون) کي ڇڪيس پيو پاڻ ڏانهن

قَالَ ابۡنَ اُمَّ اِنَّ الۡقَوۡمَ اسۡتَضۡعَفُوۡنِىۡ وَكَادُوۡا يَقۡتُلُوۡنَنِىۡ ۖ

(هارون) چيو اي امڙ جا پٽ! بيشڪ قوم ضعيف سمجهيو مون کي ۽ ويجها هئا (جو) اهي قتل ڪري ڇڏن مون کي

فَلَا تُشۡمِتۡ بِىَ الۡاَعۡدَآءَ وَلَا تَجۡعَلۡنِىۡ مَعَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۱۵۰﴾ قَالَ

پوءِ نہ کلاءِ مون تي دشمنن کي ۽ نہ (شامل) ڪر تون مون کي ڏڏ قوم ظالم جي (موسيٰ) چيو

رَبِّ اغۡفِرۡ لِىۡ وَلِاَخِىۡ وَاَدۡخِلۡنَا فِىۡ رَحۡمَتِكَ ۖ وَاَنۡتَ اَرۡحَمُ الرّٰحِمِيۡنَ ﴿۱۵۱﴾

اي منهنجا رب! تون بخش مون کي ۽ منهنجي ڀاءَ کي ۽ داخل ڪر اسان کي پنهنجي رحمت ۾ ۽ تون سڀني کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ط

بيشڪ اهي ماڻهو جن ٻـڇـايـو ڳـابـي کـي (مـعـبـود) جـلـد پـهـچـنـدو انـهـن کـي غضب سـنـدن رب طرفان ۽ ذلت دنـيـا جـي زنـدگـي ۾

وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُفْتَرِيْنَ ﴿١٥٢﴾ وَالَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا مِنْ بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْٓا ز

۽ اهڙي طرح اسان سزا ڏيندا آهيون ڪوڙ گهڙيندڙن کي ۽ اهي ماڻهو جن عمل ڪيا بڇڙا پوءِ تـوبـهـ ڪـيـائـون ان ڪـان پـوءِ ۽ ايـمـان آنـدائـون

اِنَّ رَبَّكَ مِنْ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٥٣﴾ وَلَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى الْغَضَبُ

(تـہ) يـقـيـنـن تـنـهـنـجـو رب ان ڪـان پـوءِ الـبـت بـخـشـيـنـدڙ مـهـربـان آهـي ۽ جـڏهـن لـٿـي مـوسـيٰ جـي ڪـاوڙ

اَخَذَ الْاَلْوَاحَ ج وَفِيْ نُسْخَتِهَا هُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُوْنَ ﴿١٥٤﴾

(تہ) ان ڪنيون (اهي) تـخـتـيـون ۽ ان جي لـکـت ۾ هـدايـت ۽ رحـمـت هـئـي انـهـن مـاڻـهـن لاءِ جـو اهـي پـنـهـنـجـي رب ڪـان ڊڄـن پـيـا

## بني اسرائيل جي سردارن جا طور جبل تي اجايا مطالبا ۽ ان جو انجام (سورت الاعراف آيت : ١٥٥)

وَاخْتَارَ مُوْسٰى قَوْمَهٗ سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ج فَلَمَّآ اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ

۽ مـنـتـخـب ڪـيـا مـوسـيٰ پـنـهـنـجـي قـوم مـان سـتـر مـاڻـهـو اسـان جـي واعـدي جـي جـاءِ لاءِ پـوءِ جـڏهـن ورتـو انـهـن ڪـي زلـزلـي

قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَاِيَّايَ ط اَتُهْلِكُنَا

(تہ موسيٰ) چيو اي منهنجا رب جيڪڏهن تـون گـهـريـن هـا (تـہ) تـون مـاريـن هـا انـهـن کـي هـن ڪـان اڳـي ۽ مـون کـي بـہ ڇـا تـون مـاريـن ٿـو

بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ مِنَّا ج اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ط تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَآءُ

هن ڪري جو ڪيو بيوقوفن اسان مان ناهي اهو مگر تنهنجو امتحان تـون گـمـراهـہ تـو ڪـريـن انـهـيءَ (آزمـائـش) سـان جـنـهـن کـي گـهـريـن

وَتَهْدِيْ مَنْ تَشَآءُ ط اَنْتَ وَلِيُّنَا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾

۽ هدايت ٿو ڪرين جنهن کي گهرين تون اسان جون سنڀاليندڙ آهين پوءِ بخش اسان کي ۽ رحم ڪـر اسـان تـي ۽ تـون ڀـلـو بـخـشـيـنـدڙ آهـيـن

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله پاڪ جي آيتن جو انڪار ڪندڙن ۽ ان کان غفلت ڪندڙ الله پاڪ جي عذاب جا مستحق ٿيو وڃن (سورة الاعراف، آيت: ١٤٦)
٢. شرڪ ڪرڻ وارن تي الله پاڪ جو غضب هجي ٿو. (سورة الاعراف، آيت: ١٥٢)
٣. گمراهه انسان پاڻ کي ۽ پنهنجي ساٿين کي به مصيبت ۾ وجهي ٿو.(سورة طٰهٰ آيتون ٧٩ تا ٨٥ ۽ سورة القصص، آيتون: ٤١ تا ٤٢)
٤. نافرمانن ۽ حد کان وڌندڙن تي الله پاڪ جو عذاب نازل ٿئي ٿو. (سورة طٰهٰ، آيت: ٨١)
٥. توبهه ڪري ايمان آڻڻ ۽ چڱا عمل ڪرڻ وارن کي الله پاڪ بخشي ڇڏي ٿو. (سورة طٰهٰ، آيت: ٨٢)
٦. نبين سڳورن عليهم السلام جي پيروي ڪندڙن ۽ انهن جو حڪم مڃيندڙ ئي ڪامياب ٿين ٿا. (سورة طٰهٰ، آيت: ٩٠)
٧. امت کي ٽوڙڻ ۽ ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ نهايت ئي بڇڙو عمل آهي. (سورة طٰهٰ، آيت: ٩٤)
٨. خراب حڪمران قوم کي حق کان پري رکڻ جي لاءِ اجاين ڪمن ۾ ڦاسائي ڇڏيندا آهن. (سورة القصص، آيت: ٣٨)
٩. الله پاڪ جي هدايت کي ڇڏي پنهنجن خواهشن جي پيروي ڪندڙ گمراهه ٿي ويندا آهن. (سورة القصص، آيت: ٥٠)
١٠. مشڪل حالتن کان نڪرڻ جي واٽ الله پاڪ ئي ڏيندو آهي. (سورة الشعراء، آيت: ٦٢)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. الله پاڪ، فرعون ۽ ان جي لشڪر کي ڪيئن ختم ڪيو؟
(الف) پٿر وسائي (ب) سمنڊ ۾ ٻوڙي (ج) زمين ۾ دفن ڪري

٢. فرعون مرڻ وقت ڇا چيو؟
(الف) ڇا مصر ۽ منهنجي (محل جي) هيٺان وهندڙ نهرون منهنجيون ناهن؟
(ب) مان توهان جو سڀ کان وڏو رب آهيان
(ج) مون ايمان آندو جنهن (الله پاڪ) تي بني اسرائيل ايمان آندو.

٣. الله پاڪ، بني اسرائيل جي لاءِ ڇا نازل فرمايو؟
(الف) سبزيون (ب) من وسلويٰ (ج) ڳابو گوشت، مرغيون

٤. ڪنهن بني اسرائيل کي گمراهه ڪيو؟
(الف) سامري (ب) قارون (ج) فرعون

٥. الله پاڪ، بني اسرائيل تي طور جبل کڻي ان کي ڇا ڪيو؟
(الف) ڪم (ب) عهد (ج) پلئه

سوال٢.هيٺ ڏنل جملن سان ٿهيل دائرن ۾ قصي جي ترتيب جي لحاظ کان نمبر ڏيو.

◯ فرعون پنهنجي لشڪر سان گڏ بني اسرائيل جي ڪڍ لڳا.
◯ سينا جي رڻ پٽ ۾ الله پاڪ، بني اسرائيل تي بادلن جي ڇانو، من وسلويٰ ۽ ٽڪريءَ مان ٻارهن چشما جاري ڪيا.
◯ الله پاڪ، بني اسرائيل کي جهاد جو حڪم فرمايو پر انهن بزدلي ڏيکاري.
◯ سامري زيورن مان سونو ګابو ٺاهيو.
◯ الله پاڪ، بني اسرائيل کي شرڪ ڪرڻ تي سزا ڏني.
◯ الله پاڪ، حضرت موسيٰ عليه السلام کي چاليهن ڏينهن جي لاءِ طور جبل تي گهرايو.
◯ الله پاڪ، سمنڊ کي چيري بني اسرائيل کي رستو ٺاهي ڏنو.
◯ حضرت موسيٰ عليه السلام قوم کي شرڪ ڪرڻ تي نهايت ڪاوڙ ۽ غصي جو اظهار ڪيو.
◯ فرعون پنهنجي لشڪر سميت سمنڊ ۾ ٻڏي مئو.
◯ حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل کي وٺي مصر کان هجرت ڪياٿون.

سوال٣. هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(١) اڳيان سمنڊ ۽ پوئيان فرعون جو لشڪر ڏسي، بني اسرائيل، حضرت موسيٰ عليه السلام کي ڇا چيو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام کين ڪهڙو جواب ڏنو؟

---

---

(٢) الله پاڪ، سينا جي رڻ پٽ ۾ بني اسرائيل تي ڪهڙيون مهربانيون ڪيون؟

---

---

(٣) سامري، قوم کي ڪهڙي نموني گمراهه ڪيو.

---

---

(٤) طور جبل تي بني اسرائيل جي سردارن ڪهڙو مطالبو ڪيو؟

---

---

(٥) بني اسرائيل فلسطين ۾ داخل ٿيڻ کان ڇو انڪار ڪيو؟

---

---

# گهرو ڪم

١. حضرت موسيٰ عليه السلام جي زندگيءَ جي ٽن دورن ۾ پيش ايندڙ اهم واقعن جي فهرست ٺاهي ان کي هڪ چارٽ تي لکو.

٢. سينا جي رڻ پٽ ۾ الله پاڪ، بني اسرائيل تي جيڪي احسان فرمايا، انهن جي هڪ فهرست ٺاهيو.

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

٣. هيٺ ڏنل اشارن جي مدد سان حضرت موسيٰ عليه السلام جو تعارف مڪمل ڪرايو.

١.قوم جو نالو. ٢.ملڪ جو نالو. ٣.ڪتاب جو نالو. ۴.دشمن قوم جو نالو. ۵. بادشاهه جو لقب.

٦.معجزا. ٧. رڻ پٽ ۾ کاڌو خوراڪ. ٨.ٻاءُ جو نالو. ٩. دشمن قوم جو نالو. ١٠.رڻ پٽ جو نالو.




استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُ النَّبَا

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جن تي وحي جي شروعات کان پوءِ مڪي زندگي جي ابتدائيءَ دور ۾ نازل ٿي هن سورة ۾ قيامت جي اچڻ جي خبر ڏني وئي آهي، جنهن بابت ماڻهو اختلاف ڪري رهيا هئا ۽ قيامت جي واقع ٿيڻ جا دليل ڏنا ويا آهن. ماڻهن کي ڪائنات ۾ موجود الله پاڪ جي مختلف نشانين ۽ قدرتن جي وسيلي اهو سمجهايو ويو آهي جيڪو الله پاڪ هيڏي ساري ڪائنات جوڙي سگهي ٿو اهو انسان کي ٻيهر جيئرو به ڪري سگهي ٿو. پوءِ قيامت جو دل ڏاريندڙ ڏيک پسايو ويو آهي. انهيءَ ڏينهن چڱن ۽ خراب ماڻهن جو انجام آڏو اچي ويندو. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته آخرت ۾ ڪو به شيءِ الله پاڪ جي مرضيءَ کان سواءِ ڪنهن جي سفارش نه ڪري سگهندي. سورة جي آخر ۾ بڇڙي انجام تي ڪافرن جي انهي حسرت جو ذڪر آهي ته ڪاش اهي آخرت ۾ ٻيهر جيئرا نه ڪيا وڃن ها.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ
آئون الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ۚ ﴿١﴾ عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ ۙ ﴿٢﴾ الَّذِیْ هُمْ فِيْهِ مُخْتَلِفُوْنَ ؕ ﴿٣﴾ كَلَّا
ڪهڙي ڳالهه بابت اهي پاڻ ۾ سوال ڪن ٿا؟ (سوال ڪن ٿا) وڏي خبر (قيامت) بابت اهو جو اهي ان ۾ اختلاف ڪندڙ آهن ائين (سندن خيالن وانگر) نه آهي

سَيَعْلَمُوْنَ ۙ ﴿٤﴾ ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ﴿٥﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا ۙ ﴿٦﴾ وَّ الْجِبَالَ
جلد اهي ڄاڻندا وري (ٻه چوڻ ٿا) ائين نه آهي جلد اهي ڄاڻندا ڇا نه اسان بڻايو زمين کي وڇاڻو؟ ۽ جبلن کي

اَوْتَادًا ۪ۙ ﴿٧﴾ وَّ خَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا ۙ ﴿٨﴾ وَّ جَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ۙ ﴿٩﴾
ميخون؟ ۽ اسان پيدا ڪيو توهان کي جوڙا جوڙا (نر ۽ مادي) ۽ اسان بڻايو توهان جي ننڊ کي آرام

وَّ جَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ۙ ﴿١٠﴾ وَّ جَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ۪ ﴿١١﴾ وَّ بَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ۙ ﴿١٢﴾
۽ اسان بڻايو رات کي ڍڪ ۽ اسان بڻايو ڏينهن کي روزگار (جو وقت) ۽ اسان بڻايا توهان جي مٿان ست مضبوط (آسمان)

وَّ جَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا ۪ۙ ﴿١٣﴾ وَّ اَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرٰتِ مَآءً ثَجَّاجًا ۙ ﴿١٤﴾ لِّنُخْرِجَ بِهٖ
۽ اسان بڻايو هڪ ڏيئو روشن ۽ اسان لاٿو (وسايو) ڀريل ڪڪرن مان پاڻي گهڻو وسڻ وارو جيئن اسان ڪيون ان (جي ذريعي) سان

حَبًّا وَّ نَبَاتًا ۙ ﴿١٥﴾ وَّ جَنّٰتٍ اَلْفَافًا ؕ ﴿١٦﴾ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا ۙ ﴿١٧﴾ يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ
داڻا (اَن) ۽ سلا ۽ باغ گهاٽا بيشڪ فيصلي (قيامت) جو ڏينهن آهي مقرر وقت (يعني) جنهن ڏينهن ڦوڪيو ويندو صور ۾

فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا ۙ ﴿١٨﴾ وَّ فُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا ۙ ﴿١٩﴾
پوءِ توهان ايندؤ ٽولا ٽولا ٿي ۽ کوليو ويندو آسمان پوءِ اهو ٿي پوندو دروازا دروازا

وَّ سُيِّرَتِ الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا ؕ ﴿٢٠﴾ اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا ۪ۙ ﴿٢١﴾ لِّلطّٰغِيْنَ مَاٰبًا ۙ ﴿٢٢﴾
۽ هلايا ويندا جبل پوءِ هو ٿي پوندا رڃ (ڃهڙا) بيشڪ جهنم آهي گهات جي جاءِ سرڪشن لاءِ ٺڪاڻو آهي

لّٰبِثِيْنَ فِيْهَآ اَحْقَابًا ﴿۲۳﴾ لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا بَرْدًا وَّلَا شَرَابًا ﴿۲۴﴾ اِلَّا حَمِيْمًا وَّغَسَّاقًا ﴿۲۵﴾

اهي رهندا ان ۾ ڊگهيون مدتون نہ اهي چکندا ان ۾ ٿڌاڻ ۽ نکي کو مشروب مگر گرم پاڻي ۽ وهندڙ پونءِ

جَزَآءً وِّفَاقًا ﴿۲۶﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا ﴿۲۷﴾ وَّكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا ﴿۲۸﴾

(بدلو ڏنو ويندو) بدلو پورو بيشڪ اهي هئا نہ اميد رکندا (پنهنجي عملن جي) حساب (ڏيڻ) جي ۽ اهي ڪوڙو ڪندا هئا اسان جي آيتن کي گهڻو ڪوڙو ڪرڻ

وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ كِتٰبًا ﴿۲۹﴾ فَذُوْقُوْا فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا ﴿۳۰﴾

۽ هر شيءِ اسان لکي ڳڻي ڇڏيو ڪتاب ۾ پوءِ توهان چکو پوءِ هرگز نہ اسان وڌائيندا سون توهان کي مگر عذاب ۾ ئي

اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ مَفَازًا ﴿۳۱﴾ حَدَآئِقَ وَاَعْنَابًا ﴿۳۲﴾ وَّكَوَاعِبَ اَتْرَابًا ﴿۳۳﴾ وَّكَاْسًا دِهَاقًا ﴿۳۴﴾

بيشڪ پرهيزگار ماڻهن لاءِ ڪاميابي آهي باغ ۽ انگور آهن ۽ اڀريل ڇاتين واريون هڪ جيڏيون (زالون) ۽ (شراب جا) پيالا ڇلڪيندڙ

لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا كِذّٰبًا ﴿۳۵﴾ جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً حِسَابًا ﴿۳۶﴾

نہ اهي ٻڌندا ان ۾ اجائي ٻڪ ۽ نکي ڪوڙ (بدلو ڏنا ويندا) بدلو تنهنجي رب طرفان (انعام) عطا ڪيل حساب روءِ

رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنِ لَا يَمْلِكُوْنَ مِنْهُ خِطَابًا ﴿۳۷﴾

(جيڪو) رب آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪو ڪجھ انهن ٻنهن جي وچ ۾ آهي وڏو مهربان آهي نہ اهي اختيار رکندا ان سان ڳالھ ڪرڻ جو

يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَالْمَلٰٓئِكَةُ صَفًّا لَّا يَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ

ان ڏينهن بيهندا روح (جبرائيل) ۽ سڀ فرشتا صفون ٻڌي نہ اهي ڳالهائيندا مگر اهو جو اجازت ڏي جنهن کي رحمان

وَقَالَ صَوَابًا ﴿۳۸﴾ ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا ﴿۳۹﴾

۽ اهو چوي ڳالھ پوري اهو ڏينهن آهي برحق پوءِ جيڪو گهري تہ اهو وٺي پنهنجي رب وٽ ٺڪاڻو

اِنَّآ اَنْذَرْنٰكُمْ عَذَابًا قَرِيْبًا يَّوْمَ يَنْظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ

بيشڪ اسان ڊيڄاريو آهي توهان کي ويجهي عذاب کان ان ڏينهن ڏسندو انسان جيڪو ڪجھ اڳي موڪليو سندن هٿن

وَيَقُوْلُ الْكٰفِرُ يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا ﴿۴۰﴾

۽ چوندو ڪافر هاءِ افسوس جيڪر تہ آءٌ هجان ها مٽي

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان کي ضرور قيامت جي ڏهاڙي ٻيهر جيئرو ڪيو ويندو. (سورة النبا، آيتون: ١ کان ٥)
٢. الله پاڪ ننڊ کي آرام ۽ سڪون جو وسيلو ۽ رات کي ڍڪي ڇڏڻ وارو پردو بڻايو آهي. (سورة النبا، آيتون: ٩ کان ١٠)
٣. الله پاڪ ڏينهن کي روزي رزق حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻايو آهي. (سورة النبا، آيت: ١١)
٤. هي ڪائنات الله پاڪ جي قدرت جي نشاني آهي ۽ انهيءَ ڳالهه جو دليل آهي ته الله پاڪ جي لاءِ قيامت قائم ڪرڻ ڏاڍو آسان آهي. (سورة النبا، آيت: ٦ کان ١٦)
٥. اسان جا عمل محفوظ آهن ۽ قيامت جي ڏينهن انهن جو نتيجو ضرور ملندو. (سورة النبا، آيتون: ١٧، ١٨، ٢٩)
٦. دنيا ۾ الله پاڪ ۽ رسول الله ﷺ جي نافرماني ڪرڻ وارا آخرت ۾ ناڪام هوندا. (سورة النبا، آيتون: ٢١ کان ٣٠)
٧. آخرت جي حساب ڪتاب جو فڪر ۽ ڳڻتي نه ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي آيتن جو انڪار ڪرڻ، جهنم ۾ وٺي ويندڙ عمل آهن. (سورة النبا، آيتون: ٢٧، ٢٨)
٨. دنيا ۾ الله پاڪ ۽ رسول الله ﷺ جي فرمانبرداري ڪندڙ آخرت ۾ ڪامياب هوندا. (سورة النبا، آيتون: ٣١ تا ٣٦)
٩. قيامت جي برپا ٿيڻ ۾ يقين ۽ ويساهه انسان ۾ نيڪي ڪرڻ ۽ گناهه کان بچڻ جو جذبو پيدا ڪري ٿو. (سورة النبا، آيت: ٤٠)
١٠. هر شخص ايمان ۽ نيڪ عملن جي ذريعي پنهنجي رب وٽ سٺي جاءِ ماڻي سگهي ٿو. (سورة النبا، آيتون: ٣٩، ٤٠)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال: ١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. ڪهڙي شئيءَ بابت ماڻهو پاڻ ۾ اختلاف ڪندا آهن.
(الف) توحيد (ب) رسالت (ج) آخرت

٢. الله پاڪ رات کي ڇا جو ذريعو بڻايو آهي؟
(الف) روزي رزق جو (ب) آرام ڪرڻ جو (ج) جاڳڻ جو

٣. روشن ڏيئي مان مراد ڇا آهي؟
(الف) سج (ب) چنڊ (ج) ستارا

٤. جنهن سرڪشي ڪئي ۽ آخرت جي ڀيٽ ۾ دنيا کي وڌيڪ پسند ڪيو ته اهڙو شخص ڪٿي هوندو؟
(الف) طوىٰ جي واديءَ ۾ (ب) جنت ۾ (ج) دوزخ ۾

٥. قيامت ڏهاڙي ڪافر ڪهڙي حسرت هوندو؟
(الف) ڪاش مان مٽيءَ هجان ها (ب) ڪاش مان ملائڪ هجان ها (ج) ڪاش مان پيدا ئي نه ٿيان ها

**سوال ٢. هيٺ ڏنل آيت نمبر ۾ان سان لاڳاپيل لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو**

| | |
|---|---|
| آيت نمبر : ٢ | مشڪل وات |
| آيت نمبر : ٨ | ٻٽڪندڙ باھ |
| آيت نمبر : ١٠ | بخل ڪرڻ |
| آيت نمبر : ١٤ | روشن ڏينهن |
| آيت نمبر : ١٥ | وڏو بدبخت |

**سوال٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو**

(١) هن سورة ۾ بيان ڪيل الله پاڪ جون ٽي قدرتون بيان ڪريو؟

(٢) هن سورة ۾ بيان ڪيل قيامت جي منظرن مان ڪي بہ ٽي بيان ڪريو؟

(٣) هن سورة ۾ جهنمين جا ڪهڙا ڏوھ بيان ٿيا آهن؟

(۴) سورة النبا ۾ پرهيز گارن کي عطا ڪيل ڪهڙين نعمتن جو ذڪر آهي؟

(۵) قيامت ڏهاڙي ملائڪ ڪهڙي ڪيفيت ۾ بيٺا هوندا؟

# گهرو ڪم

١. سورة النبا ۾ جنت جو جيڪو منظر بيان ڪيو ويو آهي، ان کي آڏو رکي ڪن به پنجن نعمتن جي فهرست ٺاهي، گهر وارن کي ٻڌايو.

٢. جهنم جي عذاب جي حوالي سان ٻه حديثون ڳولي ڪري لکو؟

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

٣. هيٺ ڏنل چارٽ تي ڏينهن ۽ رات جا پنج پنج فائدا لکو.

ڏينهن  رات

| ڏينهن | رات |
|---|---|
| ١. ____________ | ١. ____________ |
| ٢. ____________ | ٢. ____________ |
| ٣. ____________ | ٣. ____________ |
| ٤. ____________ | ٤. ____________ |
| ٥. ____________ | ٥. ____________ |

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُالنّٰزِعٰت

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو نشان:

سورة النازعات مکي پاڪ ۾ سورة النبا، کان هڪدم پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن تي نازل ٿي، هن سورة جي شروعات ۾ الله پاڪ ملائڪن جو قسم کڻي قيامت جي برپا ٿيڻ جو بيان فرمايو آهي. قسم ڳالهه ۾ زور ۽ وزن پيدا ڪرڻ لاءِ کنيو ويندو آهي. ان سان يادگيري ڏيارڻ لاءِ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ فرعون جو مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي. پوءِ آخرت جو انڪار ڪرڻ وارن کي ايمان آڻڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. ۽ قيامت ڏهاڙي نيڪ ۽ بد انسانن جو انجام بيان ڪيو ويو آهي. سورة جي آخر ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قيامت جي نازل ٿيڻ جو آخري علم رڳو الله پاڪ وٽ آهي ۽ دنيا جي زندگي، آخرت جي ڀيٽ ۾ نهايت مختصر آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ
آئون الله جي پناهه ۾ ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَ النّٰزِعٰتِ غَرْقًا ⓵ وَّ النّٰشِطٰتِ نَشْطًا ⓶
قسم آهي سختي سان روح ڪيندڙ فرشتن جو ۽ ٻيو هٽي قسم آهي آساني سان روح ڪيندڙ فرشتن جو نرمي سان

وَّ السّٰبِحٰتِ سَبْحًا ⓷ فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ⓸
قسم آهي ترندڙ فرشتن جو تيزي سان ترڻ پوءِ اڳرائي ڪندڙ فرشتن جو ڊوڙي

فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ⓹ يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ ⓺
پوءِ انهن فرشتن جو جيڪي تدبير ڪندڙ آهن هر معاملي جي جنهن ڏينهن ڏڪندي ڏڪڻ واري

تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ⓻ قُلُوْبٌ يَّوْمَئِذٍ وَّاجِفَةٌ ⓼ اَبْصَارُهَا خَاشِعَةٌ ⓽
ان جي پٺيان ايندي پويان اچڻ واري ڪيترين ئي دليون ان ڏينهن ڏڪندڙ هونديون انهن جون اکيون جهڪيل (هيٺ) هونديون

يَقُوْلُوْنَ ءَاِنَّا لَمَرْدُوْدُوْنَ فِي الْحَافِرَةِ ⓾ ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا نَّخِرَةً ⑪ قَالُوْا
اهي چوندا ڇا بيشڪ اسان ضرور موٽايا وينداسون پهرين حالت ۾؟ ڇا جڏهن اسان ٿينداسون هڏا ڳريل؟ اهي چوندا

تِلْكَ اِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ ⑫ فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ ⑬ فَاِذَا هُمْ بِالسَّاهِرَةِ ⑭
اهو ان وقت موٽڻ هوندو نقصان وارو پوءِ رڳو اها (ته) هڪ (خوفناڪ) هڪل هوندي ته اوچتو اهي (ماڻهو) کليل ميدان ۾ هوندا

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ⑮ اِذْ نَادٰىهُ رَبُّهٗ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ⑯ اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ
تحقيق اچي چڪي آهي تو وٽ موسيٰ جي ڳالهه جڏهن سڏيو ان کي سندن رب مقدس واري طويٰ ۾ (۽ فرمايائينس ته) تون وڃ فرعون ڏانهن

اِنَّهٗ طَغٰى ⑰ فَقُلْ هَلْ لَّكَ اِلٰٓى اَنْ تَزَكّٰى ⑱ وَ اَهْدِيَكَ اِلٰى رَبِّكَ فَتَخْشٰى ⑲
بيشڪ ان سرڪشي ڪئي آهي پوءِ چؤ (ان کي) ڇا توکي (رغبت) آهي هن جي ته تون پاڪ ٿئين ۽ آءُ رهنمائي ڪريان تنهنجي تنهنجي رب ڏانهن ته تون ڊڄين؟

فَاَرٰىهُ الْاٰيَةَ الْكُبْرٰى ﴿۲۰﴾ فَكَذَّبَ وَعَصٰى ﴿۲۱﴾ ثُمَّ اَدْبَرَ يَسْعٰى ﴿۲۲﴾

پوءِ ان (موسيٰ) ڏيکاري ان (فرعون) کي نشاني وڏي تہ ان ڪوڙو ڪيو ۽ نافرماني ڪيائين پوءِ اهو پٺي ڏئي (موسيٰ جي خلاف) ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ لڳو

فَحَشَرَ فَنَادٰى ﴿۲۳﴾ فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى ﴿۲۴﴾ فَاَخَذَهُ اللّٰهُ

پوءِ ان گڏ ڪيو (سيني کي) ۽ پڪاريائين تہ چيائين آءٌ توهان جو رب آهيان تمام مٿانهون پوءِ ورتو ان کي الله

نَكَالَ الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ﴿۲۵﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ﴿۲۶﴾ ءَاَنْتُمْ اَشَدُّ خَلْقًا

عذاب ۾ آخرت ۽ دنيا جي بيشڪ ان ۾ البت عبرت آهي ان لاءِ جيڪو ڊڄي تو ڇا توهان وڌيڪ سخت آهيو (ٻيهر) پيدا ڪرڻ ۾

اَمِ السَّمَآءُ ط بَنٰىهَا ﴿۲۷﴾ رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوّٰىهَا ﴿۲۸﴾ وَاَغْطَشَ لَيْلَهَا

يا آسمان؟ ان (الله) ٺاهيو ان کي ان بلند ڪئي ان جي ڇت پوءِ ان (الله) برابر ٻيهاريو ان کي ۽ اونده ڪيو ان جي رات کي

وَاَخْرَجَ ضُحٰىهَا ﴿۲۹﴾ وَالْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا ﴿۳۰﴾ اَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَهَا وَمَرْعٰىهَا ﴿۳۱﴾

۽ ان (الله) ڪڍيو (ظاهر ڪيو) ان (ڏينهن) جي اس کي ۽ زمين ان کان پوءِ ان (الله) وڇايو ان کي ان (الله) ڪڍيو ان مان ان جو پاڻي ۽ ان جو گاهه

وَالْجِبَالَ اَرْسٰىهَا ﴿۳۲﴾ مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ ﴿۳۳﴾ فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى ﴿۳۴﴾

۽ جبل ان (الله) کوڙيو انهن کي فائدي (پهچائڻ) لاءِ توهان کي ۽ توهان جي جانورن کي پوءِ جڏهن ايندي آفت تمام وڏي (قيامت)

يَوْمَ يَتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ مَا سَعٰى ﴿۳۵﴾ وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى ﴿۳۶﴾

ان ڏينهن ياد ڪندو انسان جيڪا ان ڪوشش ڪئي ۽ ظاهر ڪيو ويندو جهنم (هر) ان ماڻهو لاءِ جيڪو ڏسي ٿو

فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿۳۷﴾ وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿۳۸﴾ فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۳۹﴾

پوءِ پر جنهن سرڪشي ڪئي (هوندي) ۽ ان ترجيح ڏني دنياجي زندگي کي تہ بيشڪ جهنم ئي (ان جو) ٺڪاڻو آهي

وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿۴۰﴾

پر جيڪو ڊنو هو پنهنجي رب اڳيان بيهڻ کان ۽ ان روڪيو (پنهنجي) نفس کي (بري) خواهش کان

فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۴۱﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ﴿۴۲﴾

تہ بيشڪ جنت ئي (ان جو) ٺڪاڻو آهي اهي (ڪافر) پڇن ٿا (اي نبي) توکان قيامت بابت ڪڏهن آهي ان جو ٿيڻ؟

فِيْمَ اَنْتَ مِنْ ذِكْرٰىهَا ﴿۴۳﴾ اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰىهَا ﴿۴۴﴾

ڪهڙي شيءِ ۾ آهين تون ان جي ذڪر ڪرڻ؟ تنهنجي رب ئي ڏانهن آهي ان (جي علم) جي پڄاڻي

اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰىهَا ﴿۴۵﴾

رڳو تون ڊيڄاريندڙ آهين ان کي جيڪو ڊڄي ان (قيامت) کان

كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰىهَا ﴿۴۶﴾

ڄڻ تہ اهي (ڪافر) جنهن ڏينهن ڏسندا ان کي (تہ پائيندا) نہ اهي رهيا (دنيا ۾) مگر هڪ شام يا ان جو صبح

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. ملائڪ، الله پاڪ جو حڪم مڃڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪندا آهن. (سورة النازعات، آيتون: ١ کان ٥)
٢. گناهگارن جي لاءِ قيامت جو ڏينهن نهايت ئي خوف ڏياريندڙ هوندو. (سورة النازعات، آيتون:٦ کان ١٤)
٣. گذريل قومن جي قصن مان اسان کي سبق وٺي پاڻ ۾ سڌارو آڻڻ گهرجي. (سورة النازعات، آيتون: ١٥ کان ٢٦)
٤. اسان کي برائين کان بچڻ گهرجي ۽ الله پاڪ جي ناراضپي کان ڊڄڻ گهرجي. (سورة النازعات، آيتون:١٨ کان ١٩)
٥. ڏوهارين کي دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ عذاب ڏنو ويندو. (سورة النازعات، آيت: ٢٥)
٦. جنهن الله پاڪ هن عظيم ڪائنات کي خلقيو آهي، انهيءَ لاءِ قيامت کي قائم ڪرڻ ۽ انسانن کي موت کان پوءِ وري ٻيهر جيئرو ڪرڻ نهايت سئولو آهي. (سورة النازعات، آيتون: ٢٧ کان ٣٣)
٧. الله پاڪ جا نافرمان ۽ آخرت بدران دنيا سان محبت ڪندڙ جهنم ۾ هوندا. (سورة النازعات، آيتون: ٤٠ کان ٤١)
٨. قيامت جي اچڻ جو وقت رڳو الله پاڪ کي معلوم آهي. (سورة النازعات، آيتون: ٤٢ کان ٤٦)
٩. الله پاڪ کان ڊڄندڙ ۽ پنهنجي نفس جي ناجائز خواهشن کي روڪڻ وارا جنت ۾ هوندا. (سورة النازعات، آيتون: ٤٠ کان ٤١)
١٠. قيامت جي ڏينهن انسان کي دنيا ۾ گهاريل حياتي، تمام ٿورڙي محسوس ٿيندي يعني آخرت جي هميشه واري زندگيءَ جي ڀيٽ ۾ دنيا جي زندگيءَ جي ڪا حيثيت ناهي. (سورة النازعات، آيت: ٤٦)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة جي شروعات ۾ ڪنهن جو قسم کاڌو ويو آهي؟
(الف) هوائن جو (ب) ملائڪن جو (ج) گهوڙن جو

٢. هن سورة ۾ ڪهڙي نبيءَ جو ذڪر آهي؟
(الف) حضرت شعيب عليه السلام (ب) حضرت عيسيٰ عليه السلام (ج) حضرت موسيٰ عليه السلام

٣. جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون کي الله جون وڏيون نشانيون ڏيکاريون ته هن ڇا ڪيو؟
(الف) انهن جو انڪار ڪيو (ب) انهن تي ايمان آندو (ج) بني اسرائيل کي آزاد ڪيو

٤. فرعون ڪهڙي دعويٰ ڪئي ؟
(الف) بادشاهه ٿيڻ جي (ب) رب هئڻ جي (ج) نيڪ هئڻ جي

٥. هن سورة ۾ جهنم وارن جي ڪهڙي خرابي (برائي) بيان ڪئي وئي آهي؟
(الف) ٻين جي گلا غيبت ڪرڻ (ب) ماڻهن جو مال چوري ڪرڻ (ج) آخرت بدران دنيا کي ترجيح ڏيڻ

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر کي لاڳاپيل لفظن کي لڪير سان ملايو

| | |
|---|---|
| آيت نمبر : ٦ | هڪ ڌڙڪو |
| آيت نمبر : ٩ | ڪنبڊڙ زمين |
| آيت نمبر : ١٣ | جنت جو ماڳ |
| آيت نمبر : ٣١ | جهڪيل اکيون |
| آيت نمبر : ٤١ | پاڻي ۽ گاهه |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(١) سورة جي شروع ۾ ملائڪن جي ڪهڙن ڪمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

(٢) الله پاڪ، حضرت موسيٰ ؑ کي ڪهڙو حڪم ڏنو؟

(٣) قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي دلين ۽ اکين جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟

(٤) هن سورة ۾ الله پاڪ جي ڪهڙين قدرتن جو بيان آهي؟

(٥) قيامت جي ڏينهن انسان کي آخرت جي ڀيٽ ۾ دنيا جي زندگي ڪيئن محسوس ٿيندي؟

# گهرو ڪم

١. چئن ملائڪن جا نالا ۽ انهن جا ڪم پيچي ڪري هڪ چارٽ تي لکو.

٢. هن سورة مطابق جهنم ۽ جنت ۾ وٺي ويندڙ عمل لکو؟

**جهنم ۾ وٺي ويندڙ عمل:**

______________________________

______________________________

**جنت ۾ وٺي ويندڙ عمل:**

______________________________

______________________________

٣. دنيا ۾ آخرت جي زندگيءَ جي ڀيٽ ڪريو ۽ ٻڌايو ته اسان کي آخرت جي زندگيءَ کي ڇو اهميت ڏيڻ گهرجي.

١. ______________________________

٢. ______________________________

٣. ______________________________

۴. ______________________________

۵. ______________________________

استاد جي صحيح: ______________ والدين/سرپرست جي صحيح: ______________

# سُوْرَةُ عَبَس

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جن تي وحي جي شروعات کان پوءِ مڪي زندگيءَ جي ابتدائي دور ۾ نازل ٿي، هن سورة جي شروعات ۾ هڪ واقعي جو ذڪر آهي. هڪ ڏينهن نبي ڪريم ﷺ جن مڪي جي قريشين جي وڏن وڏن سردارن ابو جهل بن هشام، عتبہ بن ربيعہ، ابي بن خلف، اميہ بن خلف ۽ شيبہ وغيره کي اسلام جي تبليغ فرمائي رهيا هئا. انهيءَ وچ ۾ هڪ نابينا صحابي حضرت عبدالله ابن ام مڪتوم رضي الله عنه اتي آيا. هن پاڻ سڳورن ﷺ جن جي توجهہ حاصل ڪرڻ گهري ۽ ڪجهہ پڇڻ گهريو. پر جيئن تہ اهي پاڻ ڪريم ﷺ جن جا ساٿي هئا ۽ اهي بعد ۾ بہ پڇا ڪري سگهن پيا. تنهن ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جن مڪي جي سردارن ڏانهن ڌيان ڏنو انهيءَ تي هي آيتون نازل ٿيون جن ۾ الله پاڪ، نبي ڪريم ﷺ جن کي ڌيان ڇڪرايو. انهيءَ واقعي کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عبدالله ابن ام مڪتوم رضي الله عنه کي وڏيڪ عزت ۽ مان ڏيندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن بہ سفر ڪندا هئا تہ پاڻ حضرت عبدالله ابن ام مڪتوم رضي الله عنه کي مديني ۾ گهڻو ڪري پنهنجو نائب بڻائي ويندا هئا. ان کانپوءِ هن سورة ۾ قرآن شريف جي عظمت جو ذڪر آهي. انسان جي جمڻ، موت ۽ موت کانپوءِ جي زندگيءَ جو بيان آهي، پوءِ وري انيڪ نعمتن جو ذڪر ڪري ايمان آڻيندڙن ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. هن سورة جي پڇاڙي هن حقيقت تي ڪئي وئي آهي تہ آخرت جي ڏينهن انسان سيني رشتن کي وساري رڳو پنهنجي ۽ واسطي نجات جي فڪر ۾ ڳڻتيءَ ۾ هوندو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ | بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ |

آئون الله جي پناهہ ٿو گهران شيطان تڙيل کان — شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

عَبَسَ وَتَوَلّٰٓى ﴿١﴾ اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى ﴿٢﴾ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّهٗ يَزَّكّٰٓى ﴿٣﴾

ان (محمد ﷺ) منهن ۾ گهنڊ وڌو ۽ منهن موڙيو هن لاءِ جو آيو ان (رسول) وٽ هڪ نابينو ۽ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي شايد اهو پاڪ ٿئي

اَوْ يَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى ﴿٤﴾ اَمَّا مَنِ اسْتَغْنٰى ﴿٥﴾

يا اهو نصيحت حاصل ڪري (ٻڌي) تہ فائدو ڏي ان کي نصيحت؟ پر جيڪو ماڻهو (دين کان) بي پرواهي ڪري ٿو

فَاَنْتَ لَهٗ تَصَدّٰى ﴿٦﴾ وَمَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى ﴿٧﴾

تہ تون ان جي پٺيان پيو آهين حالانڪہ ناهي توتي (ڪو الزام) هي تہ نہ اهو سڌري

وَاَمَّا مَنْ جَآءَكَ يَسْعٰى ﴿٨﴾ وَهُوَ يَخْشٰى ﴿٩﴾ فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى ﴿١٠﴾

پر جيڪو ماڻهو آيو تو وٽ ڊوڙندو هن حال ۾ اهو ڊڄي ٿو (پنهنجي الله کان) تہ تون ان کان بي خيالو ٿين ٿو

كَلَّآ اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ﴿١١﴾ فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿١٢﴾ فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ ﴿١٣﴾

خبردار! بيشڪ اهو (قرآن) نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري ياد ڪري ان کي (اهو محفوظ آهي) قابل احترام صحيفن ۾

مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ ﴿١٤﴾ بِاَيْدِيْ سَفَرَةٍ ﴿١٥﴾ كِرَامٍ بَرَرَةٍ ﴿١٦﴾

(جيڪي) بلند مرتبا پاڪ آهن اهڙن لکندڙن جي هٿن ۾ جو معزز تابعدار آهن

قُتِلَ الۡاِنۡسَانُ مَاۤ اَكۡفَرَهٗ ؕ﴿۱۷﴾ مِنۡ اَيِّ شَيۡءٍ خَلَقَهٗ ؕ﴿۱۸﴾ مِنۡ نُّطۡفَةٍ ؕ خَلَقَهٗ

ماريو وڃي انسان ڪيڏو ناشڪرو آهي؟ ڪهڙي شيءِ مان ان (الله) پيدا ڪيو ان کي؟ هڪ نطفي مان ان پيدا ڪيو ان کي

فَقَدَّرَهٗ ۙ﴿۱۹﴾ ثُمَّ السَّبِيۡلَ يَسَّرَهٗ ۙ﴿۲۰﴾ ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقۡبَرَهٗ ۙ﴿۲۱﴾

پوءِ ان اندازو لڳايو ان جو پوءِ (نڪرڻ جو) رستو آسان ڪيائين ان جو پوءِ پوءِ ان موت ڏنو ان کي ۽ قبر ۾ وڌي ويو ان کي

ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنۡشَرَهٗ ؕ﴿۲۲﴾ كَلَّا لَمَّا يَقۡضِ مَاۤ اَمَرَهٗ ؕ﴿۲۳﴾

پوءِ جڏهن اهو گهرندو ٻيهر جيئرو ڪندو ان کي خبردار! اڃا نه ان پورو ڪيو (ان کي) جيڪو (الله) حڪم ڪيو ان کي

فَلۡيَنۡظُرِ الۡاِنۡسَانُ اِلٰى طَعَامِهٖۤ ۙ﴿۲۴﴾ اَنَّا صَبَبۡنَا الۡمَآءَ صَبًّا ۙ﴿۲۵﴾

پوءِ ٻلي ڏسي انسان پنهنجي کاڌي ڏانهن بيشڪ اسان پلٽيو (وسايو) پاڻي (مينهن جو) گهڻو پلٽڻ

ثُمَّ شَقَقۡنَا الۡاَرۡضَ شَقًّا ۙ﴿۲۶﴾ فَاَنۡۢبَتۡنَا فِيۡهَا حَبًّا ۙ﴿۲۷﴾ وَّعِنَبًا وَّقَضۡبًا ۙ﴿۲۸﴾ وَّزَيۡتُوۡنًا وَّنَخۡلًا ۙ﴿۲۹﴾

پوءِ اسان چيريو زمين کي چڱي طرح چيرڻ پوءِ اسان ڄمايو ان ۾ اَن ۽ انگور ۽ سبزيون ۽ زيتون ۽ کجيون

وَّحَدَآئِقَ غُلۡبًا ۙ﴿۳۰﴾ وَّفَاكِهَةً وَّاَبًّا ۙ﴿۳۱﴾ مَّتَاعًا لَّكُمۡ وَلِاَنۡعَامِكُمۡ ؕ﴿۳۲﴾

۽ باغ گهاٽا ۽ ميوا ۽ گاهه (ٻـ) فائدو (پهچائڻ) لاءِ توهان کي ۽ توهان جي جانورن کي

فَاِذَا جَآءَتِ الصَّآخَّةُ ﴿۳۳﴾ يَوۡمَ يَفِرُّ الۡمَرۡءُ مِنۡ اَخِيۡهِ ۙ﴿۳۴﴾

پوءِ جڏهن ايندي ڪن ٻوڙا ڪندڙ هڪل ان ڏينهن ڀڄندو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کان

وَاُمِّهٖ وَاَبِيۡهِ ۙ﴿۳۵﴾ وَصَاحِبَتِهٖ وَبَنِيۡهِ ؕ﴿۳۶﴾ لِكُلِّ امۡرِئٍ مِّنۡهُمۡ يَوۡمَئِذٍ شَاۡنٌ

۽ پنهنجي ماءُ کان ۽ پنهنجي پيءُ کان ۽ پنهنجي زال کان ۽ پنهنجي پٽن کان هر ماڻهوءَ لاءِ انهن مان ان ڏينهن هڪ حال هوندو

يُّغۡنِيۡهِ ؕ﴿۳۷﴾ وُجُوۡهٌ يَّوۡمَئِذٍ مُّسۡفِرَةٌ ۙ﴿۳۸﴾ ضَاحِكَةٌ مُّسۡتَبۡشِرَةٌ ۚ﴿۳۹﴾

(جو) اهو بي پرواهه ڪندو ان کي (ٻين کان) ڪيترائي چهرا ان ڏينهن چمڪندڙ هوندا کلندڙ خوش ٿيندڙ هوندا

وَوُجُوۡهٌ يَّوۡمَئِذٍ عَلَيۡهَا غَبَرَةٌ ۙ﴿۴۰﴾ تَرۡهَقُهَا قَتَرَةٌ ؕ﴿۴۱﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡكَفَرَةُ الۡفَجَرَةُ ﴿۴۲﴾

ڪيترائي چهرا ان ڏينهن انهن تي غبار هوندو ويڙهي ويندي انهن کي ڪاراڻ اهي ماڻهو آهن ڪافر (۽) بدڪار

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله پاڪ وٽ اصل اهميت مال ۽ دولت جي ناهي، ايمان ۽ عمل جي آهي. (تعارف، سورة عبس، آيتون: ١ کان ١٠)
٢. مسلمانن جي تعليم ۽ اصلاح جو فڪر ڪرڻ، غير مسلمان کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ جي فڪر ڪرڻ کان وڌيڪ اهم آهي. (سورة عبس، آيتون: ١ کان ١٠)
٣. چڱي نصيحت انسان کي فائدو رسائي ٿي. (سورة عبس، آيت: ٤)
٤. قرآن شريف، الله پاڪ جو تمام عظيم ۽ بابرڪت ڪلام آهي. (سورة عبس، آيتون: ١١ کان ١٦)
٥. قرآن مجيد هڪ نصيحت آهي، جيڪو چاهي ان مان فائدو پرائي سگهي ٿو. (سورة عبس، آيتون: ١١ کان ١٢)
٦. اڪثر انسان، الله پاڪ جي ناشڪري ڪندا آهن. (سورة عبس، آيت: ١٧)
٧. اسان کي الله پاڪ جي مڙني نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي. (سورة عبس، آيتون: ١٨ کان ٢٣)
٨. قيامت جي سختي انسان کي سندن ويجهن عزيزن ۽ رشتيدارن کان بہ غافل ڪري ڇڏيندي. (سورة عبس، آيتون: ٣٣ کان ٣٧)
٩. قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي فرمانبرداري جا منهن ٻهڪندڙ ۽ روشن هوندا ۽ اهي سرها هوندا. (سورة عبس، آيتون: ٣٨ کان ٣٩)
١٠. قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي نافرمانن جي منهن تي ڌوڙ هوندي ۽ هي ڪارا هوندا. (سورة عبس، آيتون: ٤٠ کان ٤٢)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال: ١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة ۾ ڪهڙي صحابي سڳوري جو نبي ڪريم ﷺ جن وٽ اچڻ جو ذڪر آهي؟
(الف) حضرت عبدالله ابن مسعود رضي الله عنه (ب) حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله عنه
(ج) حضرت عبدالله ابن ام مڪتوم رضي الله عنه

٢. قرآن مجيد ڇا آهي؟
(الف) شاعري (ب) نصيحت (ج) قصو

٣. الصاخة مان مراد ڪهڙو آواز آهي؟
(الف) ڪن ٻوڙا ڪري ڇڏيندڙ (ب) جنن جو سخت آواز (ج) ملائڪن جو محبت ڀريو آواز

٤. هن سورة جي مطابق قيامت جي ڏينهن انسان ڪنهن کان ڀري ڀڄندو؟
(الف) ملائڪن کان (ب) مٽن مائٽن کان (ج) جنات کان

٥. قيامت ڏهاڙي ڪنهن جا منهن ڪارا هوندا؟
(الف) مالدارن ۽ سردارن جا (ب) ڪافرن ۽ گناهگارن جا (ج) غريبن ۽ محتاجن جا

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر ۽ ان سان لاڳاپيل لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ٢ | هڪ نابينا |
| آيت نمبر: ١١ | ماءُ ۽ پيءُ |
| آيت نمبر: ١٦ | قرآن هڪ نصيحت |
| آيت نمبر: ٢١ | عزت ڀريا ملائڪ |
| آيت نمبر: ٣٥ | موت ۽ قبر |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) ڪهڙن سردارن کي پاڻ سڳورا ﷺ اسلام جي دعوت ڏئي رهيا هئا؟

______________________________

______________________________

(٢) هن سورة (عبس) ۾ قرآن شريف جي ڪهڙي عظمت بيان ڪئي وئي آهي؟

______________________________

______________________________

(٣) هن سورة ۾ بيان ڪيل ڪي ٻه ٽي نعمتون لکو؟

______________________________

______________________________

(٤) قيامت جي ڏينهن انسان جو پنهنجن مٽن مائٽن سان ڪهڙو رويو هوندو؟

______________________________

______________________________

(٥) هن سورة ۾ چڱن ۽ نيڪ ماڻهن جو ڪهڙو انجام بيان ڪيو ويو آهي؟

______________________________

______________________________

# گهرو ڪم

١. پنهنجي پيءُ ماءُ کان معلوم ڪريو تہ اوهان کي معزور ماڻهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي؟

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

٢. پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀائرن سان گڏجي ڪنهن معذور جي مدد ڪريو ۽ انهن کي همت ڏياري ڪيس نيڪيءَ جي دعوت ڏيو

٣. هيٺ ڏنل قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي فرمانبردار ۽ نافرمان ٻانهن جا حالات لکو.




استاد جي صحيح: ____________________

والدين/سرپرست جي صحيح: ____________________

# سُوْرَةُ التَّكْوِيْر

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان

هن سورة جون ابتدائي چوڏهن ١۴ آيتون مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾ ۽ آخري پندرهن ١٥ آيتون مڪي زندگيءَ جي وچئين دور ۾ نبي ڪريم ﷺ جن تي نازل ٿيون. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو "جيڪو شخص قيامت کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ گهري، ان کي گهرجي تہ سورة التڪوير، سورة الانفطار ۽ سورة الانشقاق کي پڙهي. (ترمذي)
هن سورة جي شروع ۾ قيامت جي دل ڏاڙيندڙ ڏيکن کي بيان ڪيو ويو آهي پوءِ حضرت جبرائيل عليه السلام جي عظمت ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ملاقات جو بيان آهي. آخر ۾ قرآن جي عظمت جو ذڪر آهي ۽ قرآن شريف مان نصيحت حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ
آئون الله جي پناهہ تو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ (١) وَاِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ (٢) وَاِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ (٣)
جڏهن سج ويڙهيو ويندو ۽ جڏهن ستارا ميرا (بي نور) ٿي ويندا ۽ جڏهن جبل هلايا ويندا

وَاِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ (۴) وَاِذَا الْوُحُوْشُ حُشِرَتْ (٥) وَاِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ (٦)
۽ جڏهن ڏهن مهينن جون ڏيکيون ڏاچيون بيڪار ڇڏيون ويندريون ۽ جڏهن وحشي جانور گڏ ڪيا ويندا ۽ جڏهن سمنڊ (باهہ وانگر) تپايا ويندا

وَاِذَا النُّفُوْسُ زُوِّجَتْ (٧) وَاِذَا الْمَوْءٗدَةُ سُئِلَتْ (٨) بِاَيِّ ذَنْۢبٍ قُتِلَتْ (٩)
۽ جڏهن روح (جسمن سان) ملايا ويندا ۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي بچي ويندي کهڙي گناهہ جي ڪري اها قتل ڪئي وئي هئي؟

وَاِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ (١٠) وَاِذَا السَّمَآءُ كُشِطَتْ (١١) وَاِذَا الْجَحِيْمُ سُعِّرَتْ (١٢)
۽ جڏهن اعمالناما کوليا ويندا ۽ جڏهن آسمان پنهنجي جڳهہ کان کنيو ويندو ۽ جڏهن جهنم ڀڙڪايو ويندو

وَاِذَا الْجَنَّةُ اُزْلِفَتْ (١٣) عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّآ اَحْضَرَتْ (١۴) فَلَآ اُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ (١٥)
۽ جڏهن جنت ويجهي ڪئي ويندي (تہ) ڄاڻندو هر نفس (پنهنجا عمل) جيڪي ان حاضر ڪيا پوءِ آءٌ قسم کڻان ٿو پوئتي هٽندڙ (تارن جو)

الْجَوَارِ الْكُنَّسِ (١٦) وَالَّيْلِ اِذَا عَسْعَسَ (١٧) وَالصُّبْحِ اِذَا تَنَفَّسَ (١٨)
هلندڙ (تارن جو) لڪندڙ (تارن جو) ۽ رات جو جڏهن اها اوندهہ ٿي ڪري ۽ صبح جو جڏهن اها روشن ٿئي ٿي

اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ (١٩) ذِىْ قُوَّةٍ عِنْدَ ذِى الْعَرْشِ مَكِيْنٍ (٢٠)
بيشڪ اهو البت ڪلام آهي رسول ڪريم (جبرائيل) جو (جيڪو) طاقتور آهي نزديڪ عرش واري جي وڏي مرتبي وارو

مُّطَاعٍ ثَمَّ اَمِيْنٍ (٢١) وَمَا صَاحِبُكُمْ بِمَجْنُوْنٍ (٢٢)
تابعداري ڪيو ويندو آهي اتي (آسمانن ۾) امين آهي ۽ ناهي توهان جو سنگتي (محمد ﷺ) چريو

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وَ لَقَدۡ | رَاٰهُ | بِالۡاُفُقِ | الۡمُبِيۡنِ ۚ﴿۲۳﴾ | وَمَا | هُوَ | عَلَى | الۡغَيۡبِ | بِضَنِيۡنٍ ۚ﴿۲۴﴾ |

۽ البت تحقيق ان (نبي) ڏٺو آهي ان (جبرائيل) کي آسمان جي کليل ڪنارن ۾ ۽ ناهي اهو غيب (جي ڳالهين) تي بخيل

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وَمَا | هُوَ | بِقَوۡلِ | شَيۡطٰنٍ | رَّجِيۡمٍ ۙ﴿۲۵﴾ | فَاَيۡنَ | تَذۡهَبُوۡنَ ؕ﴿۲۶﴾ | اِنۡ | هُوَ | اِلَّا | ذِكۡرٌ | لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ۙ﴿۲۷﴾ |

۽ ناهي اهو (قرآن) قول ڪنهن شيطان تڙيل جو پوءِ ڪيڏانهن ٿا توهان وڃو؟ ناهي اهو (قرآن ڪجهه پيو) مگر نصيحت جهانن لاءِ

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| لِمَنۡ | شَآءَ | مِنۡكُمۡ | اَنۡ | يَّسۡتَقِيۡمَ ؕ﴿۲۸﴾ | وَمَا | تَشَآءُوۡنَ | اِلَّاۤ | اَنۡ | يَّشَآءَ | اللّٰهُ | رَبُّ | الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۲۹﴾ |

ان ماڻهو لاءِ جيڪو گهري توهان مان هي ته اهو سڌو هلي ۽ نه ٿا توهان گهرو مگر هي ته گهري الله رب العالمين.

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. قيامت جي ڏينهن سڄي دنيا جو نظام تباهه ٿي ويندو. (سورة التڪوير، آيتون: ١ کان ٦)
٢. ڇوڪرين جو قتل وڏو ڏوهه آهي، جنهن بابت قيامت جي ڏينهن پڇاڻو ڪيو ويندو. (سورة التڪوير، آيتون: ٨ کان ٩)
٣. قيامت جي ڏينهن ظالمن کان ظلم جو حساب ورتو ويندو. (سورة التڪوير، آيتون: ٨ کان ٩)
٤. قيامت جي ڏينهن اسان جو هر قول ۽ عمل حاضر ڪيو ويندو. (سورة التڪوير، آيت: ١٤)
٥. قرآن شريف الله پاڪ جو ڪلام آهي، جيڪو حضرت جبرائيل عليه السلام جي ذريعي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن تي نازل ٿيو. (سورة التڪوير، آيتون: ٢٠ کان ٢١)
٦. حضرت جبرائيل عليه السلام امانتدار ۽ نهايت طاقتور آهن، اهي ملائڪن جا سردار آهن. (سورة التڪوير، آيتون: ٢٠ کان ٢١)
٧. نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن الله پاڪ جي عطا ڪيل هر ڳالهه امت کي پهچائي. (سورة التڪوير، آيت: ١٢٤)
٨. قرآن حڪيم سڀني جهانن لاءِ ياد ڏيارڻ جو وسيلو آهي. (سورة التڪوير، آيت:٢٧)
٩. قرآن شريف مان نصيحت انهن ماڻهن کي ملندي جيڪي سڌي واٽ تي هلڻ جو ارادو رکندا آهن. (سورة التڪوير، آيت: ٢٨)
١٠. هدايت الله پاڪ جي توفيق سان ملندي آهي. (سورة التڪوير، آيتون: ٢٨ کان ٢٩)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة جي شروع ۾ قيامت جو نقشو ڪيترين شين جي بيان سان ڪڍيو ويو آهي؟
(الف) ڏهه (ب) ٻارنهن (ج) چوڏهن

٢. هن سورة ۾ رسول ڪريم مان مراد ڪير آهي؟
(الف) حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم (ب) حضرت جبرائيل عليه السلام (ج) حضرت موسيٰ عليه السلام

٣. نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪنهن کي آسمان جي ڪناري تي ڏٺو؟
(الف) سج (ب) جنت (ج) حضرت جبرائيل عليه السلام

٤. قرآن شريف ڪنهن جي لاءِ نصيحت آهي؟
(الف) سڀني جهانن لاءِ (ب) سڀني ملائڪن لاءِ (ج) سڀني شين جي لاءِ

٥. قيامت جي ڏينهن ڪنهن کي ويڙهيو ويندو؟
(الف) آسمان (ب) چنڊ (ج) سج

**سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر کي لاڳاپيل لفظ سان لڪير ملائي ظاهر ڪيو:**

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ٢ | هڪ نصيحت |
| آيت نمبر: ٥ | شيطان مردود |
| آيت نمبر: ٥ | آسمان جي کل |
| آيت نمبر: ٢٥ | وحشي جانور |
| آيت نمبر: ٢٧ | بي نور ستارا |

**سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.**

(١) قيامت جي ڏينهن زنده دفن ڪيل ڇوڪريءَ کان ڇا پڇيو ويندو؟

(٢) قيامت جو ڏيک ڏسڻ جي لاءِ انسان ڪهڙيون ڪهڙيون سورتون پڙهي؟

(٣) هن سورة ۾ حضرت جبرائيل عليه السلام جا ڪهڙا گڻ بيان ڪيا ويا آهن؟

(٤) هن سورة ۾ ڪهڙين شين جو قسم کنيو ويو آهي؟

(٥) نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جن حضرت جبرائيل عليه السلام کي ڪٿي ڏٺو هو؟

# گهرو ڪم

١. هڪ چارٽ تي قيامت جي حالتن بابت ڏهه ڳالهيون لکو.

٢. نبي ڪريم ﷺ جن جي اچڻ کان پهريان عرب ڌيئرن کي ڇڱو ڪو نه سمجهندا هئا, ڌيئرن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جون فضيلتون لکو.

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

٣. هيٺ ڏنل چارٽ ۾ قيامت جي ڏينهن واقع ٿيندڙ انهن حالتن کي ظاهر ڪري رنگ ڀريو جن جو ذڪر هن سورة ۾ آيو آهي.

| | |
|---|---|
| زمين بلڪل هموار (سڌي) ڪئي ويندي | جبل هلايا ويندا. |
| روح جسمن سان ملايا ويندا | اعمال ناما کوليا ويندا |
| ستارا بي نور ڪيا ويندا | سج ۽ چنڊ گڏايا ويندا |
| آسمان ڦاٽي پوندو | دوزخ ڀڙڪايو (ٻاريو) ويندو |

استاد جي صحيح: ______________ والدين/سرپرست جي صحيح: ______________

# سُوْرَةُ الْاِنْفِطَار

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هي سورة نبي ڪريم ﷺ جن تي مڪي زندگي جي شروعاتي دور ۾ نازل ٿي. هن سورة ۾ قيامت جي ٿيڻ جو منظر پيش ڪيو ويو آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: "جيڪو شخص قيامت کي پنهنجين اکين سان ڏسڻ گهري ان کي گهرجي تہ سورة التڪوير، سورة الانفطار ۽ سورة الانشقاق کي پڙهي. (ترمذي) انسان کي سمجهايو ويو آهي تہ هو پنهنجي رب جي باري ۾ ڌوکي ۾ نہ پوي، جنهن کيس پيدا فرمايو شڪل ۽ صورت عطا فرمائي ۽ هن تي عمل لکڻ وارا ملائڪ مقرر ڪيا يعني الله پاڪ جي فضل ۽ ان جي نعمتن کي ڏسي اهو گمان نہ ڪري تہ سندس نافرماني ڪرڻ تي کو پڇاڻو نہ ٿيندو ۽ نڪي حساب ڪتاب ورتو ويندو انسان کي گهرجي تہ هو قيامت جي ڏينهن جو فڪر ڪري، جنهن ڏينهن نيڪ عملن کان سواءِ ڪجهہ ڪو نہ ڪم ايندو ۽ هر فيصلي جو اختيار رڳو الله پاڪ وٽ هوندو.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

آئون الله جي پناهہ ٿو گهران شيطان تڙيل کان — شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اِذَا السَّمَآءُ انْفَطَرَتْ ١ وَاِذَا الْكَوَاكِبُ انْتَثَرَتْ ٢ وَاِذَا الْبِحَارُ فُجِّرَتْ ٣

جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ۽ جڏهن ستارا ڇڻي پوندا ۽ جڏهن (کارا ۽ مٺا) سمنڊ ڦاڙي وهايا ويندا

وَاِذَا الْقُبُوْرُ بُعْثِرَتْ ٤ عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ وَاَخَّرَتْ ٥

۽ جڏهن قبرون اکيڙيون وينديون (تہ) ڄاڻندو هر نفس جيڪو ڪجهہ ان اڳي موڪليو ۽ (جيڪو ڪجهہ) پوئتي ڇڏيائين

يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ٦ الَّذِيْ خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ

اي انسان! ڪهڙي شيءِ ڌوکي ۾ وڌو توکي پنهنجي رب ڪريم بابت اهو جنهن پيدا ڪيو توکي پوءِ برابر بيهاريائين توکي

فَعَدَلَكَ ٧ فِيْۤ اَيِّ صُوْرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ٨ كَلَّا بَلْ تُكَذِّبُوْنَ بِالدِّيْنِ ٩

پوءِ معتدل بڻايائين توکي جنهن شڪل ۾ ان گهريو جوڙيائين توکي خبردار! پر توهان ڪوڙو ڪريو ٿا حساب (جي ڏينهن) کي

وَاِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ١٠ كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ١١ يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ١٢

۽ (جڏهن تہ) بيشڪ توهان تي البت نگهبان (مقرر ٿيل) آهن سڳورا لکڻ وارا اهي ڄاڻن ٿا جيڪي ڪجهہ توهان ڪريو ٿا

اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ١٣ وَاِنَّ الْفُجَّارَ لَفِيْ جَحِيْمٍ ١٤ يَّصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّيْنِ ١٥

بيشڪ نيڪ ماڻهو البت نعمت (جنت) ۾ هوندا ۽ بيشڪ بدڪار ماڻهو البت جهنم ۾ هوندا اهي داخل ٿيندا ان ۾ ڏينهن حساب جي

وَمَا هُمْ عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ ١٦ وَمَاۤ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ١٧ ثُمَّ مَاۤ اَدْرٰىكَ

۽ نہ اهي ان کان غائب هوندا ۽ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي (تہ) ڇا آهي ڏينهن حساب جو؟ پوءِ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي

مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ١٨ يَوْمَ لَا تَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ شَيْئًا ۗ وَالْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ١٩

(تہ) ڇا آهي ڏينهن حساب جو؟ ان ڏينهن نہ اختيار رکندو ڪو نفس ڪنهن نفس لاءِ ڪجهہ بہ ۽ حڪم ان ڏينهن (رڳو) الله جو ئي هوندو

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. قيامت جو ڏينهن نهايت دل ڏاريندڙ هوندو جڏهن دنيا جو موجوده نظام تباهه ٿي ويندو. (سورة انفطار آيتون: ١ کان ٣)
٢. قيامت جي ڏينهن انسانن کي قبرن کان ٻاهر ڪڍيو ويندو پوءِ انهن سيني کان حساب ڪتاب ٿيندو. (سورة انفطار آيت: ٤)
٣. قيامت جي ڏينهن ماڻهن جا سيئي عمل ۽ انهن جا نتيجا آڏو ايندا. (سورة انفطار آيت:٥)
٤. انسانن تي الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم جي تقاضا اها آهي تہ هر حال ۾ ان جي فرمانبرداري ڪئي وڃي. (سورة انفطار آيت:٦)
٥. اسان جو جسم ۽ شڪل ۽ صورت سڀ الله پاڪ جون عطا ڪيل نعمتون آهن. جن تي اسان کي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. (سورة انفطار آيتون: ٧ کان ٨)
٦. نافرمانيءَ جو اصل ڪارڻ آخرت جو انڪار ڪرڻ آهي. (سورة انفطار آيت:٩)
٧. هر انسان ڪِراماً ڪاتبين يعني معزز لکڻ وارا ملائڪ مقرر آهن. جيڪي سندس هر ڳالهہ ۽ هر عمل کي لکندا رهندا آهن. (سورة انفطار آيتون: ١٠ کان ١٢)
٨. قيامت جي ڏينهن نيڪ ماڻهو الله پاڪ جي نعمتن ۾ هوندا. (سورة انفطار آيت: ١٣)
٩. قيامت جي ڏينهن بڇڙا ماڻهو جهنم ۾ هوندا. (سورة انفطار آيتون: ١٤ کان ١٦)
١٠. آخرت ۾ معاف ڪري ڇڏڻ يا عذاب ڏيڻ جو سڄو اختيار الله پاڪ وٽ هوندو. (سورة انفطار آيت: ١٩)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. قيامت جي ڏينهن ڇا ڇٽي پوندا؟

(الف) ڀن (ب) ستارا (ج) ڪڪر

٢. قيامت ڏهاڙي ڪهڙيون شيون ڦٽيون وينديون؟

(الف) ڪلون (ب) تاريون (ج) قبرون

٣. قيامت جي ڏينهن ڪير ڄاڻيندو تہ هن اڳتي ڇا موڪليو ۽ پوئتي ڇا ڇڏيو؟

(الف) هر ماڻهو (ب) نيڪ ماڻهو (ج) خراب ماڻهو

٤. ڪِراماً ڪاتبين ڪهڙا ملائڪ آهن؟

(الف) روح ڪيڍندڙ (ب) حفاظت ڪندڙ (ج) هر قول ۽ عمل کي لکڻ وارا

٥. قيامت جي ڏينهن اصل اختيار ڪنهن وٽ هوندو؟

(الف) الله پاڪ (ب) ملائڪ (ج) نيڪ ماڻهو

**سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر ۽ ان سان واسطو رکندڙ لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو:**

| | |
|---|---|
| آيت نمبر:٣ | معزز لکڻ وارا |
| آيت نمبر:٤ | بدلي جو ڏينهن |
| آيت نمبر:٦ | رب جي باري ۾ ڌوکو |
| آيت نمبر:١١ | اڀرندڙ سمنڊ |
| آيت نمبر:١٨ | اکيڙيل قبرون |

**سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:**

(١) هن سورة جي شروع ۾ قيامت ٿيڻ جو ڪهڙو نقشو ڪڍيو ويو آهي؟

(٢) هن سورة ۾ رب جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن؟

(٣) هن سورة ڪِراماً ڪاتبين جي ڪهڙي صفت بيان ڪئي وئي آهي؟

(٤) هن سورة ۾ نيڪ ۽ گناهگار ماڻهن جو ڪهڙو انجام بيان ڪيو ويو آهي؟

(٥) هن سورة جي پڇاڙيءَ ۾ قيامت جي ڏينهن جي ڪهڙي ڪيفيت بيان ٿي آهي؟

# گهرو ڪم

١. هن سورة ۾ بيان ڪيل قيامت جا ڏيک پنهنجي گهر وارن کي ٻڌايو؟

٢. فهرست ٺاهيو تہ اسان کي قيامت جي خطرن ۽ دل ڏاريندڙ منظرن کان بچڻ جي لاءِ ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن.

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________

________________________________

٣. هن سورة جي مطابق قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي حالتن جي هڪ فهرست ٺاهيو.

- 
- 
- 
- 
- 

استاد جي صحيح: ______________ والدين/سرپرست جي صحيح: ______________

# سُوْرَةُ الْمُطَفِّفِيْن

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

ڪيترن مورخن مطابق هيءَ سورة مبارڪ مڪي مڪرم ۾ نازل ٿي هئي، مگر ڪجهه ٻين مسفرن جي راءِ ۾ اِن جو نزول مدينه منوره ۾ ٿيو هو. هن سورة جي شروع ۾ ماپ تور ۾ ڪميءَ جهڙي هڪ اهم خرابيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي. اها برائي آخرت تي يقين ۾ ويساهه نه رکڻ وارن لاءِ هڪ نشاني آهي. اهڙا ماڻهو الله پاڪ جي حڪمن کي پٺي ڏيندڙ ۽ گناهگار آهن. اهي قرآن مجيد کي گذري ويل ماڻهن جا قصا ڪهاڻيون سمجهن ٿا، جنهن ڪري سندن دلين تي ڪٽ چڙهي ويندي آهي، هن سورة ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته نافرمانن جا اعمال ناما سجين ۾ فرمانبردارن جا اعمال ناما عليين ۾ هوندا. قيامت جي ڏينهن نافرمان الله پاڪ جي عذاب ۾ هوندا جڏهن ته ايمان وارا جنت جي نعمتن مان مزا ماڻيندا هوندا.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان ترڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ۝۱ الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ ۝۲ وَاِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّزَنُوْهُمْ

تباهي آهي (ماپ ۽ تور ۾) گهٽ ڪندڙن لاءِ اهي ماڻهو جو جڏهن اهي ماپي وٺن ٿا ماڻهن کان ته پورو وٺن ٿا ۽ جڏهن اهي ماپي ڏين ٿا انهن کي يا توري ڏين ٿا انهن کي

يُخْسِرُوْنَ ۝۳ اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ ۝۴ لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ ۝۵

ته گهٽ ڪري ڏين ٿا ڇا نه ٿا يقين رکن اهي ماڻهو ته بيشڪ اهي (قبرن مان) اٿاريا ويندا ان ڏينهن وڏي جي لاءِ

يَّوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝۶ كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ ۝۷

جنهن ڏينهن بيهندا ماڻهو رب العالمين جي سامهون؟ خبردار! بيشڪ ڪتاب (عملنامو) گناهگارن جو البت سجين ۾ آهي

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سِجِّيْنٌ ۝۸ كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ۝۹ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۝۱۰

۽ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي (ته) ڇا آهي سجين هڪ ڪتاب آهي لکيل تباهي آهي ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ

الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ۝۱۱ وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ۝۱۲ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا

اهي جيڪي ڪوڙو ڪن ٿا ڏينهن حساب جي کي ۽ نه ٿو ڪوڙو ڪري ان کي مگر هر حد کان لنگهندڙ گناهگار ئي جڏهن تلاوت ڪيون وڃن ٿيون ان تي اسان جون آيتون

قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝۱۳ كَلَّا بَلْ سكتة رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ

(ته) اهو چوي ٿو (هي) آڳاٽيون آهن پهرين ماڻهن جون هرگز نه! (ائين آهي) پر زنگ لڳائي ڇڏيو آهي انهن جي دلين تي

مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝۱۴ كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ ۝۱۵

ان جيڪي هئا اهي ڪندا. هرگز نه! بيشڪ اهي (ڪافر) پنهنجي رب (جي ديدار) کان ان ڏينهن البت روڪيا ويندا

ثُمَّ اِنَّهُمْ لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ١٦ ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِیْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ١٧

پوءِ بيشڪ اهي ضرور داخل ٿيندا جهنم ۾ پوءِ چيو ويندو هي آهي اهو جو هئا توهان جنهن کي ڪوڙو ڪندا

كَلَّاۤ اِنَّ كِتٰبَ الْاَبْرَارِ لَفِیْ عِلِّیِّیْنَ ١٨ وَمَاۤ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّیُّوْنَ ١٩

خبردار! بيشڪ ڪتاب (عملنامو) نيڪ ماڻهن جو البت عليين ۾ آهي ۽ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي (تہ) ڇا آهي عليين؟

كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ٢٠ يَّشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُوْنَ ٢١ اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِیْ نَعِیْمٍ ٢٢

هڪ ڪتاب آهي لکيل حاضر ٿين ٿا ان تي مقرب (الله جا) فرشتا بيشڪ نيڪ ماڻهو البت نعمت (جنت) ۾ هوندا

عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ ٢٣ تَعْرِفُ فِیْ وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِیْمِ ٢٤

تختن تي (ويٺا) ڏسندا رهندا تون سڃاڻيندين سندن چهرن ۾ تازگي نعمت جي

يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِیْقٍ مَّخْتُوْمٍ ٢٥ خِتٰمُهٗ مِسْكٌ وَفِیْ ذٰلِكَ

اهي پياريا ويندا مهر لڳل شراب مان جنهن جي مهر هوندي مشڪ جي ۽ ان ۾

فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ٢٦ وَمِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِیْمٍ ٢٧ عَیْنًا یَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ٢٨

پيل تہ شوق ڪن شوق ڪندڙ ۽ ان جي ملاوت تسنيم (جي پاڻيءَ) مان هوندي (يعني) هڪ چشمو آهي پيئندا ان مان مقرب (الله جا) ٻانها

اِنَّ الَّذِیْنَ اَجْرَمُوْا كَانُوْا مِنَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا یَضْحَكُوْنَ ٢٩ وَاِذَا مَرُّوْا بِهِمْ

بيشڪ اهي ماڻهو جن ڏوهہ ڪيا هئا اهي انهن ماڻهن تي جن ايمان آندو کلندا ۽ جڏهن اهي لنگهندا هئا انهن (مسلمانن) وٽان

یَتَغَامَزُوْنَ ٣٠ وَاِذَا انْقَلَبُوْۤا اِلٰۤى اَهْلِهِمُ انْقَلَبُوْا فَكِهِیْنَ ٣١

(تہ) اهي پاڻ ۾ اکين سان اشارا ڪندا هئا ۽ جڏهن اهي موٽندا هئا پنهنجي گهرن ڏانهن تہ ايندا هئا خوشيون ڪندا

وَاِذَا رَاَوْهُمْ قَالُوْۤا اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ لَضَآلُّوْنَ ٣٢ وَمَاۤ اُرْسِلُوْا عَلَیْهِمْ حٰفِظِیْنَ ٣٣

۽ جڏهن اهي (ڪافر) ڏسندا هئا انهن (مسلمانن) کي تہ چوندا هئا بيشڪ هي ماڻهو ضرور گمراهہ آهن حالانڪ نہ اهي موڪليا ويا هئا انهن (مسلمانن) تي نگهبان ڪري

فَالْیَوْمَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا مِنَ الْكُفَّارِ یَضْحَكُوْنَ ٣٤ عَلَى الْاَرَآئِكِ یَنْظُرُوْنَ ٣٥

پوءِ اڄ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ڪافرن تي کلندا هوندا تختن تي (ويٺا) ڏسندا هوندا

هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ مَا كَانُوْا یَفْعَلُوْنَ ٣٦

(تہ) ڇا بدلو ڏنا ويا ڪافر ان جو جيڪي هئا اهي ڪندا؟

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان جي ڏيڻ ۽ وٺڻ (ڏيتي ليتي) جا معيار هڪ جهڙا هجڻ گهرجن. (سورة المطففين, آيتون: ٢-٣)
٢. اسان جيڪا ڳالهه پاڻ لاءِ پسند ڪريون اها ئي ٻين جي لاءِ به پسند ڪرڻ گهرجي. (سورة المطففين, آيتون: ٢-٣)
٣. تور ماپ ۾ گهٽتائي ڪرڻ, آخرت کان غفلت جي نشاني آهي. (سورة المطففين, آيتون: ١-٤)
٤. آخرت جي انڪارين جي لاءِ بربادي آهي. (سورة المطففين, آيت: ١٠)
٥. گناهه ڪرڻ حد کان لنگهڻ ۽ قرآن کي نه مڃڻ آخرت جي انڪار جو نتيجو آهي. (سورة المطففين, آيتون: ١١کان ١٣)
٦. آخرت کي وساري ڇڏڻ ۽ دنيا کي مقصد بڻائڻ جي ڪري دلين تي زنگ (ڪٽ) چڙهي ويندي آهي. (سورة المطففين, آيت: ١٤)
٧. آخرت جو انڪار ڪندڙ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي ديدار کان محروم رهندا ۽ دوزخ ۾ وڌا ويندا. سورة المطففين, آيتون: ١٥ کان ١٧)
٨. نيڪ ماڻهن جا منهن جنت جي نعمتن جي ڪري چمڪندڙ هوندا. (سورة المطففين, آيتون: ١٨ کان ٢٨)
٩. اسان کي آخرت جي حوالي سان هڪ ٻئي کان ګوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (سورة المطففين, آيت: ٢٦)
١٠. دنيا ۾ ايمان وارن جو مذاق اڏائيندڙ آخرت ۾ عذاب جو شڪار ٿيندا. (سورة المطففين, آيتون: ٢٩ کان ٣٦)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. المطففين جي معنيٰ ٻڌايو؟
(الف) طواف ڪندڙ (ب) طائف شهر جا رهاڪو (ج) تور ماپ ۾ کوٽ ڪندڙ

٢. تور ماپ ۾ گهٽتائي ڪرڻ ڪنهن جي نشاني آهي؟
(الف) سياڻن جي (ب) آخرت کان غافل هئڻ وارن جي (ج) نيڪ ماڻهن جي

٣. خراب ۽ برن ماڻهن جا اعمال ناما ڪٿي هوندا؟
(الف عليين ۾ (ب) سجين ۾ (ج) جهنم ۾

٤. آخرت جو يقين نه رکندڙ قرآن مجيد کي ڇا سمجهندا آهن؟
(الف) هدايت جو ڪتاب (ب) الله جو ڪتاب (ج) گذري ويل ماڻهن جا قصا

٥. دلين تي ڪٽ ڪهڙي سبب جي ڪري چڙهي ويندي آهي؟
(الف) آخرت کي وسارڻ جي ڪري (ب) دنيا کي وساري ڇڏڻ (ج) آخرت کي ياد رکڻ سان

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر کي واسطو رکندڙ لفظن سان ليڪ ڏئي ملايو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ١ | دلين تي ڪٽ |
| آيت نمبر: ٧ | عليين |
| آيت نمبر: ١٤ | تور ماپ ۾ کوٽ ڪندڙ |
| آيت نمبر: ١٨ | سجين |
| آيت نمبر: ٢٧ | تسنيم جو چشمو |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(١) هن سورة جي شروع ۾ ڪهڙي برائي جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

(٢) سجين ۽ عليين مان ڇا مراد آهي؟

(٣) هن سورة ۾ نيڪ ماڻهن جي لاءِ جنت جي ڪهڙين نعمتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

(٤) ڪافر ماڻهو دنيا ۾ ايمان وارن جو ڪيئن مذاق اڏائيندا آهن؟

(٥) قيامت جي ڏينهن ڪافرن تي ڪير کلندو؟

# گهرو ڪم

١. تور ماپ جي حوالي سان ماڻهو ڪهڙن ڪهڙن موقعن تي گهٽتائي ڪندا آهن. پنج مثال لکو:

٢. چارٽ ٺاهي ٻڌايو ته اسان کي ڏيڻ وٺڻ (ڏيتي ليتي) وقت ڪهڙين ڳالهين جو خيال ڪرڻ گهرجي؟ ڪي ٻه ٽي ڳالهيون لکو:

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٣. هيٺ ڏنل چارٽ ۾ نيڪي ۽ بديءَ جي ڪمن کي ظاهر ڪيو.




استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ________________

# سُوْرَةُالاِنْشقَاق

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جن تي مڪي زندگي جي وچ واري دور ۾ نازل ٿي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو "جيڪو شخص قيامت کي پنهنجن اکين سان ڏسڻ چاهي، ڪيس گهر جي تہ سورة التڪوير، سورة انفطار ۽ سورة الانشقاق کي پڙهي." (ترمذي) هن سورة جي شروع ۾ الله پاڪ قيامت جو منظر بيان فرمايو آهي، قيامت جي ڏينهن آسمان جي ڦاٽڻ، زمين کي هموار ڪرڻ ۽ زمين جي خالي هجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهو ٻہ ٻڌايو ويو آهي تہ انسان دنيا جي زندگيءَ ۾ ڪشالا ڪري ٿو تڪليفون سهي ٿو ۽ نيٺ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ سان ملاقات ڪندو. قيامت جي ڏينهن انسان ٻن ٽولن ۾ ورهايل هوندا. نيڪ ماڻهن کي سندن اعمال نامہ ڪين ساڄي هٿ ۾ ڏنا ويندا ۽ انهن سان سولو ۽ سهنجو حساب وٺي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. نافرمانن کي سندن پٺيءَ پوئتان سندن اعمال نامو ڏئي جهنم ۾ ڌڪو ڪيو ويندو. سورة جي آخر ۾ قرآن حڪيم جي انڪارين ۽ الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ وارن کي عذاب جي خبر ڏني وئي آهي، فرمانبردارن کي تمام گهڻي اجر جي خوشخبري ڏني وئي آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهہ تو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ ۙ۝١ وَ اَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتْ ۙ۝٢ وَ اِذَا الْاَرْضُ مُدَّتْ ۙ۝٣

جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ۽ ان ڪن لڳايو آهي پنهنجي رب (جي حڪم) لاءِ ۽ اهو حق اٿس ۽ جڏهن زمين پکيڙي ويندي

وَ اَلْقَتْ مَا فِيْهَا وَ تَخَلَّتْ ۙ۝٤ وَ اَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتْ ؕ۝٥

۽ اها اڇلائيندي جيڪو ڪجھ ان ۾ آهي ۽ اها خالي ٿيندي ۽ ان ڪن لڳايو آهي پنهنجي رب (جي حڪم) لاءِ ۽ اهو حق اٿس

يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ۚ۝٦

اي انسان! بيشڪ تون محنت ڪندڙ آهين پنهنجي رب ڏانهن گهڻي محنت پوءِ آخرڪار تون ملندڙ آهين ان سان

فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ۙ۝٧ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيْرًا ۙ۝٨

پوءِ پر جيڪو ماڻهو جو اهو ڏنو ويو پنهنجو اعمالنامو پنهنجي سڄي (هٿ) ۾ پوءِ جلد ان سان حساب ڪيو ويندو حساب نهايت آسان

وَّ يَنْقَلِبُ اِلٰۤى اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ؕ۝٩ وَ اَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ وَرَآءَ ظَهْرِهٖ ۙ۝١٠ فَسَوْفَ يَدْعُوْا ثُبُوْرًا ۙ۝١١

۽ اهو موٽندو پنهنجي گهروارن ڏانهن خوش ٿي ۽ پر جيڪو ماڻهو جو اهو ڏنو ويو پنهنجو اعمالنامو پويان پنهنجي پٺي جي پوءِ سگهو ئي اهو پڪاريندو موت کي

وَّ يَصْلٰى سَعِيْرًا ؕ۝١٢ اِنَّهٗ كَانَ فِيْۤ اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ؕ۝١٣ اِنَّهٗ ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ ۚ۝١٤ بَلٰۤى ۚ

۽ اهو داخل ٿيندو ٻڙڪندڙ باهہ ۾ بيشڪ اهو هو (دنيا ۾) پنهنجي اهل (عيال) ۾ خوش بيشڪ انهيءَ سمجهو هو تہ هرگز نہ اهو موٽندو (الله ڏانهن) هائو!

اِنَّ رَبَّهٗ كَانَ بِهٖ بَصِيْرًا ؕ۝١٥ فَلَاۤ اُقْسِمُ بِالشَّفَقِ ۙ۝١٦ وَالَّيْلِ وَمَا وَسَقَ ۙ۝١٧

بيشڪ ان جو رب هو ان کي ڏسندو پوءِ آءٌ قسم کڻان ٿو شفق جو ۽ رات جو ۽ جيڪو ڪجهہ اها گڏ ڪندي آهي

وَالْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ ﴿١٨﴾ لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ﴿١٩﴾ فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٠﴾

۽ چنڊ جو جڏهن اهو پورو (گول) ٿئي تو يقينن توهان سوار ٿيندؤ (پهچندؤ) هڪ حال کي ٻئي حال کان پوءِ پوءِ ڇا (ٿيو) آهي انهن (ڪافرن) کي نه ٿا اهي ايمان آڻين؟

وَاِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَا يَسْجُدُوْنَ ﴿٢١﴾ السجدة بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٢﴾

۽ جڏهن پڙهيو وڃي ٿو انهن تي قرآن (ته) نه ٿا اهي سجدو ڪن پر اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو اهي ڪوڙو ڪن ٿا

السَّجدة

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٤﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

۽ الله گهڻو ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه اهي (دل ۾) سانڍين ٿا پوءِ تون خوشخبري ٻڌاءِ انهن کي دردناڪ عذاب جي مگر اهي ماڻهو جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٢٥﴾

۽ انهن عمل ڪيا چڱا انهن لاءِ اجر آهي اڻ ڪٽ

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. قيامت جو ڏينهن ڏاڍو خوفناڪ هوندو، اسان کي ان ڏينهن جي خوف کان بچڻ جي تياري ڪرڻ گهرجي. (سورة الانشقاق، آيتون:١ کان ٥)
٢. هر انسان جي الله پاڪ سان ملاقات ٿي رهندي. (سورة الانشقاق، آيت:٦)
٣. قيامت جي ڏينهن نيڪ ماڻهن کي سندن اعمال نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو. (سورة الانشقاق، آيت:٧)
٤. قيامت ڏينهن خراب ماڻهن کي سندن اعمال نامو پٺيءَ پويان کاٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو. (سورة الانشقاق، آيت:١٠)
٥. نيڪ ماڻهن کي آخرت ۾ آسان حساب ورتو ويندو. (سورة الانشقاق، آيت:٨)
٦. قيامت جي ڏينهن گناهگار موت کي سڏيندا پر کين موت نه ايندو ۽ اهي جهنم ۾ وڌا ويندا. (سورة الانشقاق، آيتون:١١ کان ١٢)
٧. دنيا جي زندگيءَ ۾ مشغول رهڻ ۽ آخرت کي وساري ڇڏڻ جهنم ۾ وڃڻ جا سبب آهن. (سورة الانشقاق، آيتون: ١٣ کان ١٤)
٨. الله پاڪ اسان جي عملن کان چڱيءَ طرح واقف آهي. (سورة الانشقاق، آيت:١٥)
٩. ڪفر ڪرڻ وارن ۽ حق جي انڪارين جي لاءِ درد ڏيندڙ عذاب آهي. (سورة الانشقاق، آيتون: ٢٢ کان ٢٤)
١٠. ايمان آڻيندڙ ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن کي اهڙو اجر ملندو جيڪو ڪڏهن ختم ڪو نه ٿيندو. (سورة الانشقاق، آيت:٢٥)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة ۾ آسمان جي ڪهڙي ڪيفيت جو ذڪر آهي؟
(الف) دروازا دروازا ٿيڻ (ب) ڦاٽي پوڻ (ج) اوچو ڪرڻ

٢. انسان مشقت ۽ ڪشالا ڪندي ڪنهن سان ملڻ وارو آهي؟
(الف) متن مائٽن سان (ب) والدين سان (ج) رب سان

٣. جن ماڻهن جو اعمال نامو کين ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو انهن کان ڇا ورتو ويندو.
(الف) آسان حساب (ب) سخت حساب (ج) ڪو به حساب نه

٤. جن ماڻهن جو اعمال نامو کين پٺيءَ پويان ڏنو ويندو ته قيامت جي ڏينهن اهي ڪنهن کي سڏيندا؟
(الف) پيءُ ماءُ کي (ب) متن مائٽن کي (ج) موت کي

٥. جڏهن نافرمانن جي سامهون قرآن پڙهيو ويندو آهي ته اهي ڇا نه ڪندا؟
(الف) شڪر (ب) سجدو (ج) غور ۽ فڪر

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر ۽ ان سان واسطو رکندڙ لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر:١ | شام جي ڳاڙهاڻ |
| آيت نمبر:١١ | نه ختم ٿيندڙ اجر |
| آيت نمبر:١٦ | آسمان جو ڦاٽڻ |
| آيت نمبر:١٨ | موت کي سڏڻ |
| آيت نمبر:٢٥ | پورو چنڊ |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هن سورة ۾ قيامت جو ڪهڙو نقشو چٽيو ويو آهي؟

______________________________

______________________________

(٢) قيامت جي ڏينهن انسان کي ڪهڙن ٻن ٽولن ۾ ورهايو ويندو؟

______________________________

______________________________

(٣) هن سورة ۾ دوزخ ۾ وڃي ويندڙ ڪهڙا سبب بيان ڪيا ويا آهن؟

______________________________

______________________________

(٤) هن سورة ۾ ڪهڙن شين جا قسم کنيا ويا آهن.

______________________________

______________________________

(٥) ايمان آڻيندڙن ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪهڙو اجر آهي؟

______________________________

______________________________

# گهرو ڪم

١. پنهنجي هڪ ڏينهن جي عملن جي فهرست ناهي، جائزو وٺو ۽ ياد رکو تہ ڪِراماً ڪاتبين اسان جي هر ڳالهه ۽ هر عمل لکي رهيا آهن.

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

٢. روزانو رات جو سمهڻ کان پهريان پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪمن جو جائزو وٺو. نيڪين تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريو ۽ گناهن تي توبهہ ڪريو.

٣. سورة التڪوير، سورة الانفطار ۽ سورة الانشقاق تي غور ۽ ويچار ڪري قيامت جي حالتن جي باري ۾ ڪي بہ پنج ڳالهيون لکو.

١ ________________________

٢ ________________________

٣ ________________________

۴ ________________________

۵ ________________________

استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ________________

# سُوْرَةُ الْبُرُوْج

## هڪ ظالم بادشاهه ۽ مومن ڇوڪري جو قصو

سورة البروج ۾ الله پاڪ اصحاب الخدود يعني ”کڏن وارن“ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. گهڻو وقت اڳ جي ڳالهه آهي ته هڪ ظالم بادشاهه هو. جنهن الله پاڪ تي ايمان آڻيندڙن کي باهه جي کاهين (کڏن) ۾ ساڙيو. انهيءَ واقعي کي بيان ڪري ايمان وارن کي ڪافرن جي ڏاڍ ۽ ڏمر تي صبر ڪرڻ ۽ توحيد تي قائم رهڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. اهو واقعو حديث جي مشهور ڪتاب صحيح مسلم جي هڪ حديث سڳوريءَ ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

### ١۔ پوڙهي جادوگر جي بادشاهه کي درخواست

اڳئين زماني ۾ هڪڙو بادشاهه هو جنهن وٽ هڪ جادوگر هو جڏهن جادوگر پوڙهو ٿيو ته هن بادشاهه کي عرض ڪندي چيو ته مون کي هڪ ڇوڪر ڏي، جيڪو مون کان جادو سکي. بادشاهه هڪ ڇوڪرو مقرر ڪيو. جيڪو جادوگر کان جادو سکڻ لڳو انهيءَ ڇوڪر ۽ جادوگر جي گهر جي دڳ ۾ هڪ نيڪ ۽ صالح عيسائي راهب رهندو هو. ڇوڪري جڏهن ان جون ڳالهيون ٻڌيون ته ان کان متاثر ٿي ويو ۽ انهيءَ وٽ وڃي الله پاڪ جي دين جو علم پرائڻ لڳو. ڇوڪرو انهيءَ سوچ ۾ هو ته جادوگر ۽ عيسائي راهب مان ڪير سچو آهي ۽ هن کي ڪنهن جون ڳالهيون مڃڻ گهرجن.

### ٢۔ مومن ڇوڪري جا ڪمال:

اتفاق سان هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو جڏهن اهو ڇوڪرو راهب وٽان نڪري جادوگر وٽ وڃڻ لاءِ نڪتو ته هن ڏٺو ته هڪ تمام وڏو جانور ماڻهن جي رستي ۾ اچي بيٺو آهي. جنهن ڪري ماڻهن جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو آهي، اهو ڏيک ڏسي ڇوڪري سوچيو ته اهو موقعو ڏاڍو چڱو جو مذهب سچو جي پرک ٿي وڃي ته جادوگر جو مذهب سچو آهي يا انهيءَ عيسائي راهب جو هن هڪ پٿر کنيو ۽ الله پاڪ کان دعا گهري ته جيڪڏهن راهب جو مذهب سچو آهي ته هي جانور مري وڃي نه ته نه مري. اهو چئي ڪري هن پٿر جانور کي هنيو ته جانور هڪدم مري پيو. ماڻهن اهو ڏسي ڇوڪري جي علم جو اعتراف ڪيو اهڙيءَ ريت اهو ڇوڪرو الله پاڪ جي عطا ڪيل صلاحيت سان انڌن ۽ ڪوڙهه جي مريضن جو علاج ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن هڪ انڌو شخص ڇوڪري وٽ آيو ۽ اچي چوڻ لڳو ته جيڪڏهن تون پنهنجي انهيءَ علم جي ذريعي مون کي منهنجي اکين جي روشني واپس ڏئين ته مان توکي پنهنجي سڄي دولت ڏئي ڇڏيندس. ڇوڪري جواب ڏنو ته مون کي تو کان ڪو به انعام نه گهرجي. اهو علم ته الله پاڪ پاران آهي، ها جيڪڏهن اوهان جي بينائي واپس اوهان کي موٽي ملي ته پوءِ ڇا اوهان الله پاڪ تي ايمان آڻيندا؟ انهيءَ شخص هائو ڪار ڪئي، پوءِ ڇوڪري الله پاڪ کان ان جي لاءِ دعا گهري الله پاڪ پاڪ انهيءَ شخص کي بينائي (ديد) موٽائي ڏني ته هن الله پاڪ تي ايمان آندو. جڏهن بادشاهه کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي ته، هن راهب، ڇوڪري ۽ نابينا شخص کي پنهنجي دربار ۾ گهرائي ڪري چيو ته مون کان سواءِ توهان جو رب ڪير آهي؟ هنن چيو الله پاڪ ئي اسان سڀني جو رب آهي. بادشاهه نابينا شخص ۽ راهب کي آري سان چيرائي ٻه اڌ ڪرائي ڇڏيو.

### ٣۔ مومن ڇوڪري جي قتل جي لاءِ بادشاهه جون ڪوششون

ڇوڪري کي مارڻ جي لاءِ بادشاهه پنهنجي فوج جي هڪ جٿي کي حڪم ڏنو ته هن کي جبل جي چوٽيءَ تي وٺي وڃو. پوءِ ڇوڪري کي الله پاڪ جو دين ڇڏڻ لاءِ چئجو جيڪڏهن هو الله پاڪ جي دين تان هٽ ڪٽي ته ٺيڪ آهي، نه ته کيس ڌڪو ڏئي ڇڏجو ته جيئن هيٺ ڪري مري. فوجي انهيءَ ڇوڪري کي جبل جي چوٽيءَ تي وٺي ويا.

چوڪري الله پاڪ کان دعا ڪئي ته ” ياالله! تون جهڙيءَ طرح گهرين مون کي انهن کان بچاءِ. “ الله پاڪ جبل تي زلزلو آندو ته سموري فوج جيڪا ڪيس مارڻ لاءِ وٺي هئي، پاڻ ئي مري وئي، اهو چوڪرو صحيح سلامت پيهر بادشاهه جي دربار ۾ پهچي ويو. بادشاهه پڇيو ته منهنجا فوجي ڪٿي آهن؟ چوڪري وراڻيو ته انهن سيني کي منهنجي رب ماري ڇڏيو ۽ مون کي بچائي ورتائين. بادشاهه وري ٻيهر هڪ ٻئي جٿي کي حڪم ڏنو ته هن کي سمنڊ تي وٺي وڃو. جڏهن وچ سمنڊ ۾ پهچو ته هن کان الله پاڪ جو دين ڇڏڻ لاءِ چئبو جيڪڏهن ڇڏي تو ته ٺيڪ آهي، نه ته سمنڊ ۾ ڦٽو ڪجوس. فوجي ڪيس وٺي ويا، جڏهن وچ سمنڊ ۾ پهتا ته انهيءَ چوڪري وري الله پاڪ کي ٻاڏائيندي چيو ته، يا الله! تون جيئن گهرين انهن کان مون کي بچاءِ. الله پاڪ سڄي فوج کي ٻوڙي ماريو ۽ انهيءَ چوڪري کي وري بچايو. هو ٻيهر بادشاهه جي دربار ۾ پهتو، بادشاهه پڇيو ته منهنجا فوجي ڪيڏانهن ويا؟ چوڪري چيو ته انهن سيني کي منهنجي رب ماري ڇڏيو ۽ مون کي بچايو. اهڙيءَ طرح بادشاهه کي خبر پئجي وئي ته چوڪري کي مارڻ سندس وس کان ٻاهر آهي.

## ۴_ مومن چوڪري جي شهادت ۽ ماڻهن جو ايمان آڻڻ:

جڏهن بادشاهه جون چوڪري مارڻ جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي ويون ته نيٺ چوڪري بادشاهه کي چيو ته جيڪڏهن تون مارڻ ئي گهرين ٿو ته هڪ تمام وڏي ميدان ۾ ماڻهن کي گڏ ڪر. پوءِ منهنجي ترڪش مان هڪ تير ڪڍي، منهنجي ڪمان ۾ هڻ ۽ پوءِ هي لفظ ”بسم الله رب هذا الغلام. (مان هن چوڪري جي رب، الله جي نالي سان تير هلايان ٿو) چئي ڪري مون تي تير اڇلايو ته مان مري ويندس. بادشاهه ائين ئي ڪيو ۽ چوڪرو شهيد ٿي ويو. سڄي قوم اهو ڏيک ڏسندي ئي چئي ڏنو ته، ”اسان هن چوڪري جي رب تي ايمان آڻيون ٿا. “ جو ته اهي ڄاڻي چڪا هئا ته حقيقي ۽ سچو رب اهو ئي الله پاڪ آهي، جنهن جو ذڪر هي چوڪرو ڪري رهيو هو.

## ۵_ باهه جون کاهيون (کڏون) ۽ ايمان وارن جو صبر:

بادشاهه اهو ڏسي ڏاڍو ڏمريو هن پنهنجي فوجين کي کڏون کوٽڻ ۽ انهن ۾ ڪاٺين جي باهه ٻارائڻ جو حڪم ڏنو، سيني ايمان وارن کي باهه جي چوڌاري گڏ ڪيو ويو پوءِ هر هڪ کان سندس دين بابت پڇيو پئي ويو جيڪو توحيد جو اقرار ڪري پيو تنهن کي باهه ۾ اڇلايو پئي ويو اهڙيءَ طرح سيني مردن ۽ عورتن کي باهه ۾ جيئرو ساڙيو ويو. الله پاڪ انهن مومنن کي اهڙي ته همت ڏني جو انهن مان ڪو به ايمان ڇڏڻ تي راضي ڪو نه ٿيو ۽ انهن مان هر هڪ باهه ۾ ڪرڻ قبوليو. رڳو هڪ عورت جنهن جي هنج ۾ هڪ ننڍڙو ٻار هو انهيءَ عورت باهه ۾ ڪِري پوڻ کان ٿورو گهبرايو ته سندس ننڍڙي ٻارڙي انهيءَ پنهنجي امڙ کي چيو ته امان اوهان صبر ڪريو بيشڪ اوهان حق تي آهيو پوءِ انهن کي پنهي کي به باهه ۾ وڌو ويو. ظالم بادشاهه انهن کي بدلي وٺڻ جو نشانو انهيءَ ڪري بڻايو جو انهن الله پاڪ تي ايمان آندو هو. الله پاڪ وري ايئن ڪيو جو کڏن جي ڪنارن تي ويٺل ڪافر به باهه جي ور چڙهي ويا ۽ سڙي مئا. الله پاڪ قيامت جي ڏينهن به انهن ظالمن کي جهنم جي باهه جو سخت عذاب ڏيندو. جڏهن ته ايمان آڻيندڙن کي الله پاڪ انهن جي صبر ۽ اڏولائپ (استقامت) تي جنت جون عظيم نعمتون عطا ڪندو.

# سُوْرَةُالْبُرُوْج

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جن تي مڪي زندگي جي وچ واري دور ۾ نازلٿي، هي اهو دور هو جڏهن قريش مسلمانن تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪري رهيا هئا. نبي ڪريم ﷺ سومهڻيءَ جي نماز ۾ سورة البروج ۽ سورة الطارق جي ٻـ تلاوت فرمائيندا هئا. (مسند احمد) هن سورة جي شروعات ۾ الله پاڪ ڪجهه قسم کڻي ڪري اصحاب الاخدود يعني کڏن وارن جي موت جو اعلان ڪيو تـ انهن جي لاءِ دنيا ۾ سزا آهي ۽ آخرت ۾ جهنم جو عذاب آهي. ساڻ ساڻ ايمان وارن کي خوشخبري ڏني آهي تـ ڏکائين ۽ تڪليفن تي صبر ڪرڻ وارن جي لاءِ جنت آهي. پوءِ انهيءَ ڳالهـ کان آگاهـ فرمايو تـ الله پاڪ جي پڪڙ نهايت سخت آهي. جنهن کان فرعون، ثمود ۽ اصحاب الاخدود جهڙا ظالم ماڻهو ڪو بـ نٿا بچي سگهن. آخر ۾ قرآن مجيد جي عظمت جو بيان فرمايو ويو تـ اهو لوح محفوظ ۾ آهي.

اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهـ ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ ۙ﴿۱﴾ وَالْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ ۙ﴿۲﴾ وَشَاهِدٍ وَّمَشْهُوْدٍ ؕ﴿۳﴾

قسم آهي آسان برجن واري جو ۽ ڏينهن واعدي ڪيل (قيامت) جو ۽ حاضر ٿيندڙ (ڏينهن جمعي) جو ۽ حاضر ٿيل (ڏينهن عرفات) جو

قُتِلَ اَصْحٰبُ الْاُخْدُوْدِ ۙ﴿۴﴾ النَّارِ ذَاتِ الْوَقُوْدِ ۙ﴿۵﴾ اِذْ هُمْ عَلَيْهَا قُعُوْدٌ ۙ﴿۶﴾

ماريا ويا ڪاهي (خندق) وارا (يعني) باهـ وڏي ٻل واري جڏهن (تـ) اهي ان تي ويٺا هئا

وَّهُمْ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ ؕ﴿۷﴾ وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ

۽ اهي ان کي جيڪو ڪجهه اهي ڪري رهيا هئا مؤمنن سان ڏسي رهيا هئا ۽ نـ انهن انتقام ورتو انهن کان

اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا بِاللهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۙ﴿۸﴾ الَّذِىْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

مگر (هن ڳالهه جو) تـ انهن ايمان آندو هو الله تي جو زبردست نهايت ساراهيل آهي اها ذات جو ان لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي

وَاللهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ شَهِيْدٌ ؕ﴿۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ

۽ الله مٿان هر شيءِ جي نگران آهي بيشڪ اهي ماڻهو جن آزمائش ۾ وڌو مؤمن مردن کي ۽ مؤمن عورتن کي

ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ؕ﴿۱۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

پوءِ نـ انهن توبه ڪئي تـ انهن لاءِ آهي جهنم جو عذاب ۽ انهن لاءِ آهي عذاب ساڙڻ وارو بيشڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ انهن عمل ڪيا چڱا

لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۬ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ ؕ﴿۱۱﴾ اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ ؕ﴿۱۲﴾

انهن لاءِ آهن اهڙا باغ (جو) وهن ٿيون انهن جي هيٺان نهرون اها ڪاميابي آهي تمام وڏي بيشڪ پڪڙ تنهنجي رب جي البت نهايت سخت آهي

اِنَّهٗ هُوَ يُبْدِئُ وَيُعِيْدُ ۚ﴿۱۳﴾ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الْوَدُوْدُ ۙ﴿۱۴﴾

بيشڪ اهو ئي پهرين ڀيري پيدا ڪري ٿو ۽ (اهو ئي) ٻيهر پيدا ڪندو ۽ اهو ئي بخشڻهار گهڻي محبت ڪرڻ وارو آهي

ذُو الْعَرْشِ الْمَجِيْدُ ۝١٥ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ۝١٦ هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْجُنُوْدِ ۝١٧ فِرْعَوْنَ

عرش جو مالڪ وڏي شان وارو آهي ڪري ڇڏڻ وارو آهي ان ڪي جيڪو اهو گهرندو آهي ڇا آئي تو وٽ ڳالهه لشڪرن جي؟ (يعني) فرعون

وَثَمُوْدَ ۝١٨ بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ تَكْذِيْبٍ ۝١٩ وَّاللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ مُّحِيْطٌ ۝٢٠

۽ ثمود جي پر اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو ڪوڙي ڪرڻ ۾ (لڳل) آهن ۽ الله انهن جي پٺيان (يعني هر طرف) کان (انهن کي) گهيرو ڪندڙ آهي

بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ۝٢١ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ۝٢٢

بلڪ اهو قرآن وڏي شان وارو آهي لوح محفوظ ۾ (لکيل) آهي

# اهم نقطا

## علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان جي نصيحت جي لاءِ الله پاڪ، قرآن مجيد ۾ چڱن ۽ خراب ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي. (سورة البروج، آيتون: ١ کان ٨ ۽ ١٧ کان ١٩)

٢. ڪافر ۽ مشرڪ جو ظلم ۽ ڏاڍ ايمان وارن جي لاءِ آزمائش هجي ٿو. (سورة البروج، آيتون: ۴ کان ٧)

٣. الله پاڪ، ظلم ۽ مظلوم سڀ ڪي چڱيءَ ريت سڃاڻي ٿو. (سورة البروج، آيتون: ۴ کان ٧)

۴. اسان کي ڪنهن تي ظلم نہ ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ ظالم کي سزا ملندي ئي آهي. (سورة البروج، آيت: ١٠)

۵. جيڪو ظلم ڪرڻ کانپوءِ توبهہ ڪندو تہ الله پاڪ ان کي معاف ڪري ڇڏي ٿو. (سورة البروج، آيتون: ١٠ کان ١۴)

٦. ايمان آڻي نيڪ عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ جنت آهي. (سورة البروج، آيت: ١١)

٧. الله پاڪ جي راهہ ۾ قرباني ڏيڻ وارن کي الله پاڪ عظيم اجر عطا فرمائيندو آهي. (سورة البروج، آيتون: ١١ کان ١۴)

٨. الله پاڪ ظالمن کي سخت پڪڙ ڪرڻ وارو آهي، ڪو بہ ڏوهاري الله پاڪ جي پڪڙ کان بچي نٿو سگهي. (سورة البروج، آيت: ١٢)

٩. الله پاڪ جيڪو چاهي ٿو ڪري ٿو ڪو بہ الله پاڪ جي ارادن کي روڪڻ وارو ناهي. (سورة البروج، آيت: ١٦)

١٠. ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ سان، قرآن جي عظمت تي ڪو اثر ڪو نہ ٿو پوي، جيڪو لوح محفوظ ۾ موجود آهي. (سورة البروج، آيتون: ١٩ کان ٢٢)

## اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. اصحاب الاخدود مان مراد ڪير آهن؟
(الف) کوهہ وارا (ب) کڏن وارا (ج) جبل وارا

٢. بادشاهہ ڇوڪري کي ڇا سکڻ جي لاءِ مقرر ڪيو هو؟
(الف) تير اندازي (ب) دين جو علم (ج) جادو

٣. بادشاهہ ڪنهن کي آريءَ سان چيرائي مارائي ڇڏيو؟
(الف) نابينيٰ شخص ۽ راهب کي (ب) نابينا شخص ۽ مومن ڇوڪري کي (ج) راهب ۽ مومن ڇوڪري کي

۴. الله پاڪ قرآن مجيد کي ڪٿي محفوظ ڪري رکيو آهي؟
(الف) جنت ۾ (ب) لوح محفوظ ۾ (ج) غار حرا ۾

۵. هن سورة ۾ اصحاب الاخدود کان سواءِ ڪهڙين قومن جو ذڪر آيو آهي؟
(الف) آل فرعون ۽ ثمود (ب) مدين وارا ۽ آل فرعون (ج) عاد ۽ ثمود

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر سان واسطو رکندڙ لفظن کي ليڪ ڏئي ملايو:

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ۴ | رب جي پڪڙ |
| آيت نمبر: ١٠ | ڪڏن وارا |
| آيت نمبر: ١٢ | لشڪرن جي خبر |
| آيت نمبر: ١۴ | گهڻي محبت ڪرڻ وارو |
| آيت نمبر: ١٧ | مومنن کي تڪليف ڏيڻ |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختلف جواب ڏيو:

(١) ماڻهن مومن ڇوڪري جي علم جو اعتراف ڪهڙي واقعي کانپوءِ ڪيو؟

______________________________

______________________________

(٢) الله پاڪ مومن ڇوڪري کي ڪهڙيون خاص صلاحيتون عطا ڪيون هيون؟

______________________________

______________________________

(٣) مومن ڇوڪري جي قتل جي لاءِ بادشاهه ڪهڙو طريقو اختيار ڪيو جنهن سان نيٺ ان جي شهادت ٿي؟

______________________________

______________________________

(۴) مومن ڇوڪري جي مرڻ تي قوم ڇا ڪيو؟

______________________________

______________________________

(٥) بادشاهه ايمان آڻيندڙن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟

______________________________

______________________________

# گھرو ڪم

١. هڪ چارٽ تي باهہ جو ڏيک ڏاهيو ۽ هن سورة جي آيت نمبر ١٠ (اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا...الْحَرِيْقِ) ڪي ترجمي سان سهڻو ڪري لکو.

٢. هڪ چارٽ تي باغ جو نظارو ڏاهيو ۽ هن سورة جي آيت نمبر: ١١ (اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا.....الْكَبِيْرُ) ترجمي سان گڏ خوبصورتيءَ سان لکو.

٣. مسلمانن تي ڪافرن جي ڏاڍ ۽ ڏمر جا ڪي ٻہ ٻہ وڌيڪ واقعا ڳولي لکو؟

| پهريون واقعو | پهريون واقعو |
|---|---|
| | |

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُالطَّارِق

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جن تي مڪي زندگي جي وچئين دور ۾ نازل ٿي. هن سورة جي شروع ۾ الله پاڪ آسمان ۽ رات جو نڪرندڙ ستاري جو قسم کائي انسان کي انهيءَ حقيقت کان آگاهه ڪيو ته هو دنيا ۾ اجايا پيدا ناهن ڪيا ويا. انهن کي بي انتها قدرت رکندڙ الله پاڪ پيدا فرمايو آهي. الله پاڪ ئي انهن کي موت کان پوءِ ٻيهر جيئرو ڪندو ۽ سندن عملن جو حساب وٺندو. پوءِ الله پاڪ قسم کڻي قرآن جي عظمت بيان فرمائي، سورة جي پڇاڙيءَ ۾ فرمايو ته نبي ڪريم ﷺ جن کي آٿت ڏني وئي اهي ته پاڻ سڳورا ڪافرن جي سازشن کان پريشان نه ٿين.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ ﴿١﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ﴿٢﴾ النَّجْمُ الثَّاقِبُ ﴿٣﴾

قسم آهي آسمان جو ۽ رات جي وقت ايندڙ جو ۽ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي ڇا آهي رات جي وقت ايندڙ؟ (اهو) ستارو آهي چمڪندڙ

اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ ﴿٤﴾ فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ مِمَّ خُلِقَ ﴿٥﴾

ناهي ڪو نفس مگر ان تي هڪ نگهبان (مقرر) آهي تنهنڪري انسان کي گهرجي ته ڏسي ته ڪيس ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيو ويو آهي؟

خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ ﴿٦﴾ يَّخْرُجُ مِنْۢ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَآئِبِ ﴿٧﴾

پيدا ڪيو ويو آهي اهو ٽپي سان نڪرڻ واري پاڻي مان اهو نڪري ٿو وچان پٺيءَ ۽ سيني جي هڏين جي

اِنَّهٗ عَلٰى رَجْعِهٖ لَقَادِرٌ ﴿٨﴾ يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآئِرُ ﴿٩﴾

بيشڪ اهو (الله) ان (انسان) جي موٽائڻ تي البت قادر آهي جنهن ڏينهن ظاهر ڪيا ويندا سمورا راز

فَمَا لَهٗ مِنْ قُوَّةٍ وَّلَا نَاصِرٍ ﴿١٠﴾ وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ ﴿١١﴾

ته نه هوندي ان لاءِ ڪا طاقت ۽ نڪي ڪوئي مددگار قسم آهي آسمان مينهن واري جو

وَالْاَرْضِ ذَاتِ الصَّدْعِ ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ لَقَوْلٌ فَصْلٌ ﴿١٣﴾ وَّمَا هُوَ بِالْهَزْلِ ﴿١٤﴾

۽ زمين ڦاٽڻ واريءَ جو بيشڪ اهو (قرآن) البت فيصلو ڪندڙ ڳالهه آهي ۽ ناهي اهو ڪِل مذاق

اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ﴿١٥﴾ وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ﴿١٦﴾ فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا ﴿١٧﴾

بيشڪ اهي (ڪافر) رٿين ٿا هڪ رٿ ۽ آءٌ به رٿيان ٿو هڪ رٿ پوءِ (اي رسول!) تون مهلت ڏي ڪافرن کي مهلت ڏيڻ ٿورڙي

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. هر شخص سان گڏ حفاظت ڪندڙ ملائڪ گڏ آهن. (سورة الطارق، آيت: ۴)
٢. انسان کي الله پاڪ جي پيٽ ۾ پنهنجي ادنيٰ حيثيت سڃاڻڻ گهرجي. (سورة الطارق، آيتون: ۵ کان ۷)
٣. جنهن الله پاڪ انسان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو اهو ئي ان کي ٻيهر پيدا ڪرڻ تي به قادر آهي. (سورة الطارق، آيت: ۸)
۴. قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي سيني رازن کي پڌرو ڪيو ويندو. (سورة الطارق، آيت: ۹)
۵. آخرت ۾ الله پاڪ جي پيٽ ۾ نه ڪنهن وٽ طاقت هوندي ۽ نه ڪو مددگار هوندو. (سورة الطارق، آيت: ١٠)
٦. اسان جي ڪاميابي يا ناڪاميءَ جو فيصلو قرآن پاڪ تي عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي لحاظ کان ٿيندو. (سورة الطارق، آيت: ١٣)
٧. قرآن مجيد جنهن کي حق چوي اهو ئي حق آهي، جنهن کي باطل چوي اهو ئي باطل آهي. (سورة الطارق، آيت: ١٣)
٨. قرآن شريف کو کل مسخري جو يا معمولي ڪلام ناهي. (سورة الطارق، آيت: ١۴)
٩. ڪافر ۽ گنهگار حق جي خلاف رٿون رٿيندا آهن. (سورة الطارق، آيت: ١۵)
١٠. ڪافرن جون رٿون ڪامياب ناهن ٿينديون ڪين ضرور سزا ملندي. (سورة الطارق، آيتون: ١٦ کان ١٧)

# اسان ڇا سمجهيو؟

**سوال: ١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو**

١. الطارق مان ڇا مطلب آهي؟
(الف) پرندڙ سج (ب) روشن چنڊ (ج) چمڪندڙ ستارو

٢. هر شخص جي مٿان ڪير مقرر آهن؟
(الف) ملائڪ (ب) انسان (ج) جن

٣. هن سورة جي آخر ۾ ڪهڙين شين جا قسم کنيا ويا آهن؟
(الف) ڏينهن ۽ رات (ب) سج ۽ چنڊ (ج) آسمان ۽ زمين

۴. قرآن مجيد ڇا اهي؟
(الف) فرشتن جو ڪلام آهي (ب) هڪ فيصلو ڪندڙ ڪلام آهي. (ج) انساني ڪلام آهي.

۵. نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪافرن جي ڪهڙي ڳالهه کان پريشان نه ٿيڻ جي آٿت ڏني وئي؟
(الف) انهن جي طاقت (ب) انهن جو تعداد (ج) انهن جي سازش کان

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر ۽ ان سان واسطو رکندڙ لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو:

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ٢ | رات جو اچڻ وارو |
| آيت نمبر: ٤ | ٿورڙي مهلت |
| آيت نمبر: ٩ | حفاظت ڪندڙ |
| آيت نمبر: ١٣ | راز |
| آيت نمبر: ١٧ | فيصلو ڪندڙ ڪلام |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هن سورة ۾ ڪهڙين شين جو قسم کنيو ويو آهي؟

(٢) هن سورة ۾ قيامت جي ڪهڙي ڪيفيت بيان ٿي آهي؟

(٣) هن سورة ۾ قرآن حڪيم جون ڪهڙيون صفتون بيان ٿيون آهن؟

(٤) ستاري کي الطارق چو چيوويو آهي؟

(٥) نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪافرن بابت ڪهڙي هدايت ڪئي وئي؟

# گهرو ڪم

١. آسمان تي چمڪندڙ ستارن جو نظارو هڪ چارٽ تي ٺاهيو ستارن جي فائدن تي ڪي بہ ٽي ڳالهيون لکو.

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٢. آسمان، زمين ۽ انسان الله پاڪ جي قدرت جون نشانيون آهن. الله پاڪ جي قدرت جون وڌيڪ نشانيون لکو.

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٣. اسان قيامت جي ڏينهن ٻيهر جيئرا ڪيا وينداسون، اها حقيقت قرآن حڪيم ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي بيان ڪئي وئي آهي، ڪن بہ ٻن هنڌن جو ذڪر ڄاڻايو.

**پهريون هنڌ**

سورة جو نالو : ____________

آيت نمبر : ____________

**ٻيو هنڌ**

سورة جو نالو: ____________

آيت نمبر : ____________

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُ الْاَعْلٰى

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جن تي مڪي زندگيءَ جي شروعات دور ۾ نازل ٿي. نبي ڪريم ﷺ جن جمعي نماز ۽ ٻنهي عيدن جي پهرين رڪعت ۾ سورة الاعليٰ ۽ ٻيءَ رڪعت ۾ سورة الغاشيہ تلاوت فرمائيندا هئا. (مسلم) وتر نماز جي پهرين رڪعت ۾ بہ پاڻ سڳورا ﷺ سورة الفاتحہ کان پوءِ سورة الاعليٰ پڙهندا هئا. ٻيءَ رڪعت ۾ سورة الڪافرون ۽ ٽئين رڪعت ۾ سورة الاخلاص پڙهندا هئا. (مسند احمد) هن سوررة جي شروعات انهيءَ حڪم سان ٿئي ٿي تہ پنهنجي بلند شان واري رب جي پاڪائي تي پنهنجي بلند شان واري رب جي پاڪائي بيان ڪريو. نبي ڪريم ﷺ جن هن آيت جي نازل ٿيڻ ڪانپوءِ سجدي ۾ سبحان ربي الاعليٰ ( منهنجي وڏي شان وارو رب پاڪ آهي) پڙهڻ جو حڪم ڏنو. (مسند احمد)

پاڪ هئڻ جو مطلب آهي تہ اسان جو رب هر عيب ۽ اوڻائيءَ کان ۽ هر ضرورت کان خالي آهي. الله پاڪ جي قدرتن ڪي بہ بيان ڪيو ويو آهي. نبي ڪريم ﷺ کي اهم هدايتون عطا ڪيون ويون آهن. پوءِ ڪامياب انسان جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سورة جي پڇاڙيءَ ۾ دنيا ۽ آخرت جي حقيقت بيان ٿيل آهي. ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ آخرت جو ذڪر گذريل نبي سڳورن جي تعليمات ۾ بہ هو.

| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |
|---|---|---|---|---|

آئون الله جي پناهہ تو گهران شيطان تڙيل کان

| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |
|---|---|---|---|

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

| سَبِّحِ | اسْمَ | رَبِّكَ | الْاَعْلَى ۙ﴿۱﴾ | الَّذِىْ | خَلَقَ | فَسَوّٰى ۙ﴿۲﴾ |
|---|---|---|---|---|---|---|

(اي محمد ﷺ) تون پاڪائي بيان ڪر پنهنجي رب جي نالي جي جو سڀني کان مٿانهون آهي اها ذات جنهن پيدا ڪيو پوءِ برابر بيهاريو

| وَالَّذِىْ | قَدَّرَ | فَهَدٰى ۙ﴿۳﴾ | وَالَّذِىْٓ | اَخْرَجَ | الْمَرْعٰى ۙ﴿۴﴾ | فَجَعَلَهٗ | غُثَآءً | اَحْوٰى ؕ﴿۵﴾ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|

۽ اها ذات جنهن اندازو ڪيو پوءِ رستو ڏيکاريو ۽ اها ذات جنهن ڪڍيو (زمين مان) گاهہ پوءِ ان ڪيو ان کي سڪل سڙيل ڪارو

| سَنُقْرِئُكَ | فَلَا | تَنْسٰٓى ۙ﴿۶﴾ | اِلَّا | مَا | شَآءَ | اللّٰهُ ؕ | اِنَّهٗ | يَعْلَمُ | الْجَهْرَ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|

جلد اسان پڙهائينداسون توکي (قرآن) پوءِ نہ تون وساريندين سواءِ ان جي جيڪو گهري الله بيشڪ اهو ڄاڻي ٿو ظاهر کي

| وَمَا | يَخْفٰى ؕ﴿۷﴾ | وَنُيَسِّرُكَ | لِلْيُسْرٰى ۚ﴿۸﴾ | فَذَكِّرْ | اِنْ | نَّفَعَتِ | الذِّكْرٰى ؕ﴿۹﴾ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|

(ان کي) جيڪو ڳجهو آهي ۽ اسان توفيق ڏينداسون توکي آسان (رستي) جي پوءِ تون نصيحت ڪر جيڪڏهن فائدو ڏي نصيحت

| سَيَذَّكَّرُ | مَنْ | يَّخْشٰى ۙ﴿۱۰﴾ | وَيَتَجَنَّبُهَا | الْاَشْقَى ۙ﴿۱۱﴾ | الَّذِىْ | يَصْلَى | النَّارَ | الْكُبْرٰى ۚ﴿۱۲﴾ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|

ضرور نصيحت وٺندو اهو جيڪو ڊڄي ٿو ۽ پري رهندو ان کان بدبخت اهو جو داخل ٿيندو وڏي پڙڪندڙ باهہ ۾

| ثُمَّ | لَا | يَمُوْتُ | فِيْهَا | وَلَا | يَحْيٰى ؕ﴿۱۳﴾ | قَدْ | اَفْلَحَ | مَنْ | تَزَكّٰى ۙ﴿۱۴﴾ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|

پوءِ نہ اهو مرندو ان ۾ ۽ نہ ڪي (آرام) سان جيئندو تحقيق ڪامياب ٿيو اهو ماڻهو جيڪو پاڪ ٿيو

| وَذَكَرَ | اسۡمَ | رَبِّهٖ | فَصَلّٰى ؕ۝۱۵ | بَلۡ | تُؤۡثِرُوۡنَ | الۡحَيٰوةَ | الدُّنۡيَا ۝۱۶ۙ | وَالۡاٰخِرَةُ | خَيۡرٌ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|

ء ان ياد ڪيو نالو پنهنجي رب جو پوءِ ان نماز پڙهي پر توهان ترجيح ڏيو ٿا دنيا جي زندگي کي ۽ (جڏهن تہ) آخرت گهڻي بهتر آهي

| وَّ اَبۡقٰى ؕ۝۱۷ | اِنَّ | هٰذَا | لَفِى | الصُّحُفِ | الۡاُوۡلٰى ۙ۝۱۸ | صُحُفِ | اِبۡرٰهِيۡمَ | وَمُوۡسٰى ۝۱۹ؑ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|

۽ گهڻي بقا واري آهي بيشڪ هي (ڳالهہ) البت پهرين صحيفن ۾ آهي (يعني) ابراهيم ۽ موسيٰ جي صحيفن ۾

## اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله پاڪ جي ذات هر ڪوتاهيءَ ۽ ضرورت کان پاڪ آهي. (سورة الاعليٰ، آيت:١)
٢. الله پاڪ ئي سڀني ڪمن جي هدايت ڏيندڙ آهي. (سورة الاعليٰ، آيت:٣)
٣. الله پاڪ جي دين تي عمل ڪرڻ آسان آهي. (سورة الاعليٰ، آيت:٨)
٤. اسان کي هڪ ٻئي کي چڱين ڳالهين جي نصيحت ڪندو رهڻ گهرجي. (سورة الاعليٰ، آيت:٩)
٥. نصيحت مان فائدو اهي پرائيندا آهن جيڪي الله پاڪ جي ناراضپي کان ڊڄندا آهن. (سورة الاعليٰ، آيت:١٠)
٦. الله پاڪ جي نصيحت جا انڪاري ناڪام رهن ٿا. (سورة الاعليٰ، آيت:١١)
٧. پنهنجي نفس کي پاڪ رکندڙ الله پاڪ کي ياد ڪرڻ وارا ۽ نماز ادا ڪندڙ ڪامياب ٿيندا. (سورة الاعليٰ آيتون: ١٤ کان ١٥)
٨. اسان کي دنيا بدران آخرت کي اهميت ڏيڻ گهرجي. (سورة الاعليٰ، آيتون: ١٦ کان ١٧)
٩. آخرت جون نعمتون تمام پليون ۽ سدائين رهندڙ آهن. (سورة الاعليٰ، آيت:١٧)
١٠. قرآن مجيد وانگر اڳ ۾ نازل ٿيندڙ ڪتابن ۾ به آخرت جي يادگيريءَ جو بيان هيو. (سورة الاعليٰ، آيت:١٩)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة جي شروعات ۾ ڪهڙو حڪم ڏنو ويو آهي؟
(الف) نصيحت ڪرڻ (ب) الله پاڪ جي پاڪائي بيان ڪرڻ (ج) نماز پڙهڻ

٢. نبي ڪريم ﷺ جن کي قرآن پاڪ ياد ڪرائڻ ڪنهن جي ذمي هو؟
(الف) اصحاب سڳورن (ب) ملائڪن (ج) الله پاڪ

٣. هن سورة ۾ دوزخ جي عذاب جي ڪهڙي ڪيفيت بيان ٿي آهي؟
(الف) لوهه جي هٿوڙن سان ماريو ويندو (ب) رت ۽ پونءِ پياري ويندي
(ج) دوزخ ۾ پوندڙ نه کي ٻاهر ۾ مرندو ۽ نه جيئندو.

٤. جنهن پاڪيزگي اختيار ڪئي، اهو ڇا هوندو؟
(الف) بدقسمت (نياڳو) (ب) ناڪام (ج) ڪامياب

٥. هن سورة جي پهرين آيت نازل ٿيڻ تي نبي ڪريم ﷺ سجدي ۾ پڙهڻ جو ڇا حڪم ڏنو؟
(الف) سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَهٗ (ب) سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيْم (ج) سُبْحَانَ رَبِّيَ الْاَعْلٰی

سوال ۲: هيٺ ڏنل آيت نمبر سان واسطو رکندڙ لفظن کي لڪير ڏئي ملايو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر:۱ | وس، چارو |
| آيت نمبر:۴ | حضرت ابراهيم ؑ جا صحيفا |
| آيت نمبر:۸ | وڏي شان وارو رب |
| آيت نمبر:۱۲ | عمل ڪرڻ لاءِ آساني |
| آيت نمبر:۱۹ | وڏي باهه |

سوال ۳: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(۱) الله پاڪ جي تسبيح يعني پاڪائي بيان ڪرڻ مان ڇا مراد آهي؟

______________________________

______________________________

(۲) هن سورة ۾ الله پاڪ جي ڪهڙين قدرتن جو بيان آهي؟

______________________________

______________________________

(۳) نصيحت مان فائدو ڪهڙن ماڻهن کي حاصل ٿيندو آهي؟

______________________________

______________________________

(۴) ڪامياب ماڻهن جا ڪهڙا گڻ بيان ٿيل آهن؟

______________________________

______________________________

(۵) دنيا جي مقابلي ۾ آخرت کي اهميت ڇو آهي؟

______________________________

______________________________

# گھرو ڪم

١. پنھنجون سيئي ياد ڪيل سورتون گھر وارن کي ٻڌائي، انهن جي فهرست تاهيو ۽ ان ۾ واڌارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٢. پنهنجي گھر وارن کان نماز جا فائدا معلوم ڪري لکو ۽ پنهنجي دوستن کي ٻڌايو.

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٣. هڪ فهرست ٺاهيو جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ته اڄ اوهان جي استادن اوهان کي ڪهڙيون نصيحتون ڪيون.



استاد جي صحيح: ____________  والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُالْغَاشِيَة

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ نازل ٿي. نبي ڪريم ﷺ جن جمعي نماز ۾ ۽ ٻنهي عيدن جي پهرين رڪعت ۾ سورة اعليٰ ۽ ٻي رڪعت ۾ سورة الغاشيه جي تلاوت ڪندا هئا. (صحيح مسلم) غاشيه قيامت جو هڪ نالو آهي. هن سورة جي شروع ۾ الله پاڪ قيامت جو ذڪر ڪيو آهي. ان ڏينهن الله پاڪ جا نافرمان پنهنجي بڇڙن عملن ۽ انهن جي نتيجن ڪي ڏسي ڏڄي ويندا. جڏهن ته الله پاڪ جا فرمانبردار جنت جي نعمتن ۾ هوندا. پوءِ الله پاڪ جي قدرت جي بيشمار نشانين مان چار نشانيون يعني اٺ، آسمان، جبل ۽ زمين جو ذڪر ڪري انهن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. ان ڪان سواءِ نبي ڪريم ﷺ جي وسيلي دين جي دعوت ڏيڻ وارن کي اها ڳالهه سمجهائي وئي آهي انهن جو ڪم حق کي پهچائڻ آهي. مڃائڻ نه. سورة جي پڇاڙي ۾ آخرت جي حساب ڪتاب جي يادگيري ڪرائي وئي آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ ۟﴿١﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ خَاشِعَةٌ ۙ﴿٢﴾ عَامِلَةٌ

ڇا آئي تو وٽ ڳالهه ڇائنجي ويندڙ (قيامت) جي؟ ڪيترائي چهرا ان ڏينهن هيسيل هوندا محنت ڪندڙ

نَّاصِبَةٌ ۙ﴿٣﴾ تَصْلٰى نَارًا حَامِيَةً ۙ﴿٤﴾ تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ اٰنِيَةٍ ۟﴿٥﴾

ٿڪل هوندا اهي داخل ٿيندا ٻرڪندڙ باهه ۾ اهي پياريا ويندا چشمي ٽهڪندڙ مان

لَيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ ۙ﴿٦﴾ لَّا يُسْمِنُ وَلَا يُغْنِيْ مِنْ جُوْعٍ ۟﴿٧﴾

نه هوندو انهن لاءِ کاڌو سواءِ زهريلي ڪانڊيرن جي نه اهو ٿلهو ڪندو ۽ نه ڪي فائدو ڏيندو بک کان

وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاعِمَةٌ ۙ﴿٨﴾ لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ۙ﴿٩﴾ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ۙ﴿١٠﴾

ڪيترائي چهرا ان ڏينهن ٻهڪندڙ هوندا پنهنجي ڪوشش تي خوش هوندا عاليشان جنت ۾ هوندا

لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَةً ۟﴿١١﴾ فِيْهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ ۘ﴿١٢﴾ فِيْهَا سُرُرٌ مَّرْفُوْعَةٌ ۙ﴿١٣﴾ وَّ اَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَةٌ ۙ﴿١٤﴾

نه اهي ٻڌندا ان ۾ ٻيهوده ڳالهه ان ۾ هڪ چشمو وهندڙ (هوندو) ان ۾ تخت (هوندا) اوچا اوچا ۽ پيالا رکيل (هوندا)

وَّنَمَارِقُ مَصْفُوْفَةٌ ۙ﴿١٥﴾ وَّزَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ ۟﴿١٦﴾ اَفَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى الْاِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ ۫﴿١٧﴾

۽ طول وهاڻا قطار ۾ لڳل (هوندا) ۽ عمدا غاليچا وڇايل (هوندا) ڇا پوءِ نه تو اهو ڏسي اٺن ڏانهن ڪيئن اهي پيدا ڪيا ويا آهن

وَاِلَى السَّمَآءِ كَيْفَ رُفِعَتْ ۫﴿١٨﴾ وَاِلَى الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ ۫﴿١٩﴾ وَاِلَى الْاَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ ۫﴿٢٠﴾

۽ آسمان ڏانهن ڪيئن اهو بلند ڪيو ويو آهي؟ ۽ جبلن ڏانهن ڪيئن اهي کوڙيا ويا آهن ۽ زمين ڏانهن ڪيئن اها وڇائي وئي آهي؟

فَذَكِّرْ ۗ اِنَّمَآ اَنْتَ مُذَكِّرٌ ۟﴿٢١﴾ لَسْتَ عَلَيْهِمْ بِمُصَيْطِرٍ ۙ﴿٢٢﴾ اِلَّا مَنْ تَوَلّٰى

پوءِ تون نصيحت ڪر رڳو تون نصيحت ئي ڪندڙ آهين ناهين تون انهن تي ڪو ذميوار مگر جنهن منهن موڙيو

وَكَفَرَ ۙ﴿٢٣﴾ فَيُعَذِّبُهُ اللّٰهُ الْعَذَابَ الْاَكْبَرَ ۟﴿٢٤﴾ اِنَّ اِلَيْنَآ اِيَابَهُمْ ۙ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُمْ ۧ﴿٢٦﴾

۽ ڪفر ڪيو ته عذاب ڪندو ان کي الله عذاب تمام وڏو بيشڪ اسان ڏانهن ئي آهي انهن جو موٽي اچڻ پوءِ يقينن اسان تي ئي آهي انهن جو حساب

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان کي قيامت کي هميشه ياد رکڻ گھرجي. (سورة الغاشيه، آيت: ١)
٢. الله پاڪ جي نافرماني ڪندڙن جا منهن قيامت جي ڏينهن شرم وچان جهڪيل هوندا. (سورة الغاشيه، آيت: ٢)
٣. ماڻهن جي عملن جا نتيجا قيامت ڏينهن سندن منهن مان ظاهر ٿيندا. (سورة الغاشيه، آيتون: ٢ کان ٨)
٤. الله پاڪ جي نافرمانن جي لاءِ آخرت ۾ دوزخ جون سخت تڪليفون هونديون. (سورة الغاشيه، آيتون: ٣ کان ٧)
٥. الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪندڙن جا منهن قيامت ڏهاڙي خوشيءَ وچان ٻهڪندا هوندا. (سورة الغاشيه، آيت: ٨)
٦. الله پاڪ جا فرمانبردار جنت جي بهترين نعمتن ۾ هوندا. (سورة الغاشيه، آيتون: ٩ کان ١٦)
٧. اٺ، آسمان، جبل، زمين ۽ ٻيون نشانيون الله پاڪ جي يادگيريءَ جو ذريعو آهن. (سورة الغاشيه، آيتون: ١٧ کان ٢٠)
٨. نبي ڪريم ﷺ کانپوءِ ٻين کي دين جي دعوت ڏيڻ اسان جي ذميداري آهي. (سورة الغاشيه، آيت: ٢١)
٩. اسان جي ذميداري ٻين کي دين جي دعوت ڏيڻ آهي. دين کي زبردستي مڙهڻ ناهي. (سورة الغاشيه، آيت: ٢٢)
١٠. قيامت جي ڏينهن الله پاڪ وٽ سڀني جو حساب ٿيندو. (سورة الغاشيه، آيتون: ٢٥ کان ٢٦)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. غاشيه ڪنهن جو ٻيو نالو آهي؟
(الف) جنت (ب) قيامت (ج)جهنم

٢. دنيا ۾ ڪيل عملن جا نتيجا آخرت ۾ ڪٿي ظاهر ٿيندا؟
(الف) دلين تي (ب) هٿن تي (ج) منهن تي

٣. نافرمانن کي جهنم ۾ پيئڻ لاءِ ڇا ڏنو ويندو؟
(الف) ٿهڪندڙ پاڻي (ب)اٻرندڙ تيل (ج) ڪوڙي ماکي

٤. هن سورة ۾ ڪائنات جي ڪيترين نشانين جو ذڪر آهي؟
(الف) ٻن (ب) ٽن (ج) چئن

٥. آخرت ۾ انسان کان حساب وٺڻ ڪنهن جي ذمي آهي؟
(الف) فرشتن (ب) الله پاڪ (ج) نبين سڳورن عليهم السلام

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر ۾ ان سان واسطو رکندڙ لفظن ۾ هڪجهڙو رنگ ڀريو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ١ | اٺ |
| آيت نمبر: ٥ | نصيحت ڪندڙ |
| آيت نمبر: ١٣ | اوچا اوچا تخت |
| آيت نمبر: ١٧ | ڍانئجي وجهڻ واري قيامت |
| آيت نمبر: ٢١ | ابرندڙ پاڻيءَ جا چشما |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هن سورة ۾ نافرمانن جو ڪهڙو نتيجو بيان ٿيو آهي؟

(٢) هن سورة ۾ فرمانبردارن جو ڪهڙو نتيجو بيان ٿيو آهي؟

(٣) هن سورة ۾ ڪائنات جي ڪهڙين چئن شين جو ذڪر آهي؟

(٤) دين جي دعوت جي حوالي سان اسان جي ڪهڙي ذميداري آهي؟

(٥) دين جي دعوت جو انڪار ڪرڻ وارن جو ڪهڙو انجام بيان ٿيو آهي؟

# گهرو ڪم

١. هن سورة جي آيتن ١٧ کان ٢٠ تائين جو هڪ چارٽ تي تصويري خاڪو ٺاهيو.

٢. قيامت جي لاءِ قرآن مجيد ۾ استعمال ڪيل نالن مان ڪي بہ پنج نالا ڳولي لکو.

١. ____________________ ٢. ____________________

٣. ____________________ ۴. ____________________

۵. ____________________

٣. اسان پنهنجي هم ڪلاس ساٿين کي ڪهڙيون چڱيون ڳالهيون ٻڌائي سگهون ٿا اهي لکو.

استاد جي صحيح: ____________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُ الْفَجْر

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچئين دور ۾ نازل ٿي. هي اهو دور هو جڏهن مڪي جا مشرڪ مسلمانن تي ڏاڍو ۽ ظلم ڪندا هئا. هن سورة جي شروع ۾ الله پاڪ عقل وارن ماڻهن جي لاءِ مختلف شين جا قسم کنيا آهن. گذريل قومن يعنيٰ عاد قوم، ثمود ۽ آل فرعون جي نافرمانين ۽ انهن تي الله پاڪ جي عذاب جو ذڪر عبرت وٺڻ خاطر ڪيو ويو آهي. پوءِ انسانن جون ڪمزوريون بيان ڪيون ويون ته هو نعمتن تي خوش ٿئي ٿو ۽ تنگ دستي تي ڏڪارو ٿي وڃي ٿو. وري الله پاڪ انسان جي ڪجهه اوڻاين يعني يتيمن جي عزت نه ڪرڻ، محتاجن کي کاڌو نه کارائڻ ، وراثت جو مال ڦٻائڻ ۽ مال سان محبت ڪرڻ جو بيان فرمايو آهي. سورة جي پڇاڙيءَ ۾ قيامت جو ڏيک ڇٽيو ويو آهي ته قيامت جي ڏينهن گناهگار انسان پنهنجي زندگيءَ تي هٿ مليندو ۽ پڇتائيندو. انهيءَ ڏينهن عذاب جو اختيار رڳو الله پاڪ کي هوندو. جڏهن ته ايمان وارن جي لاءِ الله پاڪ جي رضا ۽ جنت جو اعلان هوندو.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَالْفَجْرِ ۙ﴿۱﴾ وَ لَيَالٍ عَشْرٍ ۙ﴿۲﴾ وَّالشَّفْعِ وَالْوَتْرِ ۙ﴿۳﴾ وَالَّيْلِ اِذَا يَسْرِ ۚ﴿۴﴾ هَلْ فِىْ ذٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِىْ حِجْرٍ ؕ﴿۵﴾

قسم آهي فجر جو ۽ ڏهن راتين جو ۽ ٻڌي ۽ اڪي جو ۽ رات جو جڏهن اها موڪلائي ٿي يقينن ان ۾ وڏو قسم آهي عقل واري لاءِ

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ۪ۙ﴿۶﴾ اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ۪ۙ﴿۷﴾

ڇا نه تو ڏٺو ڪيئن سلوڪ ڪيو تنهنجي رب عاد سان (يعني) ارم جو ٿنين وارو هو

الَّتِىْ لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِى الْبِلَادِ ۪ۙ﴿۸﴾ وَ ثَمُوْدَ الَّذِيْنَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ ۪ۙ﴿۹﴾

اهو جو نه پيدا ڪيا ويا (ڪي ٻ) انهن جهڙا شهرن ۾ ۽ (قوم) ثمود (سان) اهي جن گهيو هو (گهر ٺاهڻ لاءِ) پٿرن کي وادي ۾

وَ فِرْعَوْنَ ذِى الْاَوْتَادِ ۪ۙ﴿۱۰﴾ الَّذِيْنَ طَغَوْا فِى الْبِلَادِ ۪ۙ﴿۱۱﴾ فَاَكْثَرُوْا فِيْهَا الْفَسَادَ ۪ۙ﴿۱۲﴾

۽ فرعون ميخن واري (سان) اهي جن سرڪشي ڪئي شهرن ۾ پوءِ انهن گهڻو ڪيو هو انهن شهرن ۾ فساد

فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ سَوْطَ عَذَابٍ ۚۖ﴿۱۳﴾ اِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ ؕ﴿۱۴﴾ فَاَمَّا الْاِنْسَانُ اِذَا مَا ابْتَلٰىهُ رَبُّهٗ

پوءِ وهايا انهن تي تنهنجي رب چهبڪ عذاب جو بيشڪ تنهنجو رب البت گهاٽي ۾ آهي پوءِ پر انسان جڏهن آزمائي ٿو ان کي ان جو رب

فَاَكْرَمَهٗ وَ نَعَّمَهٗ ۙ۬ فَيَقُوْلُ رَبِّىْٓ اَكْرَمَنِ ؕ﴿۱۵﴾ وَ اَمَّآ اِذَا مَا ابْتَلٰىهُ

پوءِ اهو عزت ڏئي ٿو ان کي ۽ نعمت ڏئي ٿو ان کي ته اهو چوي ٿو منهنجي رب عزت ڏني مون کي ۽ پر جڏهن اهو آزمائي ٿو ان کي

فَقَدَرَ عَلَيْهِ رِزْقَهٗ ۙ۬ فَيَقُوْلُ رَبِّىْٓ اَهَانَنِ ۚ﴿۱۶﴾ كَلَّا بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ الْيَتِيْمَ ۙ﴿۱۷﴾

پوءِ تنگ ڪري ٿو ان تي سندس رزق ته اهو چوي ٿو منهنجي رب توهين ڪئي آهي منهنجي هرگز نه! (ائين آهي) پر نه ٿا توهان عزت ڪريو يتيم جي

وَلَا تَحٰٓضُّوْنَ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۙ﴿۱۸﴾ وَ تَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا ۙ﴿۱۹﴾

۽ نه ٿا توهان (هڪٻئي کي) ترغيب ڏيو کاڌي کارائڻ جي مسڪينن کي ۽ توهان کائو ٿا ورثي جو مال ميڙي سيڙي

وَّ تُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ﴿٢٠﴾ كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا ﴿٢١﴾

ءِ توهان محبت ڪريو ٿا مال سان محبت تمام گهڻي خبردار! جڏهن ڪٽي ڪري سنئين ڪئي ويندي زمين ڪٽي ڪٽي

وَّ جَآءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ﴿٢٢﴾ وَجِایْٓءَ يَوْمَئِذٍۭ بِجَهَنَّمَ ۙ يَوْمَئِذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ

ءِ ايندو تنهنجو رب ءِ بيهندا فرشتا صف صف تي ءِ ان ڏينهن جهنم آندو ويندو ان ڏينهن ياد ڪندو انسان (پنهنجا ڪرتوت)

وَ اَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ﴿٢٣﴾ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِیْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِیْ ﴿٢٤﴾ فَيَوْمَئِذٍ

ءِ ڪٿي (فائديمند هوندو) ان لاءِ ياد ڪرڻ؟ اهو چوندو اي ڪاش! آءٌ اڳي موڪليان ها پنهنجي (هن) زندگي لاءِ پوءِ ان ڏينهن

لَّا يُعَذِّبُ عَذَابَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٢٥﴾ وَّلَا يُوْثِقُ وَثَاقَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٢٦﴾

نہ عذاب ڏيندو ان جي عذاب جهڙو ڪو ٻيو ءِ نہ ٻڌندو ان جي ٻڌڻ جهڙو ڪو ٻيو

يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ارْجِعِیْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾

اي نفس اطمينان وارا (دين تي) تون موٽي هل پنهنجي رب ڏانهن (ان ڪان) خوش تي (اهو توکان) خوش آهي

فَادْخُلِیْ فِیْ عِبٰدِیْ ﴿٢٩﴾ وَادْخُلِیْ جَنَّتِیْ ﴿٣٠﴾

پوءِ تون داخل ٿي منهنجي ٻانهن ۾ ءِ تون داخل ٿي منهنجي جنت ۾

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. خراب ماڻهو الله پاڪ جي پڪڙ کان نٿا بچي سگهن. (سورة الفجر, آيتون:٦ کان ١٣)
٢. اسان کي اڳين قومن جي تاريخ مان سبق وٺڻ گهرجي. (سورة الفجر, آيتون:٦ کان ١٣)
٣. اسان کي نعمتن تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. (سورة الفجر, آيت:١٥)
٤. اسان کي آزمائش ۽ تنگ دستي تي صبر ڪرڻ گهرجي. (سورة الفجر, آيت:١٦)
٥. آخرت تي يقين نه رکندڙ خراب عملن ۾ ڦاسي ويندا آهن. مثلا يتيم جي عزت نه ڪرڻ, مسڪين کي کاڌي کارائڻ جي ترغيب نه ڏيڻ, وراثت جو مال کائي وڃڻ ۽ مال سان گهڻي محبت ڪرڻ. (سورة الفجر, آيتون:١٧ کان ١٨)
٦. اسان کي يتيمن, محتاجن ۽ ضرورتمندن سان چڱو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. (سورة الفجر, آيتون:١٧ کان ١٨)
٧. قيامت جي ڏينهن نڪي نصيحت کي مڃڻ مان فائدو ٿيندو ۽ نه عمل جي اصلاح جو موقعو ملندو. (سورة الفجر, آيت: ٢٤)
٨. قيامت جي ڏينهن گنهگار ماڻهو غفلت ۾ گذاريل زندگيءَ تي حسرت ڪندا. (سورة الفجر, آيت:٢٤)
٩. اسان کي آخرت جي شرمندگي ۽ جهنم جي عذاب کان بچڻ جو فڪر ڪرڻ گهرجي. (سورة الفجر, آيتون:٢٥ کان ٢٦)
١٠. اسان کي الله پاڪ جي رضا ۽ جنت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (سورة الفجر, آيتون:٢٧ کان ٣٠)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة ۾ ڪنهن جو قسم کنيو ويو آهي؟
(الف) ڏهن راتين جو (ب) ڏهن ڏينهن جو (ج) ڏهن مهينن جو

٢. هن سورة ۾ فرعون جي باري مان ڇا بيان ڪيو ويو آهي؟
(الف) پٿرن کي ٽڪڻ جو (ب) وڏن ٿنڀن وارو (ج) ميخن وارو

٣. جڏهن الله پاڪ ڪنهن انسان کي آزمائيندو آهي ته سندس رزق گهٽائي ڇڏيندو آهي, ته انسان ڇا چوندو آهي؟
(الف) الله پاڪ مون کي ذلت ڏني (ب) الله پاڪ مون کي عزت ڏني (ج) الله پاڪ مون کي نعمت ڏني

٤. قيامت جي ڏينهن زمين کي ڇا ڪيو ويندو؟
(الف) تباهه ڪري ختم (ب) گلن وارو باغ (ج) ڪٽي ڪٽي هموار ڪئي ويندي

٥. نفس مطمئنة کي جنت ۾ داخل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻي ڪهڙي شيءِ جي خوشخبري ڏني ويندي؟
(الف) دنيا ۾ سٺي زندگي (ب) الله پاڪ جي رضا (ج) فرشتن جي دوستي

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر کي واسطو رکندڙ لفظن سان ليڪ ڏئي ملايو.




سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) سورت جي شروع ۾ نافرمان قومن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهيءَ ۾ اسان جي لاءِ ڪهڙو سبق آهي؟

(٢) الله پاڪ جي نعمتن ۽ الله پاڪ جي پاران آزمائشن تي اسان جو ڪهڙو سلوڪ ۽ رويو هجڻ گهرجي؟

(٣) هن سورة ۾ الله پاڪ انسانن جي ڪهڙين ڪوتاهين جو ذڪر فرمايو آهي؟

(٤) هن سورة ۾ قيامت جو ڪهڙو نقشو چٽيو ويو آهي؟

(٥) هڪ گناهگار شخص جي قيامت ڏهاڙي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟

# گهرو ڪم

١. هن سورة ۾ جن قومن جو ذڪر آيل آهي هڪ چارٽ تي انهيءَ قوم جو نالو، جاءِ، پيغمبر جو نالو ۽ ڏوهه ۽ سزا لکو.

٢. هڪ فهرست ٺاهيو تہ اسان کي يتيمن ۽ مسڪينن سان ڪهڙيءَ ريت هلڻ گهرجي.

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

_______________________________________________

٣. اوهان جي پاڙي يا مٽن مائٽن ۾ جيڪي يتيم آهن، انهن جي نالن جي هڪ فهرست ٺاهيو ۽ انهن کي ڪا سوکڙي ڏيو.

| مان ڪنهن کي سوکڙي ڏيان؟ | مان ڪهڙي سوکڙي ڏيان؟ |
| --- | --- |
| ☼ ____________ | ☼ ____________ |
| ☼ ____________ | ☼ ____________ |
| ☼ ____________ | ☼ ____________ |
| ☼ ____________ | ☼ ____________ |
| ☼ ____________ | ☼ ____________ |
| ☼ ____________ | ☼ ____________ |

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُ الْبَلَد

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچئين دور ۾ نازل ٿي، جڏهن مڪي پاڪ جهڙي امن واري شهر ۾ نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن ساٿين کي ظلم جو نشانو بڻايو پئي ويو. هن سورة جي شروع ۾ الله پاڪ مڪي شهر حضرت آدم عليه السلام ۽ سموري انسانيت جو قسم کائي بيان فرمايو ته انسان هن دنيا ۾ تڪليفن ۾ پيدا ڪيو ويو آهي. هن کي دنيا ۾ ذميدار بڻائي موڪليو ويو آهي. الله پاڪ کين بيشمار نعمتون عطا فرمايون جهڙوڪ انهن کي مال، اکيون، زبان ۽ چپ الله پاڪ انهن کي نيڪي ۽ بدي ٻنهي واٽن جي سڃاڻ ڪرڻ سيکاري. پر انسان ظاهري طور ڏکئي رستي يعني نيڪيءَ جي ڏگ تي هلڻ کان گهٻرائيندو آهي. پر جيڪي ماڻهو غلامن کي آزاد ڪرائين ٿا. يتيمن ۽ مسڪين متن ماڻهن کي کارائين پيارين ٿا. ايمان وارا ۽ هجن ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي تاڪيد ۽ رحم ڪرڻ جي تلقين ٻه ڪندا هجن ته اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيڻ وارا آهن. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو الله پاڪ جي آيتن جو انڪار ڪن ته اهڙا ماڻهو ناڪام هوندا ۽ باهه جي لائق هوندا.

| | |
|---|---|
| اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ |
| آئون الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿١﴾ وَ اَنْتَ حِلٌّ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿٢﴾ وَ وَالِدٍ وَّمَا وَلَدَ ﴿٣﴾

آءٌ قسم کڻان تو هن شهر (مڪي) جو حالانڪ تون رهندڙ آهين هن شهر ۾ ۽ (قسم آهي) پيءُ جو ۽ جنهن کي ان ڄڻيو!

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ﴿٤﴾ اَيَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ ﴿٥﴾ يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا ﴿٦﴾

البت تحقيق اسان پيدا ڪيو انسان کي وڏي مشقت ۾ ڇا اهو سمجهي ٿو هي ته هرگز نه قادر ٿيندو ان تي ڪوئي ٻه؟ اهو چوي ٿو مون لٽايو مال تمام گهڻو

اَيَحْسَبُ اَنْ لَّمْ يَرَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٧﴾ اَلَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ ﴿٨﴾ وَ لِسَانًا وَّ شَفَتَيْنِ ﴿٩﴾

ڇا اهو سمجهي ٿو هي ته نه ڏٺو ان کي ڪنهن ٻه؟ ڇا نه اسان بڻايون ان لاءِ ٻه اکيون ۽ هڪ زبان ۽ ٻه چپ؟

وَ هَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ ﴿١٠﴾ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ﴿١١﴾ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ﴿١٢﴾

۽ اسان ڏيکاريا ان کي (خير ۽ شر جا) ٻئي رستا پوءِ نه اهو لنگهيو سخت لڪ مان ۽ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي ڇا آهي اهو لَڪ؟

فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿١٣﴾ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ﴿١٤﴾ يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ﴿١٥﴾

(اهو) آزاد ڪرڻ آهي ٻانهي جو يا کاڌو کارائڻ اهڙي ڏينهن ۾ جو بک وارو آهي ڪنهن يتيم مائٽي واري کي

اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ﴿١٦﴾ ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ

يا مسڪينن ڌوڙ ۾ ويڙهيل کي پوءِ هجي ا هو انهن ماڻهن مان جن ايمان آندو ۽ انهن وصيت ڪئي هڪ ٻئي کي صبر ڪرڻ جي

وَ تَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ ﴿١٧﴾ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ﴿١٨﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا

۽ انهن وصيت ڪئي هڪ ٻئي کي رحم ڪرڻ جي اهي ماڻهو ساڄي (هٿ) وارا آهن ۽ اهي ماڻهو جن انڪار ڪيو اسان جي آيتن جو

هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ﴿١٩﴾ عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ ﴿٢٠﴾

اهي کاٻي (هٿ) وارا آهن انهن تي باهه (هوندي) (هر طرف کان) رهيل

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله پاڪ مڪي پاڪ کي امن وارو شهر ٻڌايو. (سورة البلد، آيتون: ١،٢)
٢. دنيا جي زندگيءَ ۾ انسان کي ڪوڙ سارين تڪليفن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو. (سورة البلد، آيت:٤)
٣. الله پاڪ کي ٻانهن تي مڪمل قدرت حاصل آهي. (سورة البلد، آيت:٥)
٤. گهڻا انسان الله پاڪ جي نعمتن جي ناشڪري ڪندا آهن. (سورة البلد، آيت:٦)
٥. الله پاڪ ماڻهن جي عملن کان چڱيءَ طرح واقف آهي. (سورة البلد، آيت:٧)
٦. اسان جا جسم ۽ ساهه الله پاڪ جون عطا ڪيل نعمتون آهن. (سورة البلد، آيتون:٨ کان ٩)
٧. الله پاڪ اسان کي نيڪي ۽ بدي ٻئي رستا سمجهائي ڇڏيا آهن. اسان کي گهرجي ته اسان نيڪيءَ واريءَ واٽ وٺون ۽ برائي جي رستي کان بچون. (سورة البلد، آيت:١٠)
٨. نيڪ ٿيڻ لاءِ تمام گهڻي محنت جي ضرورت آهي. (سورة البلد، آيت:١١)
٩. غلامن کي آزاد ڪرڻ يتيمن ۽ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ نيڪيءَ جا ڪم آهن. (سورة البلد، آيتون: ١٣ کان ١٦)
١٠. نيڪيءَ جي قبول پوڻ لاءِ ايمان شرط آهي ۽ نيڪي قائم رهڻ جي لاءِ نيڪ ماڻهن سان لاڳاپو رکڻ، هڪ ٻئي کي صبر ۽ رحم جي تلقين ڪندو رهڻ ضروري آهي. (سورة البلد، آيت:١٧)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة ۾ ڪهڙي شهر جو قسم کنيو ويو آهي؟
(الف) طائف (ب) مڪو پاڪ (ج) مدينو

٢. هن سورة ۾ والد مان مراد گهڻو ڪري ڪنهن کي چيو ويو آهي؟
(الف) حضرت محمد ﷺ (ب) حضرت نوح عليه السلام (ج) حضرت آدم عليه السلام

٣. الله پاڪ انسان کي ڇا ۾ پيدا ڪيو؟
(الف) آزمائشن (ب) سختين (ج) جنت جي باغن

٤. الله پاڪ انسان کي ڪهڙن رستن جي هدايت ڏني؟
(الف) نيڪي ۽ بدي (ب) خشڪي ۽ تري (ج) زمين ۽ آسمان

٥. هن سورة ۾ "اصحاب المشئمة" يعني ناڪام ماڻهن جي ڪهڙي خرابي بيان ڪيل آهي؟
(الف) اهي ماڻهن کي دوکو ڏيندا آهن. (ب) اهي يتيمن کي ڌڪاريندا آهن.
(ج) اهي الله پاڪ جي آيتن جو انڪار ڪندا آهن.

سوال ٢:هيٺ ڏنل آيت نمبر ۽ ان سان واسطو رکندڙ لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ١ | مڪو شهر |
| آيت نمبر: ٨ | رحم ڪرڻ جي نصيحت |
| آيت نمبر: ١٠ | ٻه اکيون |
| آيت نمبر: ١٤ | ٻه رستا |
| آيت نمبر: ١٧ | ڪاڌو ڪارائڻ |

سوال ٣:هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) الله پاڪ انسان جي ڪهڙين جسماني نعمتن جو ذڪر ڪيو آهي؟

(٢) نيڪيءَ جي ڏکئي رستي مان ڇا مراد آهي؟

(٣) هن سورة ۾ الله پاڪ ڪڏهن ۽ ڪهڙن ماڻهن کي کاڌي کارائڻ جي ترغيب ڏياري آهي؟

(٤) هن سورة ۾ ڪهڙن ٻن ٽولن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

(٥) کاٻي پاسي وارن (اصحاب المشئمة) جو ڪهڙو نتيجو ٿيندو؟

# گهرو ڪم

١. هڪ چارٽ تي مڪي شهر جي تصوير لڳايو ۽ والدين کان مڪي پاڪ جي باري ۾ ڪي ٻه پنج ڳالهيون معلوم ڪري لکو.

٢. اسان ٻين تي رحم ڪرڻ ۾ ڪهڙن ڪهڙن طريقن کي اختيار ڪري سگهون ٿا؟ ڪي ٻه پنج ڳالهيون لکو

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

٣. خانه ڪعبه بابت ڪي ٻه چار ڳالهيون لکو.



استاد جي صحيح: ______________ والدين/سرپرست جي صحيح: ______________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُالشَّمْس

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگي جي وچئين دور ۾ نازل ٿي. نبي ڪريم ﷺ جن سومهڻيءَ جي نماز ۾ سورة الشمس ۽ ان جهڙيون سورتون پڙهندا هئا. (جامع ترمذي) هن سورة ۾ ستن شين جو قسم کڻي نيڪي ۽ بديءَ جي فرق کي سمجهايو ويو آهي. الله پاڪ انسان کي نيڪي ۽ بدي جي سڃاڻپ عطا ڪئي اهي. ٻڌايو ويو آهي تہ نفس کي برائين کان پاڪ ڪري تقويٰ اختيار ڪرڻ وارو ڪامياب آهي. جڏهن تہ نفس جي پيروي ڪري گناهن جي زندگي گذاريندڙ ناڪام آهي. پوءِ ثمود قوم جي بڇڙي انجام جو مثال بيان ڪيو ويو آهي. جن ڏانهن حضرت صالح عليه السلام کي موڪليو ويو هو. هن قوم کي ڪفر ۽ شرڪ ڪرڻ کان منع ڪيو تہ هن قوم هن کان گهر ڪئي تہ جيڪڏهن اوهان سچا آهيو تہ ڪو معجزو ڏيکاريو. قوم جي مطالبي تي الله پاڪ جبل مان هڪ جيئري ڏاچي ظاهر ڪئي جيڪا هنن لاءِ هڪ معجزو هئي. حضرت صالح عليه السلام ماڻهن کي سمجهايو تہ هي الله پاڪ جي ڏاچي آهي. تنهن ڪري هن جو خيال رکو حضرت صالح عليه السلام ڏاچيءَ جي پاڻي پيئڻ جو هڪ ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيو. قوم حضرت صالح عليه السلام کي ڪوڙو ڪيو سندس فرمانبرداري ڪو نہ ڪئي. انهن مان هڪ ڏنگي ۽ خراب ماڻهوءَ ڏاچيءَ جون جنگهون وڍي ان کي ماري ڇڏيو. پوءِ انهن تي الله پاڪ جو عذاب آيو ۽ هڪ زلزلي ذريعي هن قوم کي ختم ڪيو ويو.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهہ ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا ﴿١﴾ وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰىهَا ﴿٢﴾ وَالنَّهَارِ اِذَا جَلّٰىهَا ﴿٣﴾

قسم آهي سج جو ۽ ان جي سوجهري جو! ۽ چنڊ جو جڏهن اهو ان جي پويان اچي ۽ ڏينهن جو جڏهن اهو روشن ڪري ان (سج) کي

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰىهَا ﴿٤﴾ وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰىهَا ﴿٥﴾ وَالْاَرْضِ وَمَا طَحٰىهَا ﴿٦﴾

۽ رات جو جڏهن اها ڍڪي ان (سج) کي ۽ آسمان جو ۽ ان ذات جو جنهن ٺاهيو ان کي ۽ زمين جو ۽ ان ذات جو جنهن وڇايو ان کي

وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ﴿٧﴾ فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ﴿٨﴾

۽ (انساني) نفس جو ۽ ان ذات جو جنهن برابر بيهاريو ان کي پوءِ ان اندر ۾ وڌي ان کي سندس بدڪاري ۽ سندس پرهيزگاري (جي سڃاڻ)

قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ﴿٩﴾ وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ﴿١٠﴾ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ

يقينن ناڪام ٿيو اهو جنهن ان (نفس) پاڪ ڪيو ۽ يقينن ناڪام ٿيو اهو جنهن ان (نفس) کي گندو ڪيو ڪوڙو ڪيو ثمود (جي قوم)

بِطَغْوٰىهَآ ﴿١١﴾ اِذِ انْۢبَعَثَ اَشْقٰىهَا ﴿١٢﴾ فَقَالَ لَهُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ

پنهنجي سرڪشي جي ڪري جڏهن اٿيو ان (قوم) جو وڏو بدبخت پوءِ چيو انهن کي الله جي رسول (صالح عليه السلام)

نَاقَةَ اللّٰهِ وَسُقْيٰهَا ﴿١٣﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَعَقَرُوْهَا

(توهان خيال رکو) الله جي ڏاچي جو ۽ ان کي پاڻي پيارڻ جو پوءِ انهن ڪوڙو ڪيو ان کي پوءِ انهن وڍي ڇڏيو ان (ڏاچي) جي پيرن کي

فَدَمْدَمَ عَلَيْهِمْ رَبُّهُمْ بِذَنْۢبِهِمْ فَسَوّٰىهَا ﴿١٤﴾ وَلَا يَخَافُ عُقْبٰهَا ﴿١٥﴾

پوءِ تباهي آندي انهن تي سندن رب انهن جي گناهہ جي ڪري پوءِ برابر (ناس) ڪري ڇڏيائين انهن کي ۽ نہ تو اهو ڊڄي ان (تباهي) جي انجام کان.

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. جهڙي طرح سج ۽ چنڊ جوا ثر مختلف آهي اهڙيءَ طرح نيڪي ۽ بديءَ جا نتيجا بہ مختلف ٿين ٿا. (سورة الشمس، آيتون:١ کان ٧)

٢. الله پاڪ هر انسان منجهہ نيڪي ۽ بديءَ جي سڃاڻپ رکي آهي. (سورة الشمس، آيت:٨)

٣. الله پاڪ انسان کي نيڪي ۽ بدي ٻنهي جو اختيار ڏئي کيس امتحان ۾ وڌو آهي. (سورة الشمس، آيتون:٨ کان ١٠)

٤. بديءَ کان بچي، نيڪي اختيار ڪندڙ ڪامياب هوندا. (سورة الشمس، آيت:٩)

٥. نيڪيءَ کي ڇڏي برائيءَ جو دڳ وٺندڙ ناڪام ٿيندا. (سورة الشمس، آيت:١٠)

٦. ناڪام ماڻهن جو هڪ مثال ثمود قوم جو آهي. (سورة الشمس، آيتون:١١ کان ١٥)

٧. ڪڏهن ڪڏهن خراب ماڻهوءَ کي نہ روڪڻ سڄي قوم کي عذاب ۾ ڦاسائي ڇڏيندو آهي. (سورة الشمس، آيتون:١٢ کان ١٤)

٨. نبي سڳورا عليهم السلام هميشہ پنهنجي قوم کي چڱيون نصيحتون ڪندا هئا. (سورة الشمس، آيت:١٣)

٩. نبين سڳورن عليهم السلام جي ڳالهہ نہ مڃڻ وارا تباهہ ۽ برباد ٿيندا آهن. (سورة الشمس، آيت:١٤)

١٠. الله پاڪ جيڪو گهري فيصلو ڪري، ان کي ڪنهن جو ڪو فڪر ناهي هوندو. (سورة الشمس، آيت:١٥)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة ۾ ڪهڙي قوم جو ذڪر آهي؟
(الف) عاد قوم　(ب) ثمود قوم　(ج) لوط عليه السلام جي قوم

٢. هن سورة جي شروع ۾ الله پاڪ ڪنهن جي روشنيءَ جو قسم کنيو آهي؟
(الف) ڏينهن　(ب) چنڊ　(ج) سج

٣. هن سورة ۾ ڪهڙي شيءِ کي پاڪ ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟
(الف) جسم　(ب) نفس　(ج) لباس

٤. الله پاڪ ثمود جي قوم کي ڪهڙي شيءِ معجزي طور عطا ڪئي؟
(الف) نانگ　(ب) مڇي　(ج) ڏاچي

٥. ثمود قوم الله پاڪ جي نشانيءَ سان ڇا ڇا ڪيو؟
(الف) محفوظ رکيو　(ب) ماري ڇڏيو　(ج) قيد ڪيو.

سوال ٢:هيٺ ڏنل آيت نمبر کي واسطو رکندڙ لفظن سان ليڪ ڏئي ملايو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ١ | زمين |
| آيت نمبر: ٦ | سج ۽ روشني |
| آيت نمبر: ٨ | گناهه تي عذاب |
| آيت نمبر: ١٣ | الله ﷻ جي ڏاچي |
| آيت نمبر: ١٤ | برائي ۽ پرهيزگاري |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) الله پاڪ اسان منجهه ڪهڙي شيءِ جي سڃاڻپ رکي آهي؟

______________________________

______________________________

(٢) ڪامياب انسان ڪير آهي؟

______________________________

______________________________

(٣) ناڪام انسان ڪير آهي؟

______________________________

______________________________

(٤) الله پاڪ, ثمود قوم جو قصو ڇو بيان فرمايو آهي؟

______________________________

______________________________

(٥) حضرت صالح عليه السلام جي باري ۾ ٽي ڳالهيون لکو.

______________________________

______________________________

# گهرو ڪم

١. قسم کڻڻ وقت اسان کي ڪهڙين ڳالهين جو لحاظ رکڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڳالهيون لکو.

٢. سورة جي آخر ۾ ثمود قوم جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن جي محلن ۽ ماڙين جون تصويرون ڳولي هڪ چارٽ تي لڳايو.

______________________________

______________________________

______________________________

٣. نيڪي ۽ بديءَ ۾ فرق جي حوالي سان ٽي ڳالهيون لکو




استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُ الَّيْـل

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچئين دور ۾ نازل ٿي. هن سورة جي شروع ۾ چار مخالف شين جو قسم کڻي الله پاڪ ٻن مخالف رستن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن واٽن تي هلڻ وارن جي مختلف ڪوشش ۽ انهن جو نتيجو بہ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ رستو الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جو آهي، جڏهن تہ ٻيو رستو برائيءَ جو رستو آهي، جيڪو الله پاڪ جي ناراضگيءَ جو ذريعو بڻجي ٿو. انسان جنهن واٽ کي اختيار ڪرڻ گهري ٿو الله پاڪ کيس انهيءَ جي توفيق ڏئي ڇڏي ٿو. سورة جي آخر ۾ ٻن نتيجن جو ذڪر آهي يعني نافرمانن جي لاءِ عذاب ۽ فرمانبردارن جي لاءِ انعام هوندو.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهہ ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى ۝١ وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ۝٢ وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰٓى ۝٣

قسم آهي رات جو جڏهن اها ڇانئجي وڃي ٿي ۽ ڏينهن جو جڏهن اهو روشن ٿئي ٿو ۽ ان ذات جو جنهن پيدا ڪيو نر ۽ مادي

اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى ۝٤ فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَاتَّقٰى ۝٥ وَصَدَّقَ بِالْحُسْنٰى ۝٦

بيشڪ توهان جي ڪوشش البت مختلف آهن پوءِ جنهن ماڻهو ڏنو (الله جي راهہ ۾ مال) ۽ (الله کان) ڊنو ۽ ان تصديق ڪئي چڱي ڳالهہ جي

فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْيُسْرٰى ۝٧ وَاَمَّا مَنْۢ بَخِلَ وَاسْتَغْنٰى ۝٨ وَكَذَّبَ بِالْحُسْنٰى ۝٩

تہ يقينن اسان آسان ڪري ڏينداسون ان کي آسان رستو (نيڪي) لاءِ پر جنهن بخل ڪيو ۽ بي پرواهي ڪئي ۽ ان ڪوڙو ڪيو چڱي ڳالهہ کي

فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْعُسْرٰى ۝١٠ وَمَا يُغْنِيْ عَنْهُ مَالُهٗٓ اِذَا تَرَدّٰى ۝١١

تہ يقينن اسان آسان ڪري ڏينداسون ان کي مشڪل رستو (بڇڙائي) لاءِ ۽ نہ فائدو ڏيندو ان کي ان جو مال جڏهن اهو ڪرندو (جهنم ۾)

اِنَّ عَلَيْنَا لَلْهُدٰى ۝١٢ وَاِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَالْاُوْلٰى ۝١٣ فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰى ۝١٤

بيشڪ اسان تي آهي رستو ڏيکارڻ ۽ بيشڪ اسان جي وس ۾ آهي آخرت ۽ دنيا پوءِ مون ڊيڄاريو توهان کي اهڙي باهہ کان جا ڀڙڪي ٿي

لَا يَصْلٰىهَآ اِلَّا الْاَشْقَى ۝١٥ الَّذِيْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ۝١٦ وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ۝١٧

نہ داخل ٿيندو ان ۾ مگر وڏو بدبخت ۽ اهو جنهن ڪوڙو ڪيو ۽ منهن موڙيو ۽ جلد پري ڪيو ويندو ان (باهہ) کان وڏو پرهيزگار!

الَّذِيْ يُؤْتِيْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ۝١٨ وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰٓى ۝١٩

اهو جيڪو ڏئي ٿو پنهنجو مال (جيئن) اهو پاڪ ٿئي ۽ ناهي ڪنهن جو بہ ان وٽ ڪو احسان (جو) اهو بدلو ڏنو وڃي (ان جو)

اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ۝٢٠ وَلَسَوْفَ يَرْضٰى ۝٢١

مگر (رڳو اهو ڏئي ٿو) گهرندي چهرو (رضامندو) پنهنجي رب متانهين جو ۽ يقينن جلد اهو (الله) راضي ٿيندو.

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. جهڙيءَ طرح انسانن جون ڪوششون مختلف آهن. اهڙيءَ طرح انهن جي عملن جا نتيجا بہ مختلف هوندا آهن. (سورة اليل. آيت: ۴)

٢. الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ. تقويٰ اختيار ڪرڻ. ۽ چڱي ڳالهہ جي تصديق ڪرڻ نيڪ ماڻهن جا گڻ آهن. (سورة اليل. آيتون: ۵ کان ٦)

٣. نيڪيءَ جي واٽ فطرت جي تمام ويجهو ۽ آسان آهي. (سورة اليل. آيتون: ۵ کان ۷)

۴. الله پاڪ نيڪي ڪرڻ وارن کي جنت ڏانهن وٺي ويندڙ سولي ۽ آسان رستي جي توفيق عطا فرمائيندو آهي. (سورة اليل. آيت: ۷)

۵. ڪنجوسي ڪرڻ. لاپرواهي ڪرڻ ۽ چڱي ڳالهہ کي نہ مڃڻ خراب ماڻهن جون صفتون آهن. (سورة اليل. آيتون: ۸ کان ۹)

٦. برائيءَ جي واٽ فطرت کان پري ۽ ڏکي آهي. (سورة اليل. آيتون:۸ کان ۹)

۷. الله پاڪ برائي ڪرڻ وارن کي دوزخ ڏانهن ويندڙ اڙانگي رستي تي هلڻ وارن جي لاءِ ڇڏي ڏئي ٿو. (سورة اليل. آيت: ۱۰)

۸. الله پاڪ جي واٽ ۾ مال خرچ ڪرڻ سان انسان گناهن کان پاڪ ٿئي ٿو. (سورة اليل. آيتون:۱۸ کان ۱۹)

۹. حق جا منڪر ۽ نيڪيءَ کان منهن موڙيندڙ بدنصيب جهنم جي ڀڙڪندڙ باهہ ۾ وڌا ويندا. (سورة اليل. آيتون: ۱۴ کان ١٦)

۱۰. پرهيز گاري اختيار ڪرڻ وارا. الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ وارا جهنم کان محفوظ رکيا ويندا. (سورة اليل. آيتون: ۱۴ کان ١٦)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. الله پاڪ رات ۽ ڏينهن کان پوءِ ڇا جو قسم کنيو آهي؟

(الف) نيڪ ۽ بد　(ب) مذڪر ۽ مونث　(ج) چنڊ ۽ ستارن جو

٢. سورة جي شروع ۾ ڪنهن جو قسم کنيو ويو آهي؟

(الف) سج ۽ چنڊ　(ب) ڏينهن ۽ رات　(ج) زمين ۽ آسمان

٣. انسانن جون ڪوششون ڪيترن قسمن جون ٿين ٿيون؟

(الف) هڪ قسم　(ب) بہ قسم　(ج) مختلف قسم

۴. الله پاڪ ڪهڙن ماڻهن جون نيڪيون قبول ڪندو آهي؟

(الف) جن جو مقصد شهرت حاصل ڪرڻ هجي.　(ب) جن جو مقصد ماڻهن جي مدد ڪرڻ هجي

(ج) جن جو مقصد الله پاڪ کي راضي ڪرڻ هجي

۵. نفس کي پاڪ ڪرڻ جو هڪ ذريعو ڪهڙو آهي؟

(الف) مال کي خراب سمجهڻ　(ب) الله پاڪ جي راهہ ۾ مال خرچ ڪرڻ

(ج) دنيا کي بلڪل وساري ڇڏڻ

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر ۽ ان سان واسطو رکندڙ لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو:

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ٢ | مشڪل وات |
| آيت نمبر: ٨ | ڀتڪندڙ باھ |
| آيت نمبر: ١٠ | بخل ڪرڻ |
| آيت نمبر: ١٤ | روشن ڏينهن |
| آيت نمبر: ١٥ | وڏو بدبخت |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هن سورة ۾ آسان رستي تي هلڻ وارن جون ڪهڙيون صفتون ٻڌايون ويون آهن؟

(٢) هن سورة ۾ مشڪل رستي تي هلڻ وارن جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن؟

(٣) برائيءَ جي رستي تي هلڻ وارن جو ڪهڙو نتيجو ٿئي ٿو؟

(٤) ڪهڙن ماڻهن کي الله پاڪ جهنم جي باھ کان بچائيندو؟

(٥) تزڪيو يعني پاڪيزگي حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو ذريعو آهي؟

# گهرو ڪم

١. پنهنجي ڪيسي جي خرچيءَ مان گهر وارن جي لاءِ ڪنهن ضرورت واري شيءِ جو انتظام ڪريو.

٢. الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو ذريعو آهي. پنهنجي گهر وارن سان گڏجي غريب ٻارن جي مدد جي لاءِ ڪو پروگرام جوڙيو.

٣. قرآن شريف جي آخري سيپاري جي انهن سورتن ۾ رنگ ڀريو جن جا نالا مختلف وقتن جي نالن تي رکيل آهن ۽ انهن وقتن تي پڙهيون ويندڙ نمازن جا نالا لکو.

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________




استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُ الضُّحٰى

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي بلڪل شروعاتي دور ۾ نازل ٿي. نبي ڪريم ﷺ جن چاشت جي نماز ۾ سورة الشمس ۽ سورة الضحيٰ پڙهڻ جي تاڪيد فرمائي آهي. (طبراني) هن سورة ۾ نبي ڪريم ﷺ جي عظيم شخصيت جي اهم گڻن ۽ وصفن جو پاڻ سڳورن ﷺ تي الله پاڪ جي پاران انعامن ۽ احسانن جو بيان آهي. شروع ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو قرآن سان محبت جو ذڪر آهي. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جن تي وحي نازل ٿيڻ جو سلسلو ڪجهه وقت لاءِ رڪجي ويو ته پاڻ سڳورا ﷺ ڏاڍا ڏکارا ۽ غمگين ٿي پيا. ڪافرن به وحي نه اچڻ تي نبي ڪريم ﷺ جن کي طعنا ۽ ٽنڪا ڏنا. تنهن تي ڏٺي سڳوري پاڻ سڳورن ﷺ کي تسلي ۽ آٿت ڏني ته نڪي الله پاڪ اوهان کي اڪيلو ڇڏيو آهي ۽ نڪي اوهان کان ناراض ٿيو آهي. مشڪلاتن جو دور مختصر آهي ۽ اوهان لاءِ هر ايندڙ دور پهريان کان بهتر هوندو. الله پاڪ اوهان کي اهڙين نعمتن سان نوازيندو جنهن سان اوهان راضي ٿي ويندا. الله پاڪ پاڻ سڳورن ﷺ کي گهڻين عنايتن مثال طور ختم نبوت، تڪميل دين، دين جو غلبو معجزا، بهترين امت، وڏي شفاعت، امت جي مغفرت، حوض ڪوثر ۽ مقام محمود جهڙيون نعمتيون عطا فرمائيندو. پاڻ سڳورن ﷺ تي احسانن جو ذڪر ڪندي فرمايو ويو ته يتيميءَ جي حالت ۾ الله پاڪ پاڻ ڪريمن ﷺ کي سندن ڏاڏي عبدالمطلب ۽ وري سندن چاچي ابو طالب جي ذريعي پاڻ سڳورن ﷺ جي پرورش ۽ پالڻ جو بندوبست فرمايو. وحيءَ جي ذريعي نبي ڪريم ﷺ جن کي صحيح واٽ جي رهنمائي فرمائي ۽ تنگدستي ۽ غريبيءَ ۾ حضرت بيبي خديجه رضي الله عنها جي مال جي ذريعي نوازيو. سورة جي آخر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي ذريعي امت کي هدايت ڪئي وئي آهي ته نه يتيمن سان سختي ڪيو ۽ نڪي سوالين کي جهڙڪيو ۽ ماڻهن جي سامهون الله پاڪ جي نعمتن جو ذڪر ڪيو وڃي ڇو ته اهو عمل نعمتن تي شڪر جي اظهار ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَالضُّحٰى ۙ۝١ وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى ۙ۝٢ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ

قسم آهي چڙهي آيل ڏينهن جو؟ ۽ رات جو جڏهن اها ڇائنجي وڃي نه ڇڏيو توکي تنهنجي رب

وَمَا قَلٰى ۝٣ وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ۝٤

۽ نڪي اهو ناراض ٿيو (توکان) ۽ يقينن ايندڙ وقت بهتر آهي (گذري ويل) وقت کان

وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ۝٥

۽ البت جلد ڏيندو توکي (ايترو) تنهنجو رب جو تون راضي ٿيندين

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۝٦ وَوَجَدَكَ ضَآلًّا

ڇا نه ان لڌو توکي يتيم پوءِ جاءِ ڏنائين؟ ۽ ان لڌو توکي اڻ واقف راهه جو

فَهَدٰى ۝٧ وَوَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰى ۝٨ فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ۝٩

پوءِ رهنمائي ڪيائين ۽ ان لڌو توکي سڪٽي هٿين پوءِ آسودو ڪيائين پوءِ يتيم تي نه تون سختي ڪر

وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ۝١٠ وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ۝١١

۽ نه سوالي کي تون جهڙڪ ۽ نعمت پنهنجي رب جي پيو تون بيان ڪر

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. جيئن ڏينهن کان رات جي وقفي ۾ حڪمت آهي، اهڙيءَ طرح وحي ۾ وقفو بہ الله پاڪ جي حڪمت مطابق هو. (سورة الضحيٰ، آيتون: ١ کان ۴)
٢. الله پاڪ ڪڏهن بہ پنهنجي نبين سڳورن عليهم السلام سان ناراض ٿي انهن کي ڇڏي ناهي ڏيندو. (سورة الضحيٰ، آيت:٣)
٣. نبين سڳورن عليهم السلام کي هميشه الله پاڪ جي حمايت حاصل رهندي آهي. (سورة الضحيٰ، آيت:٣)
۴. الله پاڪ پاڻ سڳورن ﷺ کي تمام گهڻو نوازيندي پاڻ سڳورن ﷺ جي لاءِ هر ايندڙ وقت کي اڳئين کان بهتر ڪندو رهيو هو. اِن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي لاءِ دنياوي ۽ آخرت ٻنهي لحاظ کان الله پاڪ جي قرب ۾ وڌيڪ درجا بلند ٿيندا رهيا ۽ بيشمار فضل ڪين ملندا رهيا، جيڪي صرف پاڻ سڳورن ﷺ کي ئي الله پاڪ طرفان عطا ڪيا ويا آهن. (سورة الضحيٰ، آيت: ۴)
۵. الله پاڪ قيامت جي ڏهاڙي پاڻ سڳورن ﷺ تمام وڏو مان ۽ مرتبو عطا فرمائيندو جڏهن تہ الله پاڪ پنهنجن نيڪ بندن کي دنيا ۽ آخرت ۾ بهترين انعام ۽ اڪرام عطا فرمائيندو. (سورة الضحيٰ، آيت: ۵)
٦. الله پاڪ انسان جي مڙني مشڪلاتن کي ختم ڪندڙ ۽ سندن مڙني ضرورتن کي پورو ڪندڙ آهي. (سورة الضحيٰ، آيتون: ٦ کان ٨)
٧. الله پاڪ جا اسان سڀني تي بيشمار احسان آهن. (سورة الضحيٰ، آيتون: ٦ کان٨)
٨. الله پاڪ هدايت انهن کي عطا ڪندو آهي، جن جي دل ۾ هدايت جي سچي طلب هوندي آهي. (سورة الضحيٰ آيت:٧)
٩. سماج جي محروم طبقن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ الله پاڪ کي پسند آهي. (سورة الضحيٰ، آيتون: ٩ کان ١١)
١٠. ڏيکاءُ کان بچڻ لاءِ ماڻهن جي سامهون الله پاڪ جي نعمتن جو ذڪر ڪرڻ بہ شڪر ادا ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي. (سورة الضحيٰ، آيت: ١١)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. مڪي جا مشرڪ پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪهڙا طعنا پيا ڏين؟
(الف) شاعر هئڻ جو (ب) جادوگر هئڻ جو (ج) وحي اچڻ جي بند ٿي وڃڻ جو

٢. سورة جي شروعات ۾ ڪنهن جو قسم کنيو ويو آهي؟
(الف) سج ۽ چنڊ (ب) ڏينهن ۽ رات (ج) زمين ۽ آسمان

٣. پاڻ سڳورن ﷺ جي امڙ سائڻ جي وفات کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪنهن پرورش ڪئي؟
(الف) عبدالمطلب (ب) ابو لهب (ج) عبدالله

۴. الله پاڪ پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪنهن جي مال جي ذريعي آسودو ۽ شاهوڪار ڪيو؟
(الف) حضرت حفصہ رضي الله عنها (ب) حضرت عائشہ رضي الله عنها (ج) حضرت بي بي خديجہ رضي الله عنها

۵. الله پاڪ جي نعمت جو ذڪر ماڻهن جي آڏو بيان ڪرڻ ڇا جو ذريعو آهي؟
(الف) تڪبر (ب) فڪر (ج) ڏيکاءُ

سوال ٢: هيٺ ڏنل جملن مطابق انهن سان واسطو رکندڙ آيتن جا نمبر لکو:

رب ناراض نہ ٿيو

رب جي نعمتن جو ذڪر ڪريو

اللهﷻ نڪاڻو عطا ڪيو

يتيم تي سختي نہ ڪريو

سواليءَ کي جهڻڪيو نہ

سوال٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:

(١) هيءَ سورة ڪهڙين حالتن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ تي نازل ٿي؟

(٢) هن سورة ۾ پاڻ سڳورن ﷺ تي الله پاڪ جي ڪهڙن احسانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

(٣) يتيمن سان اسان جو ڪهڙو سلوڪ هجڻ گهرجي؟

(٤) سوالين سان اسان جو ڪهڙو ورتاءُ هجڻ گهرجي؟

(٥) الله پاڪ جي نعمتن تي اسان جو ڪهڙو رويو هجڻ گهرجي؟

# سُوۡرَةُ الۡاِنۡشِرَاح

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي بلڪل شروعاتي دور ۾ سورة الضحيٰ کانپوءِ نازل ٿي. هن سورة ۾ الله پاڪ، نبي ڪريم ﷺ سان خصوصي خطاب فرمايو آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جي عزت ۽ عظمت جو ذڪر فرمائي رحمة للعالمين جن کي دلجاءِ ۽ آٿت ڏني وئي آهي. سورة الضحيٰ وانگر هن سورة ۾ به نبي ڪريم ﷺ تي الله پاڪ جي فضل ۽ احسان جو بيان ڪيو ويو آهي. شروعاتي آيتن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن تي عطا ڪيل ٽن وڏين نعمتن جو بيان ڪيل آهي. هڪ اها ته الله پاڪ پاڻ ڪريمن ﷺ جي سيني مبارڪ کي علم ۽ حڪمت، هدايت ۽ نبوت جون عظيم ذميواريون سنڀالڻ جي لاءِ ڪشادو ۽ وسيع ڪيو. ٻي اها ته پنهنجي قوم کي جهالت، ظلم ۽ ڏاڍ ۽ شرڪ ڪندو ڏسي نبي ڪريم ﷺ تي ڏک ۽ غم جو بار پئي پيو. الله پاڪ انهيءَ بار کي ختم فرمايو. ٽين اها ته نبي جي ذڪر مبارڪ کي الله پاڪ تمام گهڻو اونچو ۽ بلند فرمايو. يعني هاڻي الله پاڪ جي مبارڪ نالي سان گڏ پاڻ سڳورن ﷺ جو نالو مبارڪ به سدائين ورتو ويندو. جيئن ڪلمي، اذان ۽ نماز وغيره ۾ ورتو ويندو آهي. وري نبي سائين کي ٻڌايو ته جن ڏکين مرحلن مان پاڻ سڳورن ﷺ جن لنگهيا آهن، اهي ڪجهه ڏينهن لاءِ آهن ۽ انهن مشڪلاتن سان گڏ سنهنجايون ۽ سولائيون آهن. هن سورة جي آخر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي هدايت ڏني وئي آهي ته پاڻ اسلام جي دعوت پکيڙڻ جي جدوجهد ۽ جاکوڙ کان جڏهن واندا ٿيندا هجن ته پوءِ الله پاڪ جو ذڪر ۽ ان جي عبادت لاءِ وڏيڪ محنت ڪن.

| اَعُوۡذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيۡطٰنِ | الرَّجِيۡمِ |
|---|---|---|---|---|
| آئون الله جي پناهه تو گهران شيطان تڙيل کان | | | | |

| بِسۡمِ | اللّٰهِ | الرَّحۡمٰنِ | الرَّحِيۡمِ ○ |
|---|---|---|---|
| شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. | | | |

| اَلَمۡ | نَشۡرَحۡ | لَكَ | صَدۡرَكَ ۙ﴿۱﴾ | وَ وَضَعۡنَا | عَنۡكَ | وِزۡرَكَ ۙ﴿۲﴾ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| (اي نبي!) ڇا نه اسان کوليو تو لاءِ تنهنجو سينو؟ ۽ اسان لاٿو توکان تنهنجو بار | | | | | | |
| الَّذِيۡۤ | اَنۡقَضَ | ظَهۡرَكَ ۙ﴿۳﴾ | وَ رَفَعۡنَا | لَكَ | ذِكۡرَكَ ؕ﴿۴﴾ | |
| اهو جنهن ڀڃي ڇڏي هئي تنهنجي چيلهه ۽ اسان بلند ڪيو تو لاءِ تنهنجو ذڪر | | | | | | |
| فَاِنَّ | مَعَ | الۡعُسۡرِ | يُسۡرًا ۙ﴿۵﴾ | اِنَّ | مَعَ | الۡعُسۡرِ | يُسۡرًا ؕ﴿۶﴾ |
| پوءِ يقينن (هر) ڏکيائي سان گڏ سولائي آهي بيشڪ (هر) ڏکيائي سان گڏ سولائي آهي | | | | | | |
| فَاِذَا | فَرَغۡتَ | فَانۡصَبۡ ۙ﴿۷﴾ | وَ اِلٰى | رَبِّكَ | فَارۡغَبۡ ࣖ﴿۸﴾ | |
| پوءِ جڏهن تون (ﷺ تبليغ جي ذميواريءَ کان) واندو ٿئين ته (عبادت لاءِ) محنت ڪر ۽ پنهنجي رب ڏانهن دل لڳاءِ | | | | | | |

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. نيڪ ڪمن ۾ دل لڳڻ، الله پاڪ جي توفيق سان ٿئي ٿو. (سورة الانشراح، آيت: ١)
٢. الله پاڪ ئي نيڪي تي قائم رهڻ ۽ برائي کان بچڻ جي همت عطا ڪندو آهي. (سورة الانشراح، آيت: ١)
٣. الله پاڪ ئي اسان جي ڏکن ڏاکڙن کي ختم فرمائيندو آهي. (سورة الانشراح، آيت: ٢)
٤. نيڪ شخص پنهنجي قوم جي ڪفر ۽ جهالت تي تمام گهڻي غم ۽ پريشانيءَ ۾ هوندو آهي. (سورة الانشراح، آيتون: ٢ کان ٤)
٥. الله پاڪ وٽ انسان جو قدر نيڪ عملن جي ڪري وڌي ٿو. (سورة الانشراح، آيت: ٤)
٦. الله پاڪ، نبي ڪريم ﷺ کي دنيا ۽ آخرت ۾ نهايت اوچو مقام عطا فرمايو آهي. (سورة الانشراح، آيت: ٤)
٧. هر مشڪل سان گڏ آساني ٻه ايندي آهي. (سورة الانشراح، آيتون: ٥ کان ٦)
٨. سيئي مشڪلاتون ٿورڙي وقت لاءِ ايندڙيون آهن. تنهن ڪري انهن کان گهبرائڻ نه گهرجي. (سورة الانشراح، آيتون: ٥ کان ٦)
٩. واندي وقت جو بهترين استعمال الله پاڪ کي ياد ڪرڻ آهي. (سورة الانشراح، آيتون: ٧ کان ٨)
١٠. الله پاڪ ڏانهن سڏ (دعوت) ڏيڻ وارن کي الله پاڪ جي ياد گيريءَ ۽ عبادت جي لاءِ خاص محنت ڪرڻ گهرجي. (سورة الانشراح، آيتون: ٧ کان ٨)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال: ١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة ۾ نبي ڪريم ﷺ جن تي ڪيترن انعامن جو ذڪر آهي؟
(الف) ٻه (ب) ٽي (ج) چار

٢. هر مشڪل سان گڏ ڇا آهي؟
(الف) عذاب (ب) آساني (ج) الله پاڪ جو ناراضپو

٣. هن سورة ۾ الله پاڪ ڪنهن سان خطاب فرمايو آهي؟
(الف) سيني انسانن (ب) سيني مسلمانن (ج) نبي ڪريم ﷺ

٤. هڪ نيڪ شخص، ماڻهن بابت ڇا جي ڪري وڌيڪ پريشان هجي ٿو؟
(الف) بک (ب) بيماري (ج) گناهه

٥. هن سورة ۾ الله پاڪ، پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ڪهڙي شيءَ جو ذڪر فرمايو؟
(الف) امت (ب) خوبصورتي (ج) آٿت

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر کي لاڳاپيل جملن سان ليڪ ڏئي ملايو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ١ | پاڻ سڳورن ﷺ جو؟ ذڪر بلند فرمايو |
| آيت نمبر: ٢ | پاڻ سڳورن ﷺ جو بار لاٿو |
| آيت نمبر: ۴ | ڏکيائيءَ سان گڏ سنجهائي آهي |
| آيت نمبر: ٦ | رب جي پاسي لاڙو ڪريو |
| آيت نمبر: ٨ | پاڻ سڳورن ﷺ جو سينو ڪشادو فرمايو |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) سيني جي ڪشادگي (شرح صدر) مان ڇا مطلب آهي؟

(٢) پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿان ڪهڙو بار هو جيڪو الله پاڪ پنهنجي ٻاجهه سان لاهي ڇڏيو؟

(٣) الله پاڪ پاڻ سڳورن ﷺ جو ذڪر ڪيئن مٿانهون ڪيو؟

(۴) هن سورة جي آخر ۾ الله پاڪ نبي ڪريم کي ڪهڙي خاص هدايت فرمائي؟

(۵) هن سورة ۾ پاڻ سڳورن ﷺ تي ڪهڙن ڪهڙن انعامن جو ذڪر ڪيو آهي؟

# گهرو ڪم

١. هڪ چارٽ تي ”وَرَفَعۡنَا لَكَ ذِكۡرَكَ“ ترجمي سان لکوءِ ان ۾ رنگ ڀريو.

٢. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۾ ڪجهه شعر لکو.

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

٣. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي عبادتن جون ڪي ٻه چار ڪيفيتون بيان ڪريو؟



استاد جي صحيح: ______________ والدين/سرپرست جي صحيح: ______________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُالتِّــيْن

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچئين دور ۾ ان وقت نازل ٿي، جڏهن نبي ڪريم ﷺ پڌري ۽ کليل تبليغ ڪري رهيا هئا ۽ ڪافر پاڻ سڳورن ﷺ جي دعوت جي مخالفت ڪري رهيا هئا. انهيءَ سورة جي منڊ ۾ الله پاڪ چئن شين جو قسم کنيو آهي، جن مان گهڻو ڪري مختلف نبين سڳورن عليهم السلام جا علائقا مراد ورتي وڃي ٿي. مثال طور طور سينا مان مراد اهو جبل آهي جتي الله پاڪ حضرت موسيٰ عليه السلام سان ڪلام ڪيو ۽ امن واري شهر مان مراد مڪو پاڪ آهي، جتي نبي ڪريم ﷺ جي ولادت ٿي. ان کانپوءِ انسان جي ٻن مختلف ڪيفيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. پهرين ڪيفيت اها آهي ته انسان کي بهترين شڪل ۽ صورت ۾ پيدا ڪيو آهي، جنهن جو پڌرو ۽ اعليٰ مثال نبي سڳورا آهن. ٻي ڪيفيت اها آهي ته ماڻهو الله پاڪ جي نافرمانيءَ ۾ مبتلا ٿي ڪري نيچ ٿيو وڃن ۽ ذلت جي کڏ ۾ ڪريوپون ٿا. پر ايمان آڻڻ کانپوءِ نيڪ عمل ڪندڙ ماڻهو نه رڳو اهو ته هيٺاهينءَ ۾ ڪرڻ کان بچن ٿا پر الله پاڪ وٽ بهترين اجر ۽ ثواب جا حقدار بڻجن ٿا. سورة جي پڇاڙيءَ ۾ ٻن وڏين حقيقتن جو بيان آهي يعني آخرت تي سچيءَ دل سان يقين رکڻ ۽ الله پاڪ کي ئي سچو پچو حاڪم ۽ مالڪ مڃڻ.

اَعُوْذُ　بِاللّٰهِ　مِنَ　الشَّيْطٰنِ　الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ　اللّٰهِ　الرَّحْمٰنِ　الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَالتِّيْنِ　وَالزَّيْتُوْنِ ۙ (١)　وَطُوْرِ　سِيْنِيْنَ ۙ (٢)

قسم آهي انجير جو! ۽ زيتون جو ۽ طُور سينا جو

وَهٰذَا　الْبَلَدِ　الْاَمِيْنِ ۙ (٣)　لَقَدْ　خَلَقْنَا　الْاِنْسَانَ　فِيْٓ　اَحْسَنِ　تَقْوِيْمٍ ۫ (٤)

۽ هن امن واري شهر (مڪي) جو البت تحقيق اسان پيدا ڪيو انسان کي تمام سهڻي صورت ۾

ثُمَّ　رَدَدْنٰهُ　اَسْفَلَ　سٰفِلِيْنَ ۙ (٥)　اِلَّا　الَّذِيْنَ　اٰمَنُوْا　وَعَمِلُوا　الصّٰلِحٰتِ

پوءِ اسان موٽايو ان کي تمام هيٺ هيٺاهين کان ٻه مگر اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ انهن عمل ڪيا چڱا

فَلَهُمْ　اَجْرٌ　غَيْرُ　مَمْنُوْنٍ ۭ (٦)　فَمَا　يُكَذِّبُكَ　بَعْدُ　بِالدِّيْنِ ۭ (٧)

ته انهن لاءِ آهي اجر اڻ کٽ پوءِ (اي انسان!) ڪهڙي شيءِ ڪوڙي ڪرڻ تي (اياري) ٿي توکي هن کانپوءِ حساب ڪي؟

اَلَيْسَ　اللّٰهُ　بِاَحْكَمِ　الْحٰكِمِيْنَ ۧ (٨)

ڇا نه آهي الله وڏو حاڪم سڀني حاڪمن کان؟

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اهم ڳالهين تي زور ڏيڻ لاءِ قرآن مجيد ۾ الله پاڪ جي قسمن جو بيان آهي. (سورة التين، آيتون: ١ کان ٣)
٢. الله پاڪ مڪي پاڪ کي امن جو شهر ٻڌايو آهي، تنهن ڪري هن شهر ۾ ويڙهه ۽ جهيڙو جهٽو ڪرڻ ۽ ٻين ساهوارن کي ايذائڻ کان بچڻ گهرجي. (سورة التين، آيت: ٣)
٣. مخلوق مان پهريان ڀلي کان ڀلي نبي سڳورا عليهم السلام آهن. (سورة التين، آيتون: ١ کان ۴)
۴. الله پاڪ انسان کي سڀني مخلوق تي فضيلت عطا ڪئي آهي. (سورة التين، آيت: ۴)
۵. الله پاڪ انسان کي جسم سان گڏ روح به عطا ڪيو آهي ۽ ان کي بهترين مخلوق سڏيو آهي. (سورة التين، آيت:۴)
٦. جسم کي ڪاڏي وانگر روح کي به ڪاڏي جي ضرورت هوندي آهي ۽ اهو آهي ايمان ۽ چڱن عملن جو بندوبست ڪرڻ. (سورة التين، آيت: ۴)
٧. جيڪڏهن جسم جون ضرورتون مثلا ڪاڌي پيتي کي قابوءَ ۾ نه رکيو وڃي ته اهو انسان کي هيچ ٻڌائي ڇڏيندو آهي. (سورة التين، آيت: ۵)
٨. روح جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ يعني ايمان ۽ نيڪ عملن جي ذريعي انسان بهترين مقام ۽ مرتبو ماڻي سگهي ٿو. (سورة التين، آيت: ٦)
٩. آخرت جو انڪار ڪرڻ وارا روح جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ کان غافل رهندا آهن. (سورة التين، آيت:٧)
١٠. قيامت اچي رهندي ۽ الله پاڪ انهيءَ ڏينهن مڙني معاملن جو فيصلو ڪندو. (سورة التين، آيتون: ٧ کان ٨)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. انسان کي الله پاڪ ڇا ۾ تخليق ڪيو؟
(الف) هيناهينءَ جي تري ۾ (ب) سهڻي صورت ۾ (ج) مٽي ۾

٢. طور جبل جو تعلق ڪهڙي نبي سڳوري سان آهي؟
(الف) حضرت نوح عليه السلام (ب) حضرت ابراهيم عليه السلام (ج) حضرت موسيٰ عليه السلام

٣. نبي ڪريم ﷺ جن جو ذڪر ڪنهن جو قسم کڻي ڪري ڪيو ويو آهي؟
(الف) امن واري شهر (ب) زيتون (ج) طور جبل

۴. هن سورة ۾ ڪنهن کي امن وارو شهر سڏيو ويو آهي؟
(الف) طائف (ب) مدينو (ج) مڪو

۵. ايمان ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن لاءِ ڪهڙو اجر آهي؟
(الف) عزت وارو (ب) نه ختم ٿيندڙ (ج) تمام پلو

سوال ٢: هيٺ ڏنل لفظن مطابق انهن سان واسطو رکندڙ آيتن جا نمبر لکو.




سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هن سورة ۾ ڪهڙين شين جا قسم کنيا ويا آهن؟

(٢) سڀ مخلوق ۾ انسان جو ڪهڙو خاص مقام آهي؟

(٣) هن سورة ۾ انسان جي ڪهڙين ٻن مختلف ڪيفيتن جو ذڪر آهي؟

(٤) هن سورة جي آخر ۾ ڪهڙين ٻن حقيقتن جو بيان آهي؟

(٥) بهترين صورت جو حقيقي مثال ڪير آهن؟

# گهرو ڪم

١. هن سورة جي شروع ۾ الله پاڪ جن شين جا قسم کنيا آهن، انهن جون تصويرون ٺاهي وضاحت ڪريو.
٢. هڪ چارٽ تي نيڪيءَ جي ڏهن ڪمن ۽ گناهن جي ڏهن ڪمن جي فهرست ٺاهيو ۽ پنهنجي گهرڀاتين کي نيڪي ڪرڻ ۽ گناهه کان بچڻ جي ترغيب ڏيو.
٣. قرآن شريف مان بهترين ۽ ٻڇڙن انسانن جا ٽي مثال ڏيو.

| بهترين انسان | بڇڙا انسان |
| --- | --- |
| ______ | ______ |
| ______ | ______ |
| ______ | ______ |
| ______ | ______ |
| ______ | ______ |
| ______ | ______ |
| ______ | ______ |
| ______ | ______ |
| ______ | ______ |



استاد جي صحيح: ______ والدين/سرپرست جي صحيح: ______

# سُوْرَةُالْعَلَق

## پهرين وحي جو قصو

پهرين وحي جي نازل ٿيڻ جا تفصيل حديثن جي سيني ڪتابن ( مثلا: صحيح بخاريءَ ۾ صحيح مسلم وغيره) ۾ بيان ٿيل آهن. انهيءَ تفصيل مطابق جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن جي ڄمار مبارڪ چاليهه ورهيه ٿي ته پاڻ سڳورن ﷺ تي نبوت ظاهر ٿيڻ جي شروعات ائين ٿي جو نبي ڪريم ﷺ جن کي سچا خواب اچڻ لڳا. پاڻ جيڪي به خواب ڏسندا هئا ته ائين ئي ٿيندو هو جڻ ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڏسندا هجن. پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اڪيلائي رهڻ لڳا. پاڻ پنهنجو ڪاڌو ۽ پاڻي کڻي وڃي ڪيئي ڪيئي ڏهاڙا غار حرا ۾ ويندا هئا. هڪ ڏينهن جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن غار حرا ۾ هئا ته حضرت جبرائيل ؑ پهريون ڀيرو آيو ۽ هن پاڻ سڳورن ﷺ جن کي چيو ته پڙهو. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته آءُ ته پڙهيل نه آهيان. جنهن تي ملائڪ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي پنهنجي سيني سان لڳائي زور ڏنو. اهو زور نبي ڪريم ﷺ جي لاءِ سهڻ مشڪل ٿي پيو ۽ پوءِ حضرت جبرائيل ؑ ڪين ڇڏيو ۽ چيو ته پڙهو پاڻ سڳورن ﷺ ٻيهر فرمايو ته مان پڙهيل ڪو نه آهيان. ملائڪ وري ٻيهر پاڻ سڳورن ﷺ کي سيني سان لڳائي ڏاڍو زور ڏنو جو پاڻ سڳورن ﷺ جن لاءِ برداشت ڪرڻ مشڪل ٿي پيو ۽ پوءِ وري ڇڏي ڏنو ۽ ڪين چيائين ته پڙهو. نبي ڪريم ﷺ جن وري فرمايو ته مان پڙهيل ڪو نه آهيان، تنهن تي ملائڪ ٽيون ڀيرو پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڏاڍو زور ڏنو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي لاءِ سهڻ ڏکيو ٿي پيو. پوءِ ڪين ڇڏي چيائون ته پڙهو. ان ڪانپوءِ ملائڪ نبي ڪريم ﷺ جن کي هن سورة جون شروعاتي پنج آيتون پڙهايون. اهڙيءَ طرح قرآن شريف جي نازل ٿيڻ جي شروعات ٿي وئي.

پوءِ جڏهن نبي ڪريم ﷺ گهر پهتا ته مٿن گهٻراهٽ طاري هئي. پاڻ ﷺ فرمايو ته مون کي ڪمبل اوڍايو مون کي ڪمبل اوڍايو. پاڻ سڳورن ﷺ جي گهر واري حضرت بيبي خديجه ؓ ڪين ڪمبل اوڍايو. ايستائين جو سندن پريشاني ختم ٿي وئي. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ سڄي ڳالهه حضرت بيبي خديجه ؓ کي ٻڌائي ۽ فرمايائون ته مون کي پنهنجي جان جو ڊپ آهي. حضرت بيبي خديجه ؓ ڪين آٿت ۽ دلجاءِ ڏني ته هرگز ائين نه ٿيندو. الله جو قسم! الله پاڪ اوهان کي ڪڏهن ضايع ڪو نه فرمائيندو. اوهان مٽن مائٽن، غريبن مسڪينن جي مدد ڪندا آهيو مهمان جي مهماني ڪندا آهيون ۽ حق جو ساٿ ڏيندا آهيو. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي بيبي صاحبه پنهنجي ڀقيءَ جي پٽ (ڀقات) ورقه بن نوفل وٽ وٺي وئي. هو انجيل جو عالم هو ۽ تمام گهڻو پوڙهو ٿي چڪو هو. هن ٻڌايو ته اوهان تي اهو ئي ملائڪ وحي کڻي آيو آهي. جيڪو حضرت موسيٰ ؑ ۽ حضرت عيسيٰ ؑ وٽ ايندو رهيو آهي. ورقه بن نوفل، پاڻ سڳورن ﷺ کي رسالت عطا ٿيڻ جي خوشخبري ڏني. هن نبي ڪريم ﷺ جن کي اهو به ٻڌايو ته سگهوئي اوهان جي قوم اوهان کي مڪي مان تڙي (ڪڍي) ڇڏيندي. نبي ڪريم ﷺ جن (تعجب وچان پڇيو) ته ڇا منهنجي قوم مونکي ڪڍي ڇڏيندي ۽ ورقه بن نوفل چيو ته بيشڪ ڪڍي ڇڏيندي ڇو ته جڏهن به ڪو شخص الله پاڪ جي پاران سچو پيغام ۽ سچو دين کڻي آيو آهي ته جيئن اوهان کڻي آيا آهيو ته سندس قوم ساڻس دشمني ڪئي آهي ۽ تڪليف پهچائي آهي. جيڪڏهن مان جيئرو رهيس ته اوهان جي گهڻي مدد ڪندس. پر ورقه بن نوفل جلد ئي وفات ڪري ويو. سورة العلق جون پهريون پنج آيتون قرآن مجيد جي پهرين وحي هئي جيڪا پاڻ سڳورن ﷺ تي نازل ٿي، پوءِ لڳاتار ٽيويهن (٢٣) سالن تائين پاڻ سڳورن ﷺ تي قرآن شريف ٿورو ٿورو نازل ٿيندو رهيو.

# سُوْرَةُالْعَلَق

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هن سورة جون پهريون پنج آيتون نبي ڪريم ﷺ تي غار حرام ۾ قرآن مجيد جي پهرين وحي جي صورت ۾ نازل ٿيون (صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم) سورة جو بقايا حصو ڪجهه سالن کانپوءِ نازل ٿيو. سورة جون شروعاتي پنجن آيتن ۾ علم جي اهميت کي پڌرو ڪيو ويو آهي. ان کانپوءِ آخرت کان غافل انسان جو ڪردار بيان ڪيو ويو آهي. پوءِ ابو جهل جي باري ۾ ذڪر آهي جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ کي خانہ ڪعبہ ۾ نماز پڙهڻ کان جهليندو هو. سورة جي آخر ۾ الله پاڪ جي پاران ابوجهل جي انهيءَ عمل تي خراب انجام کان ڊيڄاريو ويو آهي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهہ تو گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِىْ خَلَقَ ۚ ① خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ۚ ②

پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان اهو جنهن پيدا ڪيو ان پيدا ڪيو انسان کي رت جي دڳ مان

اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۙ ③ الَّذِىْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۙ ④ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ؕ ⑤

پڙهہ ۽ تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي اها ذات جنهن (علم) سيکاريو قلم سان ان سيکاريو انسان کي جيڪو ڪجهہ نہ اهو ڄاڻندو هو

كَلَّآ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰٓى ۙ ⑥ اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰى ؕ ⑦

يقينن بيشڪ انسان البت سرڪشي ڪندو آهي (هن لاءِ) تہ اهو ڏسي تو پاڻ کي بي پرواهہ

اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى ؕ ⑧ اَرَءَيْتَ الَّذِىْ يَنْهٰى ۙ ⑨

بيشڪ تنهنجي رب ڏانهن ئي موٽي وڃڻو آهي ڇا تو ڏٺو اهو ماڻهو (ابوجهل) جيڪو روڪي ٿو

عَبْدًا اِذَا صَلّٰى ؕ ⑩ اَرَءَيْتَ اِنْ كَانَ عَلَى الْهُدٰٓى ۙ ⑪

هڪ ٻانهي (محمد ﷺ) کي جڏهن اهو نماز پڙهي ٿو؟ ڀلا ٻڌاءِ تہ جيڪڏهن هجي اهو (نمازي) هدايت تي

اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى ؕ ⑫ اَرَءَيْتَ اِنْ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰى ؕ ⑬ اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ؕ ⑭

يا اهو حڪم ڪري پرهيزگاري جو؟ ڀلا ٻڌاءِ تہ (نماز کان روڪڻ واري) جيڪڏهن ان ڪوڙ ڪيو (حق کي) ۽ منهن موڙيو؟ ڇا نہ تو اهو ڄاڻي تہ بيشڪ الله ڏسي تو (ان کي)؟

كَلَّا لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ ۙ۬ لَنَسْفَعًۢا بِالنَّاصِيَةِ ۙ ⑮

خبردار! البت جيڪڏهن نہ اهو رڪيو (تہ) اسان ضرور گهليندا سون (ان کي) پيشاني جي وارن کان (وٺي ڪري)

نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ۚ ⑯ فَلْيَدْعُ نَادِيَهٗ ۙ ⑰ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ۙ ⑱

(اها) پيشاني ڪوڙي گناهگار (آهي) پوءِ ڀل تہ اهو سڏي پنهنجي ڪچهري (وارن) کي جلد اسان بہ سڏينداسون جهنم جي فرشتن کي

كَلَّا ؕ لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ ۩ ⑲

خبردار! نہ تون تابعداري ڪر ان جي ۽ سجدو ڪر ۽ (الله جي) ويجهڙائي حاصل ڪر

السجدة

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان کي هر چڱي ۽ نيڪ ڪم جي شروعات الله پاڪ جي نالي يعني بسم الله پڙهي ڪرڻ گهرجي. (سورة العلق، آيت: ١)
٢. انسان جي عظمت جو هڪ سبب ڪيس الله پاڪ پاران علم جو عطا ڪرڻ آهي. (سورة العلق، آيتون: ١ ڪان ٥)
٣. الله پاڪ پنهنجن ٻانهن تي نهايت ٻاجهه ڪرڻ وارو آهي. (سورة العلق، آيت: ٣)
٤. الله پاڪ قلم کي علم سکڻ جو هڪ ذريعو بڻايو آهي. (سورة العلق، آيت: ٤)
٥. الله پاڪ ئي انسان کي سڀئي علم سيکاريا آهن. (سورة العلق، آيت: ٥)
٦. دنيا ۾ خراب عملن جي سزا نه ملڻ تي اڪثر انسان الله پاڪ جي نافرماني ۽ سرڪشي ڪندا آهن. (سورة العلق، آيتون: ٦ ڪان ٧)
٧. الله پاڪ جي آڏو جوابدار هجڻ جو احساس، انسان کي خراب عملن کان حفاظت ۾ رکندو آهي. (سورة العلق، آيت: ٨)
٨. الله پاڪ اسان جي هرچڱي ۽ خراب عمل کي ڏسي پيو. (سورة العلق، آيت: ١٤)
٩. الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ وارن کي سخت سزا کان ڊيڄاريو ويو آهي. (سورة العلق، آيتون: ١٥ ڪان ١٨)
١٠. سجدي جي حالت ۾ ٻانهو الله پاڪ کي تمام گهڻو ويجهو ٿي ويندو آهي.

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. انسان کي الله پاڪ ڪهڙيءَ شئي مان پيدا فرمايو؟

(الف) پاڻيءَ مان (ب) ٻاهه مان (ج) رت جي ڏڳ مان

٢. هن سورة ۾ پڙهڻ جو حڪم ڪيترا ڀيرا ڏنو ويو آهي؟

(الف) هڪ (ب) ٻه (ج) ٽي

٣. الله پاڪ انسان کي ڇاجي وسيلي علم سيکاريو؟

(الف) قلم جي وسيلي (ب) جنن جي وسيلي (ج) نفس جي وسيلي

٤. انسان جي سرڪشيءَ جو هڪ سبب ڪهڙو آهي؟

(الف) نبيءَ تي يقين نه هئڻ (ب) دنيا تي ويساهه نه هجڻ (ج) آخرت تي يقين نه هجڻ

٥. انسان جي عظمت ڪهڙي شيءَ جي حاصل ڪرڻ ۾ آهي؟

(الف) شهرت (ناما چاري) (ب) علم (ج) دولت

**سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر ۾ ان سان لاڳاپيل لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو.**

| | |
|---|---|
| آيت نمبر: ١ | سجدو ڪرڻ |
| آيت نمبر: ۴ | رب ڏانهن واپسي |
| آيت نمبر: ٨ | رب جي نالي سان پڙهڻ |
| آيت نمبر: ١٠ | نماز پڙهڻ |
| آيت نمبر: ١٩ | قلم ۽ علم |

**سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:**

(١) انسان سرڪشيءَ ڇو ڪندو آهي؟

(٢) هن سورة ۾ هڪ خراب انسان جو پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪهڙي ڪم کان منع ڪرڻ جو ذڪر آهي؟

(٣) هن سورة ۾ بيان ڪيل الله پاڪ جي نافرمان انسان جون ڪي به ٻه برايون لکو؟

(۴) هن سورة ۾ بيان ڪيل الله پاڪ جي فرمانبردار انسان جون ڪي به ٻه خوبيون بيان ڪريو؟

(۵) انسان الله پاڪ سان ڪهڙيءَ حالت ۾ سڀ کان ويجهو هوندو آهي؟

# سُوْرَةُ الْقَدْر

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ نازل ٿي، هن سورة ۾ قدر واري رات جي عظمت ۽ اهميت جو بيان آهي. نبي ڪريم ﷺ جي امت جون عمريون ٿي گذريل امتن جي ڀيٽ ۾ جيئڻ ته ٿوريون آهن. انهيءَ ڪري هن امت جا عمل ٻين امتن جي عملن جي برابر نه پيا ٿي سگهن. جن جون ڄمارون وڏيون هيون. پوءِ الله پاڪ نبي ڪريم ﷺ جي امت کي قدر واري رات (شب قدر) عطا فرمائي جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. انهيءَ رات جي عظمت جو سبب قرآن جو نازل ٿيڻ آهي. قدر جي معنيٰ عزت ۽ شرف ڪانسواءِ تقدير به آهي. هن رات ۾ الله پاڪ جي پاران هڪ رمضان کان ٻئي رمضان تائين سڄي مخلوق جي لاءِ مقرر ٿيل حڪم فرشتن جي حوالي ڪيا ويندا آهن. الله پاڪ هن رات ۾ مڪمل قرآن لوح محفوظ کان دنيا جي آسمان تي نازل فرمايو. پوءِ اتان کان ٢٣ سالن جي عرصي ۾ حضرت جبرائيل عليه السلام جي ذريعي نبي ڪريم ﷺ تي ٿورو ٿورو ڪري نازل فرمايو ويو. نبي ڪريم ﷺ قدر واري رات کي رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي پنجن اڪي راتين (٢١،٢٣،٢٥،٢٧،٢٩) ۾ ڳولڻ جي تلقين فرمائي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته جنهن قدر واري رات ۾ ايمان ۽ احتساب (پڇاڻي) سان قيام ڪيو ته الله پاڪ انهيءَ جا پويان گناهه معاف ڪري ڇڏيندو. (صحيح بخاري) قدر واري رات ۾ نبي ڪريم ﷺ جن معافي گهرڻ جي هيءَ دعا سيکاري آهي:

”اللّٰهُمَّ إِنَّكَ عُفُوٌّ كَرِيمٌ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّي“ ”يا الله! بيشڪ تون معاف ڪندڙ آهين. تون معافيءَ کي پسند ڪرين ٿو بس تون مون کي معاف ڪري ڇڏ.“ (صحيح بخاري)

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |

آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان ترڙيل کان

| | | | |
|---|---|---|---|
| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ۚ ① وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ؕ ②

بيشڪ اسان نازل ڪيو ان (قرآن) کي ليلة القدر ۾ ۽ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي ڇا آهي ليلة القدر؟

لَيْلَةُ الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ؕ ③ تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ

ليلة القدر وڌيڪ ڀلي آهي هڪ هزار مهينن کان. لهندا آهن فرشتا ۽ روح (جبرائيل) ان (رات) ۾ پنهنجي رب جي حڪم سان

مِنْ كُلِّ اَمْرٍ ۛ ④ سَلٰمٌ ۛ قف هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ۧ ⑤

سيني ڪمن لاءِ سلامتيءَ واري آهي اها (رات) ايستائين جو قتي باک

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله پاڪ قدر واري رات ۾ قرآن شريف نازل فرمايو. (سورة القدر آيت: ١)
٢. قدر واري رات جي فضيلت جو سبب انهيءَ رات ۾ قرآن مجيد جو نازل ٿيڻ آهي. (سورة القدر آيت: ١)
٣. قدر واري رات نهايت عظمت ۽ اهميت واري رات آهي. (سورة القدر آيتون: ١ کان ٣)
٤. الله پاڪ قدر واري رات ۾ قرآن شريف نازل فرمائي دنيا جي تقدير مٿائي ڇڏي (سورة القدر آيتون: ١ کان ٣)
٥. قدر واري رات، رمضان شريف جي آخري ڏهاڪي جي اڪي راتين مان هڪ رات هوندي آهي. (تعارف سورة القدر)
٦. اسان کي قدر واري رات جي اهميت کي سمجهندي هن رات ۾ الله پاڪ جي تمام گهڻي عبادت ڪرڻ گهرجي. (سورة القدر آيتون: ٢ کان ٣)
٧. قدر واري رات ۾ اسان کي تمام گهڻائيءَ سان استغفار ۽ دعائون ڪرڻ گهرجن. (سورة القدر آيتون:٢ کان ٣)
٨. قدر واري رات جي عبادت جو اجر ۽ ثواب هزار مهينن جي عبادت کان بہ گهڻو آهي. (سورة القدر آيت: ٣)
٩. قدر واري رات ۾ الله پاڪ جي حڪم سان حضرت جبرائيل عليه السلام ۽ ٻيا ملائڪ ڪيترن ڪمن جي انتظام جي لاءِ لهندا آهن. (سورة القدر آيت: ٤)
١٠. الله پاڪ قدر واري رات کي امن ۽ سلامتيءَ جي رات بڻايو آهي. (سورة القدر آيت: ٥)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. قدر جي معنيٰ ڇا آهي؟
(الف) عزت (ب) رات (ج) قدرت

٢. قدر واري رات رمضان جي آخري ڏهاڪي جي ڪهڙين راتين مان هڪ رات هوندي آهي؟
(الف) اڪي (ب) ٻڌي (ج) سيئي

٣. قدر واري رات جي عظمت ۽ اهميت جو ڪهڙو سبب آهي؟
(الف) رمضان (ب) روزو (ج) قرآن مجيد

٤. قدر واري رات ۾ عبادت جو ثواب ڪيتري عبادت کان وڌيڪ آهي؟
(الف) هزار سالن جي عبادت کان (ب) هزار مهينن جي عبادت کان (ج) هزار ڏينهن جي عبادت کان

٥. قدر واري رات ۾ الله پاڪ جي حڪم سان ڪير هيٺ لهندا آهن؟
(الف) انسان (ب) ملائڪ (ج) جن

سوال ٢: هيٺ ڏنل لفظن مطابق انهن سان واسطو رکندڙ آيتن جا نمبر لکو.

| | |
|---|---|
| | هزار مهينن کان ڀلي رات |
| | ملائڪن جو لهي اچڻ |
| | قدر واري رات (شب قدر) |
| | قرآن جو نازل ٿيڻ |
| | سلامتيءَ واري رات |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) قدر واري رات ڪمن جي انتظامن لاءِ ڪير لهندا آهن؟

(٢) قدر واري رات جي ڪهڙي فضيلت آهي؟

(٣) الله پاڪ قرآن شريف کي ڪهڙيءَ طرح نازل فرمايو؟

(٤) قدر واري رات ڪيستائين سلامتيءَ جي رات آهي؟

(٥) قدر واري رات ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

# گهرو ڪم

١. هڪ چارٽ تي قدر واري رات جي دعا ۽ ان جو ترجمو سهڻي نموني سان لکي گهر ۾ لڳايو.

٢. اسان کي قدر واري رات ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي, لکو

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٣. پنهنجي پيءُ ماءُ کان پڇا ڪري قرآن شريف جي اهميت جي باري ۾ پنج ڳالهيون لکو.




١ ________________

٢ ________________

٣ ________________

٤ ________________

٥ ________________

استاد جي صحيح: ________________ والدين/سرپرست جي صحيح: ________________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُ الْبَيِّنَة

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو نشان:

جڏهن سورة البينہ نبي ڪريم ﷺ تي نازل ٿي چڪي تہ حضرت جبرائيل عليہ السلام عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! الله پاڪ اوهان کي حڪم فرمايو آهي تہ اوهان هيءَ سورة ابي بن ڪعب رضي الله عنہ کي پڙهي ٻڌايو. (ابي بن ڪعب رضي الله عنہ تمام پلو قاري هو). حضرت ابي رضي الله عنہ اها ڳالهہ ٻڌي حيرت وچان عرض ڪرڻ لڳو ڇا الله پاڪ اوهان کي منهنجو نالو وٺي اهو فرمايو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ بيشڪ. تہ ابي بن ڪعب رضي الله عنہ اهو ٻڌي (خوشيءَ وچان) روئڻ لڳو. (بخاري، مسلم) هن سورة ۾ هي ٻڌايو ويو آهي تہ الله پاڪ قومن کي ڪفر ۽ شرڪ جي گمراهيءَ مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجي رسولن سڳورن عليهم السلام کي واضح تعليمات سان موڪليو. پوءِ اهو سمجهايو ويو آهي تہ جيڪي ماڻهو رسول ۽ ڪتاب جي اچڻ کانپوءِ بہ هدايت جي واٽ نٿا وٺن اُهي الله پاڪ وٽ نهايت بڇڙا ماڻهو آهن. اهڙن ماڻهن جي لاءِ جهنم آهي. انهن جي ابتڙ جن هدايت جو رستو اختيار ڪيو اهي بهترين آهن. اهڙن ماڻهن جي لاءِ جنت ۽ الله پاڪ جي رضا آهي.

| بِسۡمِ | اللّٰهِ | الرَّحۡمٰنِ | الرَّحِيۡمِ ○ |
|---|---|---|---|
| شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. | | | |

| اَعُوۡذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيۡطٰنِ | الرَّجِيۡمِ |
|---|---|---|---|---|
| آئون الله جي پناهہ ٿو گهران شيطان تڙيل کان | | | | |

لَمۡ يَكُنِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ وَالۡمُشۡرِكِيۡنَ مُنۡفَكِّيۡنَ حَتّٰى تَاۡتِيَهُمُ الۡبَيِّنَةُ ۙ﴿۱﴾

نہ هئا اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو اهلِ ڪتاب مان ۽ مشرڪن (مان) مڙڻ وارا (پنهنجي ڪفر کان) ايستائين (جو) اچي انهن وٽ چٽو دليل

رَسُوۡلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتۡلُوۡا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ۙ﴿۲﴾ فِيۡهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ؕ﴿۳﴾

(يعني) هڪ رسول الله طرفان اهو پڙهي ٻڌائي صحيفا پاڪ انهن (صحيفن) ۾ احڪام هجن سڌا سنوان.

وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ اِلَّا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جَآءَتۡهُمُ الۡبَيِّنَةُ ؕ﴿۴﴾

۽ نہ جدا ٿيا اهي ماڻهو جيڪي ڏنا ويا ڪتاب (ڪڏهن بہ) مگر ان کان پوءِ جو آيو انهن وٽ چٽو دليل

وَمَاۤ اُمِرُوۡۤا اِلَّا لِيَعۡبُدُوا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ ۙ حُنَفَآءَ

حالانڪہ نہ اهي حڪم ڏنا ويا مگر هي تہ اهي عبادت ڪن الله جي خالص ڪندي ان لاءِ عبادت هڪ طرفو ٿي

وَيُقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَ يُؤۡتُوا الزَّكٰوةَ وَذٰلِكَ دِيۡنُ الۡقَيِّمَةِ ؕ﴿۵﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ وَالۡمُشۡرِكِيۡنَ

۽ اهي قائم ڪن نماز ۽ ڏين زڪوات ۽ اهو آهي دين سڌي سنئين (ملت) جو بيشڪ اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو اهلِ ڪتاب مان ۽ مشرڪن (مان)

فِىۡ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا ؕ اُولٰٓئِكَ هُمۡ شَرُّ الۡبَرِيَّةِ ؕ﴿۶﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا

(اهي هوندا) جهنم جي باهہ ۾ اهي هميشہ رهندا ان ۾ اهي ماڻهو آهن تمام بڇڙا ساري خلق کان. بيشڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمۡ خَيۡرُ الۡبَرِيَّةِ ؕ﴿۷﴾ جَزَآؤُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ

۽ انهن عمل ڪيا چڱا اهي ماڻهو آهن تمام ڀلا ساري خلق کان انهن جو بدلو آهي سندن رب وٽ باغ هميشہ رهڻ وارا وهن ٿيون ان جي هيٺان نهرون

خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنۡ خَشِىَ رَبَّهٗ ﴿۸﴾

اهي هميشہ رهندا ان ۾ ابد تائين راضي ٿيو الله انهن کان ۽ اهي راضي ٿيا ان (الله) کان اهو (بدلو) ان ماڻهو لاءِ آهي جيڪو ڊڄو پنهنجي رب کان

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. الله پاڪ پاران چٽو دليل اچي وڃڻ کانپوءِ حق ۽ باطل ۾ فرق پڌرو ٿي وڃي ٿو. (سورة البينہ آيت:١)
٢. الله پاڪ، نبي ڪريم ﷺ جن کي موڪليو پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن کي قرآن شريف جا سچا حڪم پڙهائيندا هئا. (سورة البينہ آيتون: ١ کان ٣)
٣. الله پاڪ جي هدايت کي جاڻي ٻجهي نظرانداز ڪري انسان ڪفر ۽ شرڪ ۾ ڦاسي پوي ٿو. (سورة البينہ آيت:٤)
٤. سيني نبين سڳورن عليهم السلام جو هڪڙو ئي دين هو يعني رڳو هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ. (سورة البينہ آيت:٥)
٥. سيني نبين سڳورن عليهم السلام پنهنجن قومن کي رڳو هڪ الله پاڪ جي مڪمل عبادت ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا. (سورة البينہ آيت:٥)
٦. سيئي نبي سڳورا عليهم السلام پنهنجن قومن کي نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪواة ادا ڪرڻ جو حڪم فرمائيندا هئا. (سورة البينہ آيت:٥)
٧. ڪفر ۽ شرڪ ڪندڙ هميشہ دوزخ جي باهہ ۾ رهندا. (سورة البينہ آيت:٦)
٨. ڪفر ۽ شرڪ ڪندڙ سيئي مخلوق ۾ خراب ماڻهو آهن. (سورة البينہ آيت:٦)
٩. ايمان وارا ۽ چڱا ڪم ڪرڻ وارن سان الله پاڪ خوش ٿئي ٿو ۽ اهي ئي مخلوق مان سيني کان سٺا ماڻهو آهن. (سورة البينہ آيتون: ٧ کان ٨)
١٠. جيڪو شخص الله پاڪ کان ڊڄندي پنهنجي حياتي گذاري ٿو الله پاڪ ان کان راضي ٿي وڃي ٿو. (سورة البينہ آيت:٨)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. اهل ڪتاب مان مراد ڪير آهن؟
(الف) هندو ۽ سک (ب) يهودي ۽ عيسائي (ج) پارسي ۽ ٻڌ

٢. هن سورة ۾ بينہ مان ڇا مراد آهي؟
(الف) حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ انجيل (ب) حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ تورات (ج) حضرت محمد ﷺ ۽ قرآن

٣. سيني نبين سڳورن عليهم السلام پنهنجين قومن کي ڪهڙي ڳالهہ جو حڪم ڏنو؟
(الف) حج ڪرڻ جو (ب) روزا رکڻ جو (ج) هڪ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ جو

٤. هن سورة ۾ ڪافرن کي ڇا چيو ويو آهي؟
(الف) شر البرية (ب) خير البرية (ج) المنافق

٥. جنت ۽ الله پاڪ جي رضا ماڻڻ جا ڪهڙا وسيلا آهن؟
(الف) سير ۽ تفريح (ب) ايمان ۽ نيڪ عمل (ج) نافرماني ۽ سرڪشي

سوال ۲: هيٺ ڏنل آيت نمبر کي واسطو ڏيندڙ لفظن سان ليڪ ڏئي ملايو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر : ۱ | ايمان ۽ نيڪ عمل |
| آيت نمبر : ۳ | اهل ڪتاب |
| آيت نمبر : ۵ | هميشه رهندڙ باغ |
| آيت نمبر : ۷ | نماز ۽ زڪواة |
| آيت نمبر : ۸ | مضبوط حڪم |

سوال ۳: هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(۱) دنيا مان ڪفر ۽ شرڪ ختم ڪرڻ لاءِ الله پاڪ ڪهڙو انتظام فرمايو؟

______________________________

______________________________

(۲) الله پاڪ ڪنهن کي بڇڙي مخلوق سڏيو آهي؟

______________________________

______________________________

(۳) الله پاڪ جي مخلوق مان بهترين ماڻهن جون صفتون لکو؟

______________________________

______________________________

(۴) هن سورة ۾ نيڪ ماڻهن جي لاءِ ڪهڙن انعامن جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

______________________________

______________________________

(۵) هن سورة ۾ اسلام جي رڪنن مان ڪهڙن ٻن رڪنن جو ذڪر آهي؟

______________________________

______________________________

# گهرو ڪم

١. هڪ چارٽ ٺاهي شر البرية ۽ خير البرية جي ڪردار ۽ انجام جي ڀيٽ ڪريو.

٢. شرڪ هڪ تمام وڏو گناهه آهي، جنهن سان الله پاڪ ناراض ٿيندو آهي. يهودين ۽ عيسائين ۽ مڪي جي مشرڪن ڪهڙو شرڪ ڪيو لکو؟

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٣. قرآن ۾ چوويهن (٢٦) نبين سڳورن عليهم السلام جا نالا آيا آهن. انهن مان ٻارهن نبين سڳورن عليهم السلام جا نالا ڳولي هيٺ ڏنل چارٽ ۾ لکو.



استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُ الزِّلْزَال

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ جي زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ نازل ٿي، حديث مبارڪ ۾ آهي ته هڪ پوڙهي شخص نبي ڪريم ﷺ کي قرآن پڙهائڻ لاءِ عرض ڪيو، هن اهو به عرض ڪيو ته مان وڏيون وڏيون سورتون ياد نٿو ڪري سگهان تنهن ڪري اوهان مون کي هڪ مختصر ۽ جامع سورة پڙهايو ته پاڪ سڳورن ﷺ ان کي سورة الزلزال پڙهائي. (ابو دائود) هن سورة کي نبي ڪريم ﷺ جن اڌ قرآن جي برابر سڏيو آهي. (ترمذي) هن سورة ۾ الله پاڪ قيامت جون حالتون بيان ڪيون آهن ته زمين سخت زلزلي جي ڪري لوڏي ويندي اها الله پاڪ جي حڪم تي اندر واريون سڀئي شيون يعني خزانا ۽ انسانن کي ٻاهر ڪيندي ۽ پنهنجي مٿان ٿيل سڀئي ڳالهيون بيان ڪندي. انهيءَ ڏينهن سڀئي انسان پنهنجي ننڍڙي کان ننڍڙي نيڪي يا گناهه سڀ ڏسندا.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناهه ته گهران شيطان تڙيل کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ① وَ اَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا ②

جڏهن ڌوڏي ويندي زمين پنهنجي سخت ڌوڏجڻ سان ۽ ٻاهر ڪيندي زمين پنهنجا بار

وَ قَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ③ يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ④

۽ چوندو انسان ڇا ٿيو آهي ان کي؟ ان ڏينهن اها بيان ڪندي پنهنجون خبرون

بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ⑤ يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا

هن لاءِ ته بيشڪ تنهنجو رب وحي (حڪم) ڪندو ان کي ان ڏينهن موٽندا ماڻهو ڌار ڌار ٿي

لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ⑥ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ⑦

جيئن اهي ڏيکارن پنهنجا عمل. پوءِ جيڪو عمل ڪندو ذري جيترو چڱو (ته) اهو ڏسندو ان کي.

وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ⑧

۽ جيڪو عمل ڪندو ذري جيترو بڇڙو ته اهو ڏسندو ان کي

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. قيامت جي ڏينهن زمين ۾ سخت زلزلو ايندو. (سورة الزلزال، آيت:١)
٢. قيامت جي ڏينهن سيئي انسان قبرن مان ڪڍيا ويندا. (سورة الزلزال، آيت:٢)
٣. قيامت جي ڏينهن حالتون ڏسي ڪري آخرت جا انڪاري انسان تعجب ڪندا. (سورة الزلزال، آيت:٣)
٤. اسان جي عملن جي هڪ شاهد زمين بہ آهي. (سورة الزلزال، آيتون:٣ کان ۴)
٥. زمين قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي حڪم تي انسانن جون سيئي ڳالهيون (احوال) بيان ڪندي (سورة الزلزال، آيتون: ۵ کان ۵)
٦. قيامت جي ڏينهن عملن جي لحاظ کان چڱن ۽ خراب ماڻهن کي جدا جدا ڪيو ويندو. (سورة الزلزال، آيت:٧)
٧. قيامت جي ڏينهن ماڻهن کي سندن عمل ڏيکاريا ويندا. (سورة الزلزال، آيت:٧)
٨. اسان جو هر قول ۽ عمل محفوظ آهي ۽ قيامت جي ڏينهن انهيءَ جو نتيجو نڪرندو. (سورة الزلزال، آيتون: ٧ کان ٨)
٩. قيامت جي ڏينهن هر نيڪي حاضر هوندي، تنهن ڪري ڪنهن بہ نيڪي کي معمولي سمجهي ڪري ڇڏڻ نہ گهرجي. (سورة الزلزال، آيت:٧)
١٠. قيامت جي ڏينهن ڪو بہ گناهہ پڪڙ جو سبب بڻجي سگهي ٿو تنهن ڪري ڪنهن بہ گناهہ کي معمولي سمجهي نہ ڪرڻ گهرجي. (سورة الزلزال، آيت:٨)

# اسان ڇا سمجهيو؟

**سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو**

١. هن سورة ۾ ڪنهن جو ذڪر آهي؟
(الف) تيز طوفان (ب) سخت زلزلو (ج) ساموندي طوفان

٢. قيامت جي ڏينهن زمين ڪنهن کي ٻاهر ڪڍي اڇلائيندي؟
(الف) چڱن ماڻهن کي (ب) خراب ماڻهن کي (ج) سڀني ماڻهن کي

٣. هن سورة ۾ انساني عملن تي ڪنهن جي شاهدي ڏيڻ جو ذڪر آهي؟
(الف) جسماني عضون (ب) ملائڪن (ج) زمين

۴. قيامت جي ڏينهن انسان ڇا ڏسندو؟
(الف) پنهنجا سيئي عمل (ب) پنهنجا چڱا عمل (ج) پنهنجا خراب عمل

۵. قيامت جي ڏينهن انسان ڪنهن تي حيران ٿيندو؟
(الف) جنتن جي نعمتن تي (ب) زمين جي حالت تي (ج) جهنم جي هيبت ۽ دهشت تي

سوال ٢: هيٺ ڏنل لفظن مطابق انهن سان واسطو رکندڙ آيتن جا نمبر لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | زمين جا بار | |
| | | خبرن جو حال احوال | |
| | | ذري برابر نيڪي | |
| | | ذري برابر برائي | |
| | | سخت زلزلو | |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو.

(١) هن سورة ۾ قيامت جو ڪهڙو منظر بيان ڪيو ويو آهي؟

___

___

(٢) هن سورة ۾ معمولي نيڪين ۽ گناهن جي باري ۾ ڇا بيان ڪيو ويو آهي؟

___

___

(٣) قيامت جي ڏينهن زمين ڪان شاهدي ڇو ورتي ويندي؟

___

___

(٤) قيامت جي ڏينهن زمين ڪهڙيون خبرون چارون ڏيندي؟

___

___

(٥) هن سورة جي روشنيءَ ۾ چٽو ڪري ٻڌايو ته زمين جي بار مان ڇا مطلب آهي؟

___

___

# گهرو ڪم

١. روزاني زندگيءَ جون ڪي نيڪيون لکو جن کي اسان معمولي سمجهي ڇڏي ڏيندا آهيون.

---

---

٢. روزاني زندگيءَ جون ڪي برايون لکو جن کي اسان معمولي سمجهي ڪري ويهندا آهيون.

---

---

٣. زلزلي سان ٿيندڙ تباهيءَ جون ڪجهه تصويرون گڏ ڪري هيٺ لڳايو.

استاد جي صحيح: ____________  والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُ الْعٰدِيٰت

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ نازل ٿي. هن سورة ۾ گهوڙن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. عرب جا ماڻهو گهوڙي کي مختلف ڪمن جي لاءِ استعمال ڪندا هئا. گهوڙو نهايت وفادار جانور آهي جيڪو پنهنجي مالڪ جي هر حڪم تي عمل ڪندو آهي. انهيءَ ڳالهه جو حوالو ڏئي ڪري الله پاڪ جي فرمانبرداريءَ جي تلقين ڪئي وئي آهي. سورة جي مهڙ ۾ الله پاڪ گهوڙن جا قسم کنيا آهن. گهوڙا پنهنجي مالڪ جا فرمانبردار ۽ شڪر گذار هوندا آهن. جڏهن ته انسان پنهنجي مالڪ جا نافرمان ۽ ناشڪرا آهن. انهيءَ ناشڪريءَ جو اصلي سبب مال سان تمام گهڻي محبت آهي. مال جي محبت جو علاج آخرت کي ياد رکڻ ۾ آهي. جڏهن ماڻهن جون نيتون ۽ سيئي عمل آڏو آندا ويندا.

| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |
|---|---|---|---|---|
| آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان | | | | |

| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |
|---|---|---|---|
| شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. | | | |

| وَالْعٰدِيٰتِ | ضَبْحًا ﴿١﴾ | فَالْمُوْرِيٰتِ | قَدْحًا ﴿٢﴾ |
|---|---|---|---|
| قسم آهي ڊوڙندڙ (گهوڙن) جو! ڦوڪارا هڻندي پوءِ چڻنگون ڪيندڙن جو (پٿرن تي) سنب هڻي | | | |
| فَالْمُغِيْرٰتِ | صُبْحًا ﴿٣﴾ | فَاَثَرْنَ | بِهٖ | نَقْعًا ﴿٤﴾ |
| پوءِ حملو ڪندڙن جو صبح جي وقت پوءِ اهي اٿارين ٿا ان وقت دز کي | | | | |
| فَوَسَطْنَ | بِهٖ | جَمْعًا ﴿٥﴾ | اِنَّ | الْاِنْسَانَ | لِرَبِّهٖ | لَكَنُوْدٌ ﴿٦﴾ |
| پوءِ اهي ڪاهي پون ٿا ان وقت (دشمن جي) فوج ۾ بيشڪ انسان پنهنجي رب جو وڏو ناشڪرو آهي | | | | | | |
| وَاِنَّهٗ | عَلٰى | ذٰلِكَ | لَشَهِيْدٌ ﴿٧﴾ | وَاِنَّهٗ | لِحُبِّ | الْخَيْرِ | لَشَدِيْدٌ ﴿٨﴾ |
| ۽ بيشڪ اهو هن ڳالهه تي (پاڻ ٻه) البت شاهد آهي ۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ (ٻه) يقينن وڏو سخت آهي | | | | | | | |
| اَفَلَا | يَعْلَمُ | اِذَا | بُعْثِرَ | مَا | فِي | الْقُبُوْرِ ﴿٩﴾ |
| ڇا پوءِ نه ٿو اهو ڄاڻي جڏهن اٿاريا ويندا جيڪي قبرن ۾ آهن؟ | | | | | | |
| وَحُصِّلَ | مَا | فِي | الصُّدُوْرِ ﴿١٠﴾ | اِنَّ | رَبَّهُمْ | بِهِمْ | يَوْمَئِذٍ | لَّخَبِيْرٌ ﴿١١﴾ |
| ۽ ظاهر ڪيو ويندو جيڪو ڪجهه سينن ۾ آهي بيشڪ انهن جو رب انهن (جي حال) کان ان ڏينهن يقينن گهڻي خبر رکندڙ هوندو | | | | | | | | |

# اهم نقطا

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. گهوڙا پنهنجي مالڪ جي فرمانبرداري ڪندا آهن پر انسان پنهنجي مالڪ يعني الله پاڪ جي ناشڪري ڪندو رهندو آهي. (سورة العاديات، آيتون: ١ کان ٦)
٢. گهوڙا پنهنجي مالڪ جي لاءِ ساهه قربان ڪري ڇڏيندا آهن. اسان کي حق جي خاطر هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. (سورة العاديات، آيتون: ١ کان ٥)
٣. اسان کي گهوڙن مان سبق پرائيندي پنهنجي مالڪ يعني الله پاڪ جي فرمانبرداريءَ ڪرڻ گهرجي. (سورة العاديات، آيتون: ١ کان ٦)
٤. اسان کي الله پاڪ جو شڪر گذار هئڻ گهرجي. (سورة العاديات، آيت: ٦)
٥. هر انسان پنهنجي ناشڪري ۽ نافرمانيءَ کان واقف هجي ٿو. (سورة العاديات، آيت:٧)
٦. الله پاڪ جي ناشڪريءَ جو هڪ سبب انسان جي مال سان گهڻي محبت هجڻ آهي. (سورة العاديات، آيت:٨)
٧. اسان کي وڌ کان وڌ الله پاڪ سان محبت ڪرڻ گهرجي. (سورة العاديات، آيت:٨)
٨. مال سان تمام گهڻي محبت ڪرڻ جو علاج قيامت کي ياد رکڻ ۾ آهي. (سورة العاديات، آيت:٩)
٩. قيامت جي ڏينهن ماڻهن جون نيتون ۽ سينن جا راز سڀ ظاهر ڪيا ويندا. (سورة العاديات، آيت:١٠)
١٠. الله پاڪ اسان جي عملن کان چڱيءَ ريت واقف آهي، تنهن ڪري اسان کي خراب عملن کان بچڻ گهرجي. (سورة العاديات، آيت:١١)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. سورة جي شروعات ۾ ڇا جا قسم کنيا ويا آهن؟
(الف) هوائن جا (ب) ملائڪن جا (ج) گهوڙن جا

٢. هن سورة ۾ خير مان ڇا مطلب آهي؟
(الف) ڀلائي (ب) مال (ج) قرآن مجيد

٣. مرڻ کانپوءِ اسان سان ڇا ٿيندو؟
(الف) ٻيهر اٿاريو ويندو ب) مٽي بڻايو ويندو (ج) ڪڏهن نه اٿاريو ويندو

٤. هن سورة ۾ آخرت جي ڪهڙي شيءِ ظاهر ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟
(الف) اعمال ناما (ب) زمين جا خزانا (ج) سينن جا راز

٥. قبرن مان ڪنهن کي اٿاريو ويندو؟
(الف) رڳو نيڪ ماڻهن کي (ب) سڀني انسانن کي (ج) رڳو برن ماڻهن کي

سوال ٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر ۾ ان سان واسطو رکندڙ لفظن ۾ هڪ جهڙو رنگ ڀريو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر : ١ | حملو ڪندڙ گھوڙا |
| آيت نمبر : ٣ | ڊوڙندڙ گھوڙا |
| آيت نمبر : ۵ | دشمن جي فوج ۾ ڪاهي پوندڙ گھوڙا |
| آيت نمبر : ٦ | مال سان تمام گهڻي محبت |
| آيت نمبر : ٨ | انسان جي ناشڪري |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(١) هن سورة ۾ گھوڙن جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن؟

________________________________________

________________________________________

(٢) هن سورة ۾ الله پاڪ گھوڙن جا قسم ڇو کنيا آهن؟

________________________________________

________________________________________

(٣) هن سورة ۾ انسان جي ڪهڙين ڪوتاهين جو ذڪر آهي؟

________________________________________

________________________________________

(۴) هن سورة ۾ الله پاڪ جي ڪهڙين صفتن جو ذڪر آهي؟

________________________________________

________________________________________

(۵) انسان ڪهڙي شئي سان تمام گهڻي محبت ڪري ٿو؟

________________________________________

________________________________________

# گهرو ڪم

١. مال جي محبت سان انسان ۾ برايون پيدا ٿينديون آهن. انهن جي هڪ فهرست ٺاهيو.

___

٢. گهوڙن جي باري ۾ قرآن شريف مان وڌيڪ ڪو ٻيو هنڌ ڳوليو. گهوڙن جا ڪي ٻه ٽي فائدا لکو؟

___

٣. الله پاڪ جون ڏنل ڪجهه نعمتون لکو جن تي اسان کي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.




استاد جي صحيح: ___ والدين/سرپرست جي صحيح: ___

# سُوۡرَةُ الۡقَارِعَة

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هي سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ نازل ٿي، هن سورة ۾ قيامت جون حالتون بيان ڪيون ويون آهن. آخرت تي ايمان، ماڻهن جي عملن تي سڀ کان گهڻو اثر انداز ٿيندو آهي. هن سورة ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن انسانن جي عملن کي توريو يعني انهن جو وزن ڪيو ويندو. جن ماڻهن جي نيڪ عملن جو وزن ڳروهوندو اهي ڪامياب هوندا ۽ جن جي نيڪ عملن جو وزن هلڪوهوندو اهي ناڪام هوندا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| اَعُوۡذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ |

آئون الله جي پناهہ ٿو گهران شيطان تڙيل کان

| | | | |
|---|---|---|---|
| بِسۡمِ | اللّٰهِ | الرَّحۡمٰنِ | الرَّحِيۡمِ ○ |

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اَلۡقَارِعَةُ ۙ﴿۱﴾ | مَا | الۡقَارِعَةُ ۚ﴿۲﴾ | وَمَاۤ | اَدۡرٰىكَ | مَا الۡقَارِعَةُ ؕ﴿۳﴾ |

کڙڪائيندڙ ڇا آهي (اها) کڙڪائيندڙ! ۽ (اي نبي!) ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي (تہ) ڇا آهي (اها) کڙڪائيندڙ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| يَوۡمَ | يَكُوۡنُ | النَّاسُ | كَالۡفَرَاشِ | الۡمَبۡثُوۡثِ ۙ﴿۴﴾ |

جنهن ڏينهن ٿيندا ماڻهو (ائين) جيئن پروانو ٽڙيل پکڙيل

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| وَتَكُوۡنُ | الۡجِبَالُ | كَالۡعِهۡنِ | الۡمَنۡفُوۡشِ ؕ﴿۵﴾ | فَاَمَّا | مَنۡ | ثَقُلَتۡ | مَوَازِيۡنُهٗ ۙ﴿۶﴾ |

۽ ٿيندا جبل (ائين) جيئن رنگا رنگي ان پڃيل پوءِ پر جنهن ماڻهو جا ڳرا ٿيا ان (جي عملن) جا پڙ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| فَهُوَ | فِيۡ | عِيۡشَةٍ | رَّاضِيَةٍ ؕ﴿۷﴾ | وَاَمَّا | مَنۡ | خَفَّتۡ | مَوَازِيۡنُهٗ ۙ﴿۸﴾ |

پوءِ اهو پسند ڪيل زندگي ۾ هوندو ۽ پر جنهن ماڻهو جا هلڪيا ٿيا ان (جي عملن) جا پڙ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| فَاُمُّهٗ | هَاوِيَةٌ ؕ﴿۹﴾ | وَمَاۤ | اَدۡرٰىكَ | مَاهِيَهۡ ؕ﴿۱۰﴾ | نَارٌ | حَامِيَةٌ ﴿۱۱﴾ |

پوءِ ان جو ٺڪاڻو هاويہ (کڏ) هوندي ۽ ڪهڙي شيءِ خبر ڏني توکي ڇا آهي اها (هاويہ؟) (اها) باهہ آهي تمام گرم

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. قيامت جو ٿيڻ پڪي ڳالھ آهي. (سورة القارعة, آيتون: ١ کان ٤)
٢. قيامت جو ڏينهن هيبت جو ڏينهن هوندو. (سورة القارعة, آيتون: ٥ کان ٥)
٣. قيامت جي ڏينهن انسان پروانو وانگر ٽڙيا پکڙيا پيا هوندا هر هڪ کي پنهنجي ڳڻتي هوندي, ڪنهن ٻئي جي سڌ ئي ڪو نه هوندي (سورة القارعة, آيت: ٤)
٤. قيامت جي ڏينهن انسانن جي عملن جو وزن ڪيو ويندو. (سورة القارعة, آيتون: ٦ کان ٨)
٥. دنيا ۾ ڪيل عملن جو نتيجو آخرت ۾ ضرور ملندو. (سورة القارعة, آيتون:٦ کان ٩)
٦. نيڪيون ڪاميابيءَ جو ذريعو آهن. اسان کي آخرت ۾ ڪاميابيءَ جي لاءِ چڱن عملن ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (سورة القارعة, آيت:٦)
٧. نيڪ عمل ڪندڙ آخرت ۾ خوش هوندا. (سورة القارعة, آيت:٧)
٨. برائي ناڪاميءَ جو ذريعو آهي. اسان کي آخرت ۾ ناڪاميءَ کان بچڻ جي لاءِ برائين کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. (سورة القارعة, آيت:٨)
٩. بڇڙا عمل ڪندڙ آخرت ۾ سخت عذاب ۾ هوندا. (سورة القارعة, آيتون: ٨ کان ١١)
١٠. دوزخ جي ڀڙڪندڙ باهه تمام سخت آهي, اسان کي ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. القارعة مان ڇا مطلب آهي؟
(الف) ڀڙڪندڙ باهه　(ب) قيامت جو ڏينهن　(ج) قرآن پڙهڻ واري

٢. قيامت جي ڏينهن انسانن جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟
(الف) اڏامندڙ جبلن جيان　(ب) رنگارنگي پڃيل ان وانگر　(ج) ٽڙيل پکڙيل پتنگ وانگر

٣. قيامت جي ڏينهن جبل ڇا وانگر هوندا؟
(الف) اڏامندڙ دز (ڌوڙ)　(ب) رنگارنگي پڃيل ان وانگر　(ج) ٽڙيل پکڙيل پروانا

٤. آخرت جي ڏينهن انسان جي عملن کي ڇا ڪيو ويندو.
(الف) ورهايا ويندا　(ب) توريا ويندا　(ج) ڪم ڪو نه ايندا

٥. جنت وارن جي نيڪ عملن جا پُڙ ڪيئن هوندا؟
(الف) خالي　(ب) ڳرا　(ج) هلڪا

سوال٢: هيٺ ڏنل آيت نمبر کي واسطو رکندڙ لفظن سان ليڪ ڏئي ملايو.

| | |
|---|---|
| آيت نمبر : ٢ | پتنگن وارن ٽڙيل پکڙيل انسان |
| آيت نمبر : ۴ | رنگارنگي پڃيل اُنَ وانگر اڏامندڙ جبل |
| آيت نمبر : ۵ | تمام وڏي کڙ کائيندڙ قيامت |
| آيت نمبر : ٨ | هاويہ |
| آيت نمبر : ١٠ | هلڪا پلڙا |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(١) قيامت جي ڏينهن انسان ۽ جبل ڪهڙي حال ۾ هوندا.

(٢) آخرت ۾ انسانن جي عملن کي ڪيئن جانچيو ويندو؟

(٣) هن سورة ۾ چڱن ۽ خراب انسانن جو ڪهڙو حشر بيان ڪيو ويو آهي؟

(۴) هن سورة ۾ جهنم جو ڪهڙو نالو ٻڌايو ويو آهي؟

(۵) آخرت تي ايمان جي اهميت بيان ڪريو؟

# گهرو ڪم

١. نبي ڪريم ﷺ جن جي ڪا ٻه هڪ حديث ڳولي لکو جنهن ۾ عملن جي تورڻ جو ذڪر هجي.

______________________________________________

______________________________________________

٢. نيڪين جي پُڙ کي وزني ڪرڻ وارن ڪن ٻه ڏهن ڪمن جي هڪ فهرست ٺاهيو.

١. ______________________ ٢. ______________________

٣. ______________________ ٤. ______________________

٥. ______________________ ٦. ______________________

٧. ______________________ ٨. ______________________

٩. ______________________ ١٠. ______________________

٣. قرآن شريف جون ڪي ٻه آيتون ڳوليو جن ۾ ”عمل تورڻ“ جو ذڪر هجي ۽ انهن جو حوالو هيٺ ڏنل چارٽ ۾ لکو.

**پهريون هنڌ**

سورة جو نالو : ______________

آيت نمبر : ______________

**ٻيو هنڌ**

سورة جو نالو: ______________

آيت نمبر : ______________

استاد جي صحيح: ______________ والدين/سرپرست جي صحيح: ______________

# اهم نقطا

# سُوْرَةُ التَّكَاثُر

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگي جي وچ واري دور ۾ نازل ٿي. هن سورة ۾ انسان جي مال ۽ دولت سان تمام گهڻي محبت ۽ آخرت جي غفلت جو ذڪر آهي. انسان جي انهيءَ ڪيفيت جي باري ۾ نبي ڪريم ﷺ جن فرمائيندا هئا ته جيڪڏهن ابن آدم وٽ سون جي هڪ وادي هجي ته هو ان ڳالهه کي پسند ڪندو ته وٽس (اهڙيون) ٻه واديون ٻيون ٿي وڃن ۽ (ٻڌو!) انسان جو وات (قبر جي) مٽيءَ کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ نٿي ڀري سگهي ۽ الله پاڪ انهيءَ جي توبهه قبول ڪندو آهي جيڪو توبهه ڪري. حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه حضرت انس رضي الله عنه سان بيان ڪري ٿو ته اسان انهن لفظن کي قرآن جو حصو ٿي سمجهندا هئاسين. ايستائين جو (الله پاڪ) هيءَ سورة نازل فرمائي. (صحيح بخاري)

هن سورة ۾ آخرت کان غافل انسان کي خراب نتيجي کان خبردار ڪيو ويو آهي. سورة جي آخر ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله پاڪ جون نعمتون آزمائش جو ذريعو آهن. انسانن کان انهن نعمتن جي باري ۾ آخرت ۾ پڇاڻو ٿيندو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اَعُوْذُ | بِاللّٰهِ | مِنَ | الشَّيْطٰنِ | الرَّجِيْمِ |

آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان

| | | | |
|---|---|---|---|
| بِسْمِ | اللّٰهِ | الرَّحْمٰنِ | الرَّحِيْمِ ○ |

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اَلْهٰكُمُ | التَّكَاثُرُ ۙ﴿١﴾ | حَتّٰى | زُرْتُمُ | الْمَقَابِرَ ؕ﴿٢﴾ |

غافل ڪيو توهان کي هڪ ٻئي کان گهڻائي جي حرص ايستائين (جو) توهان ڏٺو (يعني پهتو ته) قبرن ۾

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| كَلَّا | سَوْفَ | تَعْلَمُوْنَ ۙ﴿٣﴾ | ثُمَّ | كَلَّا | سَوْفَ | تَعْلَمُوْنَ ؕ﴿٤﴾ |

ائين نه ڪرڻ گهرجي جلد توهان ڄاڻندؤ. پوءِ ائين نه ڪرڻ گهرجي جلد توهان ڄاڻندؤ.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| كَلَّا | لَوْ | تَعْلَمُوْنَ | عِلْمَ | الْيَقِيْنِ ؕ﴿٥﴾ | لَتَرَوُنَّ | الْجَحِيْمَ ۙ﴿٦﴾ |

ائين (ڪڏهن به) نه آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو ها. ڄاڻڻ پڪو (ته ائين نه ڪريو ها) توهان ضرور ڏسندا جهنم کي

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ثُمَّ | لَتَرَوُنَّهَا | عَيْنَ | الْيَقِيْنِ ۙ﴿٧﴾ | ثُمَّ | لَتُسْـَٔلُنَّ | يَوْمَئِذٍ | عَنِ | النَّعِيْمِ ع﴿٨﴾ |

پوءِ توهان ضرور ڏسندا ان کي يقين جي اک سان پوءِ توهان ضرور پڇا ڪيا ويندؤ ان ڏينهن نعمتن جي بابت

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. انسان جي گهڻائي آخرت کان غافل رهندي آهي. (سورة التڪاثر، آيت:١)
٢. آخرت کان غفلت جو وڏو سبب دنيا سان محبت آهي. (سورة التڪاثر، آيت:١)
٣. دنيا جي محبت ۽ مال جي لالچ انسان جي مرڻ تائين وڌندي رهندي آهي. (سورة التڪاثر، آيت:٢)
٤. دنيا جي ڀيٽ ۾ آخرت وڌيڪ قيمتي آهي، اها حقيقت موت مهل ته انسان تي واضح ٿي ويندي. (سورة التڪاثر، آيت:٤)
٥. قيامت جي ڏينهن جڏهن ٻيهر جيئرو ڪيو ويندو ته انسان دنيا ۽ آخرت جي حقيقت ڄاڻي وٺندو. (سورة التڪاثر، آيتون:٣ کان ٤)
٦. آخرت جو يقين رکندڙ انهيءَ جي تياريءَ کان غافل ناهن هوندا. (سورة التڪاثر، آيت:٥)
٧. قيامت جي ڏينهن انسان کي جهنم ڏيکاريو ويندو جيڪو نافرمانن جو ٺڪاڻو آهي. (سورة التڪاثر، آيت:٦)
٨. قيامت جي ڏينهن نافرمان ماڻهو جهنم کي ڏسي ڪري ان جو يقين ڪندا. (سورة التڪاثر، آيت:٧)
٩. دنيا ۾ عطا ٿيندڙ نعمتون امتحان جو ذريعو آهن. (سورة التڪاثر، آيت:٨)
١٠. اسان کي الله پاڪ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. (سورة التڪاثر، آيت:٨)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. نعمتن جي باري ۾ سوال ڪٿي ٿيندو؟
(الف) دنيا ۾ (ب) آخرت ۾ (ج) قبر ۾

٢. هر نعمت تي انسان کي سڀ کان وڌيڪ ڪنهن جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي؟
(الف) الله پاڪ جو (ب) پيءُ ماءُ جو (ج) ماڻهن جو

٣. مال وڌيڪ گڏ ڪرڻ جي خواهش ڪيستائين جاري رهندي آهي؟
(الف) جواني تائين (ب) پوڙهپ تائين (ج) موت تائين

٤. هن سورة ۾ جهنم جو ڪهڙو نالو بيان ڪيو ويو آهي؟
(الف) الجحيم (ب) القارعة (ج) الحاقة

٥. هن سورة ۾ ڪهڙن ماڻهن جو بيان ڪيو ويو آهي؟
(الف) سٺن ماڻهن جو (ب) خراب ماڻهن جو (ج) اڳيون گذريل قومون

سوال ٢: هيٺ ڏنل لفظن مطابق انهن سان واسطو رکندڙ آيت جو نمبر لکو.

| | |
|---|---|
| | گهڻي مال جي خواهش |
| | جهنم کي ڏسڻ |
| | نعمتن جي باري پڇاڻو |
| | قبرن تائين پهچڻ |
| | يقيني علم حاصل ڪرڻ |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هن سورة ۾ انسان جي آخرت کان غفلت جو ڪهڙو سبب بيان ڪيو ويو آهي؟

(٢) انسانن تي آخرت جي اصل حقيقت ڪڏهن پڌري ٿيندي؟

(٣) هن سورة ۾ ايمان ۽ يقين جي ڪهڙن ٽن درجن جو بيان آهي؟

(٤) هن سورة ۾ نعمتن جي باري ۾ ڪهڙي حقيقت واضح ڪئي وئي آهي؟

(٥) دنيا جي محبت کان بچڻ جو ذريعو ڪهڙو آهي.

# گهرو ڪم

١. قبر بابت ڪي ٻه ٻه حديثون لکو.

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

______________________________

٢. قبر ۾ پڇيا ويندڙ تي سوال معلوم ڪري لکو.

______________________________

______________________________

______________________________

٣. هڪ فهرست ٺاهيو ته اسان کي دنيا ۾ ڪهڙين شين سان محبت هوندي آهي.




استاد جي صحيح: ______________ والدين/سرپرست جي صحيح: ______________

# سُوْرَةُالْعَصْر

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي ڪريم ﷺ تي مڪي زندگيءَ جي وچئين دور ۾ نازل ٿي، نبي ڪريم ﷺ جا اصحابي سڳورا رضي الله عنهم جڏهن پاڻ ۾ ملاقات ڪندا هئا ته هڪ ٻئي کان ايستائين ڌار ڪو نه ٿيندا هئا جيستائين اها سورة ڪو نه ٻڌائيندا هئا. (طبراني)

هن سورة جي عظمت جي باري ۾ امام شافعي رحمة الله عليه چوي ٿو جيڪڏهن ماڻهو رڳو هن هڪ سورة تي غور ۽ ويچار ڪن ته اها انهن جي هدايت جي لاءِ ڪافي آهي. قرآن شريف جون سورة العصر ۽ سورة الڪوثر سڀ کان ننڍيون سورتون آهن. يعني سورة الڪوثر ۽ سورة العصر. اهي ٻئي ٽن ٽن آيتن تي مشتمل آهن. سورة العصر جي شروعات ۾ الله پاڪ قسم کنيو آهي. قسم ڳالهه ۾ زور پيدا ڪرڻ ۽ شاهد ٻڌائڻ جي لاءِ کنيووينِدو آهي. تيزي سان گذرندڙ زماني جو قسم کڻي الله پاڪ فرمايو ته سڀئي انسان نقصان ۾ آهن. انهيءَ نقصان ۽ خساري کان اهي ماڻهو بچندا، جيڪي ايمان آڻين نيڪ عمل ڪن، پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي حق جي ڳالهه ٻڌائين، مصيبتن تي صبر ڪن ۽ نيڪيءَ تي جميا بيٺا رهن.

| الرَّحِيْمِ ○ | الرَّحْمٰنِ | اللهِ | بِسْمِ |
|---|---|---|---|
| شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. | | | |

| الرَّجِيْمِ | الشَّيْطٰنِ | مِنَ | بِاللهِ | اَعُوْذُ |
|---|---|---|---|---|
| آئون الله جي پناهه ٿو گهران شيطان تڙيل کان | | | | |

| الَّذِيْنَ | اِلَّا | خُسْرٍ ۙ﴿۲﴾ | لَفِيْ | الْاِنْسَانَ | اِنَّ | وَالْعَصْرِ ۙ﴿۱﴾ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| قسم آهي زماني جو! بيشڪ انسان البت وڏي نقصان ۾ آهي سواءِ انهن ماڻهن جي جن | | | | | | |

| بِالصَّبْرِ ﴿۳﴾ | وَتَوَاصَوْا | بِالْحَقِّ ۙ | وَتَوَاصَوْا | الصّٰلِحٰتِ | وَعَمِلُوا | اٰمَنُوْا |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ايمان آندو ۽ انهن عمل ڪيا چڱا ۽ هڪ ٻئي کي وصيت ڪئي حق جي ۽ هڪ ٻئي کي وصيت ڪئي صبر جي. | | | | | | |

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان جي حياتي نهايت تيزيءَ سان گذري رهي آهي. (سورة العصر, آيت:١)
٢. وقت انسان جي سڀ کان وڏي دولت آهي. (سورة العصر, آيت:١)
٣. اسان کي وقت جو قدر ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي فضول ڪمن ۾ وڃائڻ نه گهرجي. (سورة العصر, آيتون:١ کان ٢)
٤. وقت کي وڃائڻ وارا دنيا ۽ آخرت ۾ ناڪام هوندا آهن. (سورة العصر, آيتون: ١ کان ٢)
٥. آخرت جي نقصان کان بچڻ جي لاءِ ايمان, نيڪ عمل, حق جو بيان ۽ مشڪلاتن تي صبر ضروري آهي. (سورة العصر, آيت:٣)
٦. جيڪڏهن ڪنهن شخص ۾ سچو ايمان موجود هوندو ته انهيءَ جو عمل به نيڪ هوندو. (سورة العصر, آيت:٣)
٧. آخرت جي خساري کان بچڻ جي لاءِ انسان جو رڳو پاڻ نيڪ ٿيڻ ڪافي ناهي. (سورة العصر, آيت:٣)
٨. حق جي ڳالهه جي دعوت ڏيڻ تي مشڪلاتون ضروري آڏو اينديون آهن. (سورة العصر, آيت:٣)
٩. اسان کي مشڪلاتن ۾ همت هارڻ جي بدران صبر ڪرڻ گهرجي. (سورة العصر, آيت:٣)
١٠. ٻين کي جهنم جي باهه کان بچائڻ جي لاءِ حق جي ڳالهه جي دعوت ۽ تبليغ ڪرڻ هر مسلمان تي لازمي آهي. (سورة العصر, آيت:٣)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. هن سورة ۾ ڪنهن جو قسم کنيو ويو آهي؟
(الف) قيامت (ب) قرآن شريف (ج) زماني جو

٢. هن سورة ۾ خساري مان ڪهڙي مراد آهي؟
(الف) دنيا جو خسارو (نقصان) (ب) دنيا ۽ آخرت جو نقصان (ج) جان ۽ مال جو نقصان

٣. آخرت ۾ نقصان کان بچڻ جا ڪيترا شرط آهن؟
(الف) چار (ب) ٽي (ج) ٻه

٤. سچي ايمان جو ڪهڙو نتيجو آهي؟
(الف) سٺو گهر (ب) سٺو عمل (ج) سٺا ڪپڙا

٥. هن سورة جي روشنيءَ ۾ اسان کي حق جي نصيحت ۽ صبر جي تلقين ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟
(الف) اڪيلو اڪيلو (ب) ڪڏهن ڪڏهن (ج) گڏجي سڏجي

سوال ٢: هيٺ ڏنل لفظن مطابق ان سان واسطو رکندڙ آيتن جا نمبر لکو.




سوال ٣:هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) قسم ڇوڪنيو ويندو آهي؟

(٢) الله پاڪ سيني انسانن جي لاءِ ڪهڙي ڳالهه بيان فرمائي آهي؟

(٣) آخرت جي نقصان کان بچڻ جا ڪهڙا شرط آهن؟

(٤) ايمان ۽ نيڪ عمل سان گڏ، اسان کي وڏيڪ ڪهڙين ڳالهين جو حڪم آهي؟

(٥) صبر ڇا کي ٿو چئجي؟

# گهرو ڪم

١. نجات (چوٽڪاري) جي لاءِ چئن ڪمن کي سهٽن اکرن ۾ هڪ چارٽ تي لکو ۽ ان ۾ رنگ ڀريو.

٢. اصحابي سڳورن رضي الله عنهم جي سيرت مان ٻه مثال لکو جن نيڪيءَ جي واٽ تي هلندي مشڪلاتن کي منهن ڏنو.

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

٣. پنهنجي ڪاپيءَ ۾ هيٺ ڏنل سوال لکي ڪري پنهنجن ٽن دوستن کان انٽرويو وٺو.

| سوال | جواب |
|---|---|
| سوال.1:پنهنجي واندي وقت کي اوهان ڪيئن استعمال ڪندا آهيو؟ | |
| سوال.2:ڇا اوهان پنهنجي ڪيسي جي خرچيءَ مان ڪنهن غريب جي مدد ڪندا آهيو؟ | |
| سوال.3:ڇا اوهان پنهنجي پاڙيسري کي پنهنجي ڪنهن خوشيءَ ۾ شريڪ ڪندا آهيو؟ | |
| سوال.4:ڇا اوهان پنهنجا اهي ڪپڙا ۽ بوٽ جيڪي اوهان جي استعمال ۾ ناهن هوندا، ڪنهن ضرورتمند کي ڏئي ڇڏيندا آهيو؟ | |
| سوال.5:گذريل هفتي اوهان ڪيترن دوستن ۽ مٽن مائٽن کي چڱائيءَ جي دعوت ڏني؟ | |

استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

# سُوْرَةُ الْهُمَزَة

## تعارف ۽ نازل ٿيڻ جو شان:

هيءَ سورة نبي كريم ﷺ تي مكي زندگيءَ جي وچئين دور ۾ نازل ٿي. هن سورة ۾ مكي جي كافرن جي رويي جو ذكر كيو ويو آهي. آخرت كان غافل ۽ دنيا سان محبت كندڙ انسانن جو حال بيان كيو ويو آهي. اهڙو شخص ٻين جا عيب كڍندو آهي ۽ طعنا ڏيندو آهي. هو مال كي ڳڻي ڳڻي خرچ كندو آهي ۽ مال مان اميد ركندو آهي. اهڙي شخص كي الله پاك جي ڀڙكايل باھ ۾ وڌو ويندو اها باھ دلين تائين پهچي ويندي.

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

آئون الله جي پناھ تو گهران شيطان تڙيل كان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ۙ﴿١﴾ الَّذِىْ جَمَعَ مَالًا

تباهي آهي واسطي هر عيب ڳوليندڙ گلا كندڙ جي اهو جنهن گڏ كيو مال

وَّعَدَّدَهٗ ۙ﴿٢﴾ يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗٓ اَخْلَدَهٗ ۚ﴿٣﴾

۽ ڳڻي (ڳڻي) ركيو ان كي اهو ڀانئي تو (ته) بيشك ان جو مال هميشه رهائيندو ان كي

كَلَّا لَيُنْۢبَذَنَّ فِى الْحُطَمَةِ ۖ﴿٤﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ؕ﴿٥﴾

ائين نه آهي يقينن اهو ضرور اڇلايو ويندو حطمه ۾ ۽ كهڙي شيءِ خبر ڏني توكي (ته) ڇا آهي (اها) حطمه؟

نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ۙ﴿٦﴾ الَّتِىْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ ؕ﴿٧﴾ اِنَّهَا عَلَيْهِمْ مُّؤْصَدَةٌ ۙ﴿٨﴾

الله (تعاليٰ) جي باھ آهي ٻريل اها جيكي پهچي تي دلين تائين بيشك اها (باھ) انهن تي (هر طرف كان) دميل آهي

فِىْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ۧ﴿٩﴾

ڊگهن (ڊگهن) ٿنڀن ۾.

# علم ۽ عمل جون ڳالهيون

١. اسان کي ٻين جا عيب نہ ڪيڻ گهرجن. (سورة الهمزه، آيت:١)
٢. اسان کي گهرجي تہ ڪنهن کي بہ سندس برائيءَ تي طعنو ڏيڻ نہ گهرجي. (سورة الهمزه، آيت:١)
٣. اسان کي ٻين جي بدران پنهنجن عيبن کي ڳولي انهن جي اصلاح ڪرڻ گهرجي. (سورة الهمزه، آيت:١)
٤. اسان کي ٻين جو ذڪر چڱن لفظن ۾ ڪرڻ گهرجي. (سورة الهمزه، آيت:١)
٥. اسان کي ماڻهن سان سٺي اخلاق سان پيش اچڻ گهرجي. (سورة الهمزه، آيت:١)
٦. ٻين جا عيب ڪيڻ، طعنا ڏيڻ ۽ مال ڳڻي ڳڻي گڏ ڪري رکڻ، آخرت کان غافل انسان جون نشانيون آهن. (سورة الهمزه، آيتون: ١ کان ٤)
٧. الله پاڪ مال سان محبت ڪرڻ وارن کي پسند ناهي ڪندو. (سورة الهمزه، آيتون:٢ کان ٤)
٨. انسان جي عظمت، مال ۽ دولت جي بدران سٺن عملن ۽ ڪردار جي ڪري ٿئي ٿي. (سورة الهمزه، آيت:٣)
٩. جهنم جي باهہ، الله پاڪ جي ڀڙڪايل آهي، جيڪا ڏاڍي سخت آهي. (سورة الهمزه، آيت:٦)
١٠. آخرت کان غفلت ۽ مال سان محبت جو انجام جهنم جي سخت ڀڙڪندڙ باهہ آهي. (سورة الهمزه، آيتون: ٧ کان ٩)

# اسان ڇا سمجهيو؟

سوال:١. صحيح جواب تي درست جو نشان (✓) لڳايو

١. ويل جي ڇا معنيٰ آهي؟
(الف) غيبت (ب) بشارت (خوشخبري) (ج)تباهي

٢. الله پاڪ جي ڀڙڪايل باهہ ڪيستائين پهچي ويندي؟
(الف) منهن (ب) دلين (ج) دماغن

٣. حطمة مان ڇا مراد آهي؟
(الف) جهنم جي گرم چانو (ب) جهنم جو ابرندڙ پاڻي (ج) الله پاڪ جي ڀڙڪايل باهہ

٤. هن سورة ۾ ڪهڙي انسان جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟
(الف) نيڪ (ب) آخرت کان غافل (ج) الله پاڪ جو محبوب

٥. هن سورة ۾ ڊگهن ٿنڀن مان ڇا مراد آهي؟
(الف)جهنم جي وادي (ب) جهنم جي باهہ (ج) جهنم جي عمارت

سوال ٢: هيٺ ڏنل لفظن مطابق انهن اسان واسطو رکندڙ آيتن جا نمبر لکو.

| | |
|---|---|
| اوچن ٿنين واري باھ | |
| دلين تائين پهچندڙ باھ | |
| عيب ڪيندڙ ۽ طعنا ڏيندڙ | |
| مال گڏ ڪندڙ | |
| الله تعالیٰ جي ڀڙڪايل باھ | |

سوال ٣: هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(١) هن سورة ۾ انسان جي ڪهڙين برائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

(٢) جهنم جي باھ جون ڪهڙيون ڪيفيتون بيان ڪيون ويون آهن؟

(٣) هن سورة ۾ مال جي باري ۾ انسان جو ڪهڙو عملي نمونو بيان ڪيو ويو آهي؟

(٤) مال سان محبت ڪرڻ جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو آهي؟

(٥) جهنم جي باھ ڪيستائين پهچي ويندي؟

# گهرو ڪم

١. ٻاهه جو منظر ڏاهي، انهن برائين کي ظاهر ڪري لکو جن جي تباهيءَ جي نتيجو جهنم جي ٻاهه ڀڙايو ويو آهي.
٢. مال جي محبت کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو تي ڳالهيون لکو.

___________________________________________

___________________________________________

___________________________________________

٣. پنهنجين غلطين تي ٻين کان معافي ڪيئن وٺجي؟ پنهنجي دوستن سان گڏجي هيٺ ڏنل مثال وانگر مشق ڪريو




استاد جي صحيح: ____________ والدين/سرپرست جي صحيح: ____________

## قرآن شريف جو مطالعو شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ جي مڪمل نصاب جي سيڪڙو ۾ مڪمل ڄيڻ جي تفصيل

### حصو اول (مڪي سورتون) 5%

- سورة الفاتحه
- حضرت آدم عليه السلام جو قصو
- حضرت نوح عليه السلام جو قصو
- حضرت هود عليه السلام جو قصو
- حضرت صالح عليه السلام جو قصو
- حضرت لوط عليه السلام جو قصو
- حضرت شعيب عليه السلام جو قصو
- سورة الفيل کان سورة الناس

### حصو ٻيو (مڪي سورتون) 9%

- حضرت ابراهيم عليه السلام جو قصو
- حضرت موسيٰ عليه السلام جو قصو
- سورة النبا کان سورة الهمزه

### حصو ٽيون (مڪي سورتون) 12%

- سوره يوسف
- سورة الزخرف کان سورة الجاثيه
- سوره ق کان سورة الواقعه
- سورة الملڪ کان سورة المرسلات

### حصو چوٿون (مڪي سورتون) 17%

- سوره مريم کان سورة الحج
- سورة الفرقان کان سورة السجده
- سوره سبا کان سوره ص
- سورة الاحقاف

### حصو پنجون (مڪي سورتون) 25%

- سورة الانعام ۽ سورة الاعراف
- سوره يونس کان سورة الڪهف
- سورة المومنون
- سورة الزمر کان سورة الشوريٰ

### حصو ڇهون (مدني سورتون) 15%

- سوره بقره کان سورة آل عمران
- سورة الانفال ۽ سورة التوبه

### حصو ستون (مدني سورتون) 17%

- سورة النساءِ ۽ سورة المائده
- سورة النور ۽ سورة الاحزاب
- سوره محمد کان سورة الحجرات
- سورة الحديد کان سورة التحريم